# پهاڪن جي پاٻوهه

سهيڙ سنگهيڙ

**تيرٿداس پيسومل هاٿيراماڻي**

سنوار سڌار

**انجنيئر عبدالوهاب سهتو**

المنعم لائبرري لاڙڪاڻو

ڊجيٽل ايڊيشن:

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر**



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

## ڇپيل نسخي بابت ڄاڻ

ڇاپو: پهريون

سال: ١٩٧٣ع

ڪاپيون: ١٠٠٠

Title: Pahakan ji Paboha
Compiler: Tirathdas Pessumal Hathiramani
Printer: Pitamberdas Sahijram.
Press: Kothari Printer Works
Place of Publication: Bombay.
Year of Publication: 1973
Edition: 1st
Pages: 236
Price: Rs. 4-00
Series: Literature
Subject: Proverbs.
Total Pages: 240

اي ڇاپو: جولاءِ ٢٠١٦ع

المنعم لائبرري لاڙڪاڻو






Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

تچ پيٿ
سونهارن
سنڌين کي
جن کي ڏسي
منهنجا نيڻ
هميشہ پيا
ٺرن.


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan, 00923337516944

# سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت سنڌي ٻوليءَ جي ڪتابن جي ذخيري کي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچائڻ لاءِ **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** جو سلسلو شروع ڪيو آهي، ان سلسلي جو ڪتاب نمبر (226) **”پهاڪن جي پاٻوهہ“** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هن ڪتاب جو ليکڪ **تيرٿداس پيسومل هاٿيراماڻي** ۽ سهيڙيندڙ انجنيئر عبد الوهاب سهتو آهي. هي ڪتاب ١٩٤٣ع ڌاري، مؤلف طرفان هندستان مان ڇپيو هيو.

هي ڪتاب **المنعم لائبرري لاڙڪاڻي** پاران اي بوڪ ايڊيشن ۾ سندس ويب سائيٽ تي آندو ويو آهي. ٿورائتا آهيون سائين عبد الوهاب سهتي جا جنهن سافٽ ڪاپي موڪلي ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهہ وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# ٻه اکر

پهڪان ۽ چوڻين جي ڪتابن جي ڳولا ۽ تانگهه اسيءَ جي ڏهاڪي ۾ شروع ڪئي هيم. ڪجهه ڪتاب اصل حالت ۾ مليا، ڪي ته ڪو نه پئي ملي سگهيا. هن ڪتاب بابت مون کي ڄاڻ به محترم ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو صاحب جن ١٩٩٣ ڌاري ڏني ۽ ان جي فوٽو اسٽيٽ ڪاپي به پاڻ ئي ڏنائين. هي ڪتاب ١٩٤٣ع ڌاري، مؤلف طرفان هندستان مان ڇپيو هيو. هتي هاڻي ناپيد آهي. راقم وٽ ان جي فوٽو اسٽيٽ ڪاپي آهي، جنهن تان هيءُ ڪتاب سنواري سڌاري، ڪمپوز ڪري المنعم لائبرري لاڙڪاڻو طرفان نيٽ جي نذر ڪجي ٿو.

اصل ڪتاب اڄ تائين دستياب نه ٿي سگهيو آهي. اول ته اصل مسودي کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ ۾ ڪافي وقت لڳي ويو. جڏهن ان موضوع تي ڪافي ڪتاب ڪنا ٿيا ۽ نظر مان گذريا ته پوءِ ڪن ڪتابن جي لکڻ ڏانهن ڌيان ويو.

ان کان علاوه ڪن اوائلي ڪتابن ۾ اڄ جي لحاظ کان سنوار سڌار جي پڻ ضرورت محسوس ٿي. جن ۾ گل شڪر ۾ ڀيرين هٿ وڌو. ان کي سنواري سڌاري، ڇپايو. پهاڪن جي پيڙهه، الله بخش ٽالپر صاحب وارو نسخو پڻ سنواري سڌاري نيٽ تي رکيو. پهاڪن جي پاڙ، پيرومل صاحب وارو نسخو هٿ ۾ آهي. ان دوران هن ڪتاب جي نسخي جي سنوار سڌار جو ڪم به هٿ ۾ ڪنيو، جيڪو رب جي مهربانيءَ سان ڪنهن حد تائين مڪمل ڪري ڇڏيو آهي.

هن ڪتاب جي اصل مسودي اندر، پهاڪا، چوڻيون، اصطلاح، ورجيسون، گفتارون ۽ ورجيسي جملا، بلا امتياز پهاڪن جي نالي ۾ ئي داخل ڪيل هيا. لغت واري ترتيب پڻ ڏنل نه هئي. الف وارا پهاڪا الف وارن سان، ب وارا ب وارن سان رکيل هيا. ڪن داخلائن ۾ صورتختيءَ جون پڻ چڪون هيون، ڪن ۾ معنائن جون پڻ غلطيون ٿيل هيون. اهي سموريون اوڻايون پوڻايون هن مسودي اندر دور ڪيون ويون آهن ته جيئن ڪتاب اڄ جي پڙهندڙ يا محقق لاءِ دلچسپ، ڪارائتو ۽ لاڀائتو ٿي سگهي.

صورتختيءَ جي تصحيح ڪان پوءِ، لغت واري ترتيب هيٺ، داخلا جي جتي جاءِ بيهي پئي، ان کي اتي درج ڪيو ويو آهي. جتي ڪن پهاڪن جي تشريح جي ضرورت هئي يا سهيڙيندڙ جي ڏنل معنيٰ يا تشريح سان اختلاف نظر آيو پئي، سو پڻ فوٽ نوٽ ۾ واضح ڪيو ويو آهي. ان کان علاوه، جيڪي پهاڪا يا چوڻيون، سهيڙيندڙ مطلب ظاهر ڪرڻ جي لحاظ کان، چڱي نموني واضح نه ڪري سگهيو آهي، تن جي تشريح سنواريندڙ طرفان فوٽ نوٽ ۾ ڏني وئي آهي.

سهيڙيندڙ / مؤلف جي اصل احوال بابت گهڻي جاکوڙ ڪئي، پر حال احوال وڌيڪ نه ملي سگهيو. جڏهن ته ڪتاب جي آخر ۾ ڇپائيندڙ يا پرنٽر بابت هيٺين ڄاڻ ڏني وئي آهي.

Printed by: Pitamberdas Sahijram, at Kothari Printing Works, Sambara Chambers, Sir Phirozshah Mehta Road, Fort, Bombay-I. Tele: 265325-263988-582725 and Published by: Shri Tirahdas Pessumal Hathiramani, 141, Main Street, Colombo (Celoon).

البته انهن ڪتابن يا مضمونن منجهه، جن منجهه پهاڪن ۽ چوڻين جي ڪتابن بابت ڄاڻ ڏنل آهي، موصوف بابت ايترو لکيل آهي ته: ”پهاڪن جي پابوهه نالي ڪتاب لکيائين جنهن ۾ ١٨٠٠ کن پهاڪا ڪنا ڪري الفا بيٽ ترتيب تي رکيائين. ان کان علاوه هزارين پهاڪا ۽ چوڻيون پڻ ڪنا ڪيائين جيڪي ڇپجي نه سگهيا آهن.“

واضح رهي ته اصل مسودي ۾ داخلائن جو ڳاڻيٽو ٿيل/ ڏنل ناهي. ڪنهن به داخلا کي ڪو به نمبر ڏنل ناهي. هتي/ هن مسودي اندر، هر اکر جي پهاڪن کي، نمبر پڻ ڏنا ويا آهن. فهرست جوڙي، منجهس پڙهندڙن لاءِ، سهوليت خاطر، هر اکر سان شروع ٿيندڙ پهاڪن جو تعداد ۽ صفحو نمبر پڻ درج ڪيو ويو آهي. جنهن جي حساب سان هاڻي مڙني داخلائن جو تعداد ٢٣٣١ بيهي ٿو.

اميد ته ڪجي ته لوڪ ادب جي پارکوئن کي هن مسودي منجهان لاڀ حاصل ٿيندو ۽ وٽانئن چڱي موٽ ملندي.

**انجنيئر عبدالوهاب سهتو**



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# متن

## ( آ )

۱. **آپ سڪي، تہ جڳ سڪي. (چوڻي)**

۲. **آپ ڪري، سو ڪام. (چوڻي)**

آپ (پاڻ) جيڪو ڪم ڪجي ٿو، سو ئي ڪم آهي. ۲. ٻين تي ڀاڙڻ مان ڇا ورندو؟

۳. **آپ گهاتي، مها پاپي. (چوڻي)**

آپ گهات (پاڻ کي پاڻيهي مارڻ)، مها (وڏو) پاپ آهي.

۴. **آپ مريئي، سرڳ نہ جاءِ. (پهاڪو)**

پاڻ کي مارڻ (من کي ماري قابو ڪرڻ) کانسواءِ سرڳ ۾ وڃي ڪو نہ سگهبو.

۵. **آپ نہ پالي، پالي ڏون، چوڪر چائو، ڏڪان ڏون. (پهاڪو)**

آپ: پاڻ کي. ڏون: ٻئي کي.

٦. **آپ-چي خور-چي، ٻئي کي چوي: مونکي ڪاءُ. (ورجيس)**

پاڻ کاچ کائي وڃي، پر ٻئي کي ٿو چوي تہ مون کي ڪاءُ؟

۷. **آپٽي گهوٽ، تہ نشا ٿيوئي. (پهاڪو)**

پنهنجي هٿن سان جيڪو ڪم تيار ڪبو آهي، تنهن جي وڏيڪ خوشي ٿيندي آهي.

۸. **آج نہ ديکيا لعل، تو ڪل ديکونگا. (ورجيسي جملو)**

ڪل: سڀاڻي. لعل: لعل شهباز. ۲. اَڄ لعل شهباز جو ميلو نہ ڏسي سگهيا آهيون تہ سڀاڻي ڏسنداسون.

۹. **آج همان، سيان تما. (پهاڪو)**

هما: مون سان. تما: تو سان.

۱۰. **آدمي آدمي انتر، ڪو ئي هيرا، ڪو ئي ڪنڪر. (چوڻي)**

انتر: ڦِجهارت. ڪنڪر: پٿر. ۲. ماڻهوءَ ماڻهوءَ جي ڦِجهارت، ڪو هيرو نڪريو پوي تہ ڪو پٿر نڪريو پوي.

۱۱. **آڏيلو نہ ڏئي، پر آڏيو ڏئي. (ورجيس)**

آڏيلو: اَڌ پئسو. آڏيو: اَڌ رپيو. ۲. ڪيترا ماڻهو پڪائي ڪندا آهن تہ جو اِهو حال آهي. ساڳي معنىٰ سان ٻيو پهاڪو بہ آهي. ”گاڏيلو نہ ڏئي، پر گاڏي ڏئي.“

۱۲. **آزمائي کي آزمائي، سو چائي منهن ۾ پائي، جو ديکي نہ پتيجائو، ڏوڙ تنهن جي منهن ۾. (پهاڪو)**

پتيجائو[1]: خراب نتيجو. ۲. جيڪو خراب نتيجو نہ ڏسي، وري اهو ڪم ڪري، ڏوڙ تنهن جي منهن ۾.

۱۳. **آگم جي خبر، اگم کي! (پهاڪو)**

غئب[2] جي خبر غيب کي. ۲. جتي اِنسان جي نظر نہ پهچي سگهي سا غئب کي خبر هوندي.

---

[1] لفظ پتيجائو، هندو ليکڪن پهاڪن اندر استعمال ڪيو آهي. جڏهن تہ ساهتيءَ اندر استعمال ٿيندڙ پهاڪن منجهہ اهو لفظ نتيجائو آهي. جنهن جي معني نتيجو اچڻ يا ڏسڻ آهي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

**.۱۴ آڳي طعام، پيڇي ڪام. (چوڻي)**

طعام: کاڌو. ڪام: ڪم.

**.۱۵ آڳر رکڻ ڏينس تہ سچو ٿي لنگهائي وڃي: (ورجيس)**

ڪيترن ماڻهن جي اها عادت هوندي آهي تہ جو ڪير اڳلو ڪجهہ پلائي ڪندو آهي تہ انهيءَ جو سچو سِرُ ڪائي ويندا آهن.

**.۱٦ آڳريءَ ننهن چائو، لوڪ تماشي آيو. (پهاڪو)**

آڱر کي ننهن جمڻ، هڪ رواجي ڳالهہ آهي. پر ڪي تماشبين ٿيندا آهن، جي ڪنهن رواجي ڳالهہ تي بہ تماشو لڳائي ڏيندا آهن.

**.۱٧ آمون، ڏھ گامون. (چوڻي)**

آمون: اَنب. گامون: وکون، قدم. ۲. انب جو وڻ ويجهو ويجهو پوکبو آهي تہ سوڙهہ جي ڪري ڦر ٿورو ڪندو. تنهنڪري صلاح ملندي آهي تہ: ڏھ وکون پريان، ٻيو وڻ پوکڻ گهرجي.

**.۱۸ آنا انبن ۾، تہ ٻچا ٻيرن ۾. (ورجيس)**

دربدر ٿيل اِنسان، ڪي ڪٿي تہ ڪي ڪٿي.

**.۱۹ آنڊِ جا بہ موچڙا، تہ مانڊِ جا بہ موچڙا. (ورجيس)**

آنڊ: ايندڙ ۽ مانڊ: ويندڙ واسطي چيل آهي. ايندڙن جا بہ موچڙا تہ ويندڙن جا بہ موچڙا. مطلب تہ ٻنهي پاسي جٺ آهي.

**.۲۰ آنٻو، ڪتي ٻلي کي بہ پيارو آهي. (چوڻي)** [3]

**.۲۱ آنٻي ۾، ٽانٻو. (چوڻي)**

آنٻو: ويجها مٽ مائٽ، اولاد. ٽانٻو: باهہ. ۲. گهڻو ڪري ڏنو ويو آهي تہ پنهنج-پائيءَ ۾ ئي ڪلفت ۽ جهيڙا جهٽا ٿيندا رهن ٿا.

**.۲۲ آنڌ بہ ڪاٽي، مانڌ بہ ڪاٽي، ڪاٽي اسان جي ڊِڳي، وجي چڙ ابي کي تہ آءٌ بہ گهٽن گڏي. (پهاڪو)**

هيءُ هڪ چرچي جو پهاڪو آهي. ۲. مائٽن کي هڪ ڪاٽي ڏيءَ هئي جنهن جي اڪلائڻ جو ڪين تمام گهڻو خيال هو. آخر اِها ڏيءُ پرٽائي ڇڏيائون پر ڪين هر دم اِها ڳڻتي هئي تہ الائي ڇوڪريءَ جو ساهرن ۾ ڪهڙو حال ٿيو. ڇوڪري ساهرن ۾ پرڻجي آئي تہ ڏٺائيون تہ سس بہ ڪاٽي آهي ۽ سهرو بہ ڪاٽو آهي. ويندي گهر ۾ جيڪا ڊِڳي هئي سا بہ ڪاٽي هئي. تنهن تي مائٽن کي مٿئين نموني ۾ چوائي موڪليائين. ۲. جتي ننڍيو وڏو بي عقل هوندو آهي تڏهن بہ ائين پهاڪو ڪتب آندو ويندو آهي. ۳. آنڌ ۽ مانڌ شايد سس ۽ سهري ڏانهن اشارو ڪيل آهي.

**.۲۳ آڻ مجي، جڳهڙا چوتا. (چوڻي)**

**.۲۴ آٽيون ۽ چاڙهيون، ڏٿ ڏهاڙي سومرا. (چوڻي)**

ڏٿ: جهن کي اَن. ۲. اي سومرا، اسين اَن روز آٽيون ۽ چاڙهي رڌي ڪائون.

**.۲۵ آهاري، وهنواري، لچا ڪري، تہ هاري. (چوڻي)**

---

[2] آگم: غئب ڄاڻندڙ، خالق، مالڪ. اگم: برسات جو پوڻ.

[3] آنڊو: اولاد. پنهنجا ٻچا، ڪهڙو بہ وحشي جانور هجي، چيري ڦاڙي نہ کائيندو آهي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

آهار: ڪاڏو. وهنوار: ڏيڻ وٺڻ. ٢. ڪاڏي ڪاٺڻ ۽ ڏيڻ وٺڻ ۾ جيڪو لڄ ڪندو سو هارائيندو.[4]

**٢٦. آهر جي آسري، جهنگ نہ چنائون، ساوا گاهہ پٽن ۾، ٻيٺي ڏنائون. (پهاڪو)**

آهر: ڏڳن ۽ مينهن جو ڳاڏو جو سندن هڪليندڙ ٺاهي رات لاءِ رکندو آهي. چنائون: چرڻ. ٢. وهٽ جهنگ وڃن پر آهر جي آسري هيٺ ڪري، جهنگ ۾ ساوا گاهہ ڏسي بہ ڪو نہ ڪائين.

**٢٧. آهر جي وڏائي، ڪني پاٽ اُتي آئي. (پهاڪو)**

ڇٽن وٽ رواجي زالن لاءِ بعضي 'رنون' ڪري سڏيو ويندو آهي. تهڙي نموني رواجي مردن کي وري 'آهِرُ' سڏيو ويندو آهي. اهڙن ماڻهن لاءِ چيو ٿو وڃي تہ سندن وڏائي (مان) فقط ڪني پاٽ (نڪر جو باسڻ) تي اچي پهچي ٿي.

**٢٨. آهر ڪٽي اوٻٽي، رن وڃائي رنبو، ماريو وڃي ڪائين کي، پاريو رکيس ٽنبو. (چوڻي)**

آهر: مرد. اوٻٽي: لوهہ جو ننڍو ٽڪر. رن: زال.

**٢٩. آهِر غريبان، قهر خدائي. (چوڻي)**

**٣٠. آهوُجا ڪائين، ماهوُجا پيٽ سوُرَ مرن. (ورجيس)**

آهوُجا ۽ ماهوُجا ڪن ذاتين جا نالا آهن. هڪڙا ڪائين تہ ٻيا حسد وچان پيٽ سوُر مرن!

**٣١. آهي تہ بہ دک، نہ آهي تہ بہ دک. (چوڻي)**

**٣٢. آهي تہ بہ ڪاڙو، نہ آهي تہ بہ ڪاڙو. (ورجيس)**

**٣٣. آهي تہ عيد، نہ تہ روزو. (چوڻي)**

عيد: مسلمان روزن پوري ٿيڻ ڪانپوءِ جشن ڪن. روزو: بک ڪيڻ.[5]

**٣٤. آهي سوَڙ، تہ آهي سيءُ. (پهاڪو)**

**٣٥. آهي وڏ گهراٽي، پر ڏنڊڻ پاٽيءَ سان واهپو گهٽ اٿس. (ورجيس)**

جن کي پنهنجي بدن جي پوري صفائي نہ هوندي، تن کي طعني طور چيو ويندو آهي.

**٣٦. آءُ تہ پيڻ ڪرهن ڪريوُن! (ورجيسي جملو)**

ڪرهن: جهيڙو. ٢. ڪيترا ماڻهو آهن جن جي عادت ٿيندي آهي تہ هٽ وني جهيڙو ڪندا آهن. اهڙن جهيڙاٽُن لاءِ ائين چيو ويندو آهي.

**٣٧. آءٌ بہ وينديس پيڪي، مون بہ لهندي سڪ. (پهاڪو)**

پيڪي: پيڪو گهر، مائٽن جو گهر. ٢. مان بہ مائٽن وٽ وينديس، پاڻيهي سک (اڪير) لهي ويندي. ٣. ڪنهن کي چيو ويندو آهي تہ پلي اِها ڳالهہ ڪري وٺ، پاڻيهي سڪ لهي ويندءِ. ۴. جيستائين ڪا ڳالهہ نہ ڪري ڏني آهي، تيستائين انهيءَ ڳالهہ لاءِ دل پيئي ٿيندي آهي.

**٣٨. آءٌ ۽ ڪانءُ، ٽيون ڏٽيءَ جو نانءُ. (ورجيس)**[6]

---

[4] جڏهن تہ اها چوڻي هن طرح آهي: آهاري، وهنواري، ٽيون گهوٽ مهاري، لڄا ڪري تہ هاري. گهوٽ جي بہ مڙسي ڏيکارڻ جي پهرين رات آهي. اتي هاريو تہ سڄي عمر سڪون ۾ نہ هوندو.

[5] هڪڙن ماڻهن جي فطرت آهي: جڏهن وٽن مال ملڪيت اچي تہ عيد جي خرچ وانگر، سندن خرچ وڌي وڃن. اڳتي لاءِ سانڍي نہ رکن. وري جڏهن ڪوٽي اچين تہ روزن وانگر بکون ڪاٽي ڏکيا ڏينهن گذارين.

[6] تمام گهٽي اڪيلائپ يا مردم بيزاريءَ ڏانهن اشارو.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

۳۹. **آئي تہ روزي، ڳئي تہ بلا: (ورجيس)**

روزي: ڪاڄُ. ٢. ڪنهن ڳالهہ جي هروڀرو پڪ ڪا نہ هوندي آهي. تڏهن دل کي راضي ڪرڻ لاءِ ائين چيو ويندو آهي. ٣. آيو تہ ڪاڄُ مليو، جي نہ تہ بلا ٽري.

۴۰. **آئي ڻاندڻي ڪي، ٻورچاٽي ٿي ويئي. (ورجيس)**

ٻورچاٽي: رڌڻ واري. ٢. ڏاري مائي آئي چلهہ مان ڻاندڻو ڪڍڻ، پر اَجوڳ فائدو وٺي ماڳهين گهر پنهنجو ڪري ويٺي.

۴۱. **آئي سوُد ڪي، پر ٻوڙُ بہ وڃائي ويئي. (ورجيس)**

۴۲. **آئي ڪي آدر، وئي ڪي جيءُ. (چوٽي)**

فضيلت اِها ئي گهُرَ ٿي ڪري تہ آئي (ايندڙ) کي آدر (مان) ڏجي ۽ ويندڙ کي جيءُ چئجي.

۴۳. **آيا باز، ڀڳيون سرٽيون. (پهاڪو)**

۴۴. **آيا مير، ڀڳا پير. (پهاڪو)**

جڏهن وڏا (مائٽ) حاڪم يا ڏاڍا ماڻهو اچن، تڏهن ننڍا (ٻار، زيردست يا هيڻا) ٽري وڃن. هئن بہ چون: آيا باز، ڀڳيون سرٽيون.

۴۵. **آيو بابا ولي، تہ ختيجا ڪنئي چلي. (پهاڪو)**

۴۶. **آيو تہ جوٽس جو، ويو تہ پيٽس جو! (پهاڪو)**

۴۷. **آيو رمضان، ڀڳو شيطان. (پهاڪو)**

مسلمان رمضان ۾ روزا رکندا آهن. اِنهيءَ ڪري ڪين خراب خيال ڪو نہ ايندا آهن.

۴۸. **آيو ماڻهو رانجهو، تہ هر ڪو ٿيو لانجهو. (پهاڪو)**

لانجهو: بي همٿ. ٢. ڪو طاقت وارو اچي تہ ٻيا بي همت ٿيو پون.

۴۹. **آيو ميان شير، تہ سيني ڪڍايو پير. (پهاڪو)**

۵۰. **آيو يار، ڪليو روزگار. (چوٽي)**

يار (ايشور) آيو، روزگار ڪليو. ٢. ايشور مهر ڪري تہ سڀ ڪجهہ ٿئي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

## ( الف )

**١. ابا ابا ادي سهڻي! چيءِ ڪا اسان لاءِ؟ (پهاڪو)**

**٢. اَب جو ڏنو کهڙي ڪم جو، جاسين رب نہ ڏئي. (چوڻي)**

اب: اَبو، پيءُ. رب: ايشور. ٢. پيءُ جو ڏنل پئسو، ڪهڙي ڪم جو؟ جيسين ايشور پنهنجي زبان ۾ برڪت وجهي نہ ڏنو آهي.

**٣. اَب جو ڏنو نہ پري، رب جو ڏنو پري. (چوڻي)**

**٤. ابو امان مري، شل چائو نہ مري. (چوڻي)** [7]

**٥. ابو بہ ڏائو، اَدو بہ ڏائو، اڌ ڪيم هيٺ، اڌ ڪيم مٿي. (چوڻي)**

پيءُ کي بہ ڏءُ ڪرايم، ڀاءُ کي بہ ڏءُ ڪرايم، مون بہ هيٺ مٿي لاچار ڏءُ ڪيو. ڪمائي پوري پني، ٻيو ڇا ڪبو؟

**٦. اَبو گسي، ڏيءُ وسي. (چوڻي)**

پيءُ ويچارو ڏيءُ پرڻائي، محنت ڪري. پاڻ کي گسائي، تڏهن ڏيءُ وَسي.

**٧. ابو مئو، ادي چائي، اسين اوتري جا اوترا. (پهاڪو)**

گهر مان هڪڙو ويو، ٻيو آيو. گهر جا ڀاتي، وري اوتري جا اوترا.

**٨. ابي چاڙهي، ادي چاڙهي، مون نہ چاڙهي، تہ ڪنهن نہ چاڙهي. (چوڻي)**

پيءُ بہ ديگ چاڙهي، ڀاءُ بہ ديگ چاڙهي. جيڪڏهن مون نہ چاڙهي، تہ اهي ديڳيون جهڙيون چڙهيون تهڙيون نہ چڙهيون.

**٩. اُپرندي تاءُ جنهن نہ ڪيو، سو اُلهندي ڇا ڪندو؟ (پهاڪو)**

تاءُ: گرمائش. ٢. سج اُڀرڻ وقت، گرمائش نہ ڪندو، سو لهڻ وقت ڪيئن ڪندو؟

**١٠. اُپ ڦاٽي ڪي بہ، ڪڏهن اڳڙي پوي؟ (پهاڪو)**

اُپ هئڻ ئي ڪليو پيو آهي، تنهن کي ننڍڙي اڳڙي وجهي سگهبي؟

**١١. اُپ ۾ ٿُڪَ اُڇلائي، سو منهن ۾ پائي. (پهاڪو)**

آسمان مٿي آهي. اُنهيءَ کي ٿڪون هٽبيون، سياويڪ منهن ۾ موٽي اَچي پونديون.

**١٢. اُپ ۾ جن جون اکڙيون، پلئہ تن کي ککڙيون. (چوڻي)**

جيڪي رڳو وڏين ڳالهين ۾ اکيون پائي ويهندا آهن، آخر اُنهيءَ جو نتيجو اِهو وجي نڪرندو آهي، جو کين ککڙيون (ميوي جي اندران خالي داڻا) پراپت ٿينديون آهن.

**١٣. اُپ ۾ جو ٿک اُڇلي، سو پنهنجي منهن ۾ پاءِ. (پهاڪو)** [8]

**١٤. اُتم کيتي، وڏنڙ واپار، نيچ نوڪري، پنڻ بيڪار. (چوڻي)**

کيتي ڪرڻ، اتم ڪم آهي، واپار هميشہ وڏائي ٿو. نيچ آهي، نوڪري ڪرڻ.

---

[7] اولاد، پيءُ ماءُ کان وڌيڪ پيارو آهي. ابو اما پالين ٿا، جڏهن تہ اولاد کي پاڻ ٿو پالجي. ان ڪري چوندا آهن: ڇڻ کان نيپاڄ وڏو.

[8] پيٽيو: اُپ ۾ ٿُڪَ اُڇلائي، سو منهن ۾ پائي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

**.١٥ اِتي ڪر، اِتي ئي لوڙ. (چوڻي)**

**.١٦ اُٺ بہ ناٿو، ويهہ بہ ناٿو، ناٿي ٻنا، نر ويڳاٿو. (چوڻي)**

نر: مرد ماڻهو، ويڳاٿو: موڳو. ٢. جيڏانهن وڃ، ڪي ڪجهہ ڪر، تنهن ۾ ناٿي جي گهرج پوي ٿي. ناٿي کان سواءِ موڳائي وڌيو وڃي.

**.١٧ اُٺي پاڻ نہ سگهي، لک لعنت ڏئي گوڏن کي. (ورجيس)**

لک لعنت: ڦٽڪار. پاڻ ڪجهہ ڪم ڪري ڪو نہ سگهي، پر ڏوهہ ڏئي گوڏن کي.

**.١٨ اُٺو ٻڏل هوندو، تہ مانيءَ جو اونو نہ رهندو. (پهاڪو)**

**.١٩ اٿو! چي: گهوٻاٿو. (ورجيس)**

گهوٻاٿو: ڏنبو. ٢. گهُرَ پيئي ڪجي اُٺي جي، تہ ڏنبو پيو ملي. هڪ جو مطلب ٻيو پيو سمجهيو وڃي.

**.٢٠ اٺو ڪاڏو ڪُئي، مار پيئي گابي تي. (پهاڪو)**

ڏوهہ ڪري هڪڙو، تہ مار ٻيو پيو کائي. سچو ڏوهي ڇٽيو وڃي.

**.٢١ اُٺي تي اُٺو: نہ ڪارو، نہ ڪتو. (پهاڪو)**

اُٺي ۾ اُٺو پيو پوندو تہ: نہ ڪارو ٿيندو، نہ ڪتو.[9]

**.٢٢ اُٺي جو ڏيئو: اندر تہ ڪائين ڪٺا، ٻاهر تہ ڪائين ڪانگ. (پهاڪو)**

اٺي جي ڏيئي (گيدي ماڻهو) کي گهر جي اندر رکجي تہ ڪٺا کائي وڃن، ٻاهر رکجي تہ ڪانگ کائي وڃن.

**.٢٣ اُٺي ۾ لوڻ ڪري کائجي. (ورجيسي جملو)**

اٺي ۾ ٿورو لوڻ گڏبو تہ سواد ڏيندو. گهڻو لوڻ گڏبو تہ کارو ٿيندو.

**.٢٤ اُٺ الائي ڪهڙي پاسي ليٽي؟ (پهاڪو)**

**.٢٥ اُٺان مينهان دا، ڪيها ميلا؟ اوهہ چرن گاهہ، تہ اوهہ چرن ٻيلا. (پهاڪو)**

اُٺ هميشہ ميدانن ۽ پٽن ۾ چرندا آهن ۽ مينهون ٻيلن ۾ چرنديون آهن. ٢. اِنهن ٻنهي جو ميلاپ ڪئن ٿي سگهندو؟[10]

**.٢٦ اُٺ ٻيو تہ ٻہ، ٻہ ڪنواٺ لهي. (پهاڪو)**

ڪنواٺ: ننڍو اُٺ. ٻيو: پوڙهو. ٢. اُٺ ٻڍو ٿي ويندو تہ بہ ننڍن ٻن اُٺن جي برابر آهي. اهڙي نموني ۾ پير مرد سمجهہ تہ ٻن نوجوانن جي برابر آهن. ڇاڪاڻ تہ کيس دنيوي آزمودو آهي. پوڙهي لفظ جي معنيٰ بہ آزمودگار آهي.

**.٢٧ اُٺ ٻڏندو، پڇ ڏانهن تري. (چوڻي)**

**.٢٨ اُٺ تان وجهي لٿي، تہ بہ اُٺ ٿيو هلڪو. (پهاڪو)**

گهڻي بار مان، ٿورو گهٽ ٿيندو آهي تہ بہ هلڪائي ٿيندي آهي.[11]

**.٢٩ اُٺ پريو بہ رڙي، سکڻو بہ رڙي. (چوڻي)**

---

[9] ڏي-وٺ جي مٽي مائٽي چڪڻ وقت چيو ويندو آهي. مطلب: جهڙو سڱ هڪ ڌر ڏئي ٿي اهڙو ئي سڱ ٻي ڌر موٽ ۾ ڏئي ٿي. ٻنهي ڌرين جو ڪم، بنا ڪس ڪسر جي ٿئي پيو.

[10] اٺان مينهان دا، ڪيها ميلا؟ اوهہ چرن ڊپ، تہ اوهہ چرن ٻيلا. مينهن ڊپ ڌاڙي کائي، پيٽ قوت ڪري ويندي. جڏهن تہ اٺ کي پيٽ پرڻ لاءِ ٻيلن جا وڻ يا لاٽا وغيرهہ گهرجن.

[11] هن ڪهاوت جو مروج ۽ مقرر روپ آهي: پريل اٺ تان وجهي لٿي، تہ بہ اٺ ٿيو هلڪو.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

رڙي: رڙيون ڪرڻ. ٢. اُٺ تي بار هجي يا نہ هجي، پر پنهنجي سڀاءَ موجب، هميشہ پيو رڙندو آهي. ٢. ڪيترا انسان بہ، پنهنجي سڀاءَ موجب، هميشہ پيا ڪرڪندا ۽ ڪنجهندا آهن.

**٣٠. اُٺ پٽڻ تي مار ڪائي. (ورجيس)**

اُٺ پٽڻ تي مار ڪائڻ ڪانسواءِ، ٻيڙيءَ ۾ ڪو نہ چڙهي.[12]

**٣١. اُٺ پٺيان گهنڊڙي. (ورجيس)**

اُٺن ڪي بعضي گهنڊڙي ٻڌي ويندي آهي، سياويڪ جيڏانهن اٺ ويندو تہ گهنڊڙي بہ اوڏانهن ويندي. ٢. مائٽ ڪيڏانهن ٻاهر ويندو آهي تہ ٻار بہ ساڻس گهنڊڙيءَ وانگر ڪاهي پوندو آهي.[13]

**٣٢. اُٺ پنهنجي مُٽَ ۾ ترڪي. (پهاڪو)**

اٺ جا پير ترڪڻا هئڻ ڪري، پنهنجي مٽ (پيشاب) ۾ ترڪندو آهي.

**٣٣. اُٺ پوڙهو ٿيو، تہ بہ مُتڻ نہ سکيو. (پهاڪو)**

سيڪو جانور، پيشاب اڳتي ڪري. پر رڳو اُٺ، اُبتڙ ڪري.[14]

**٣٤. اُٺ جا بار، بہ ڪي گڏھ ڪڻن؟ (پهاڪو)**

گڏھ ڪيئن اُٺ جو بار ڪڻي سگهندو؟

**٣٥. اُٺ جي چاڙهيءَ ڪي بہ لعنت، تہ لاهيءَ ڪي بہ لعنت: (چوڻي)**

اٺ جيڏيءَ مهل، ڪنهن چاڙهيءَ تي چڙهندو يا ان تان لهندو آهي، تنهن وقت سوار ڪي تڪليف ٿيندي آهي.[15]

**٣٦. اُٺ جي چوري، پَڪي ۾ چا لڪندي؟ (پهاڪو)**

اٺ چوري ڪري، ڪکن جي جهوپڙيءَ ۾ لڪائبو تہ لڪي ڪو نہ سگهندو.[16]

**٣٧. اُٺ جي وات ۾ زيرو. (چوڻي)**

زيرو: جِيرو، هڪ تمام سنهڙو داڻو. ٢. هيڏي ساري اُٺ جي وات ۾ زيرو وجهبو تہ ڪٿِن ٿيندو. هو چٻي بہ ڪو نہ سگهندو. ڪنهن کي سندس لائق ڪاڌو ڏيڻ گهرجي.

**٣٨. اُٺ جي وات ۾: لوڻ وجهہ تہ بہ رڙي، ڳڙ وجهہ تہ بہ رڙي: (پهاڪو)**

مطلب لاءِ ڏسو: 'اُٺ پريو بہ رڙي، سکڻو بہ رڙي.'

**٣٩. اُٺ جي وات ۾، هميشہ چار جي ٻانس. (پهاڪو)**

گهڻو ڪري اُٺ کي چار (سندس ڪاڌو) چٻاڙيندو ڏسبو آهي. اِنهيءَ ڪري، سندس وات مان چار جي ٻانس ايندي آهي. نيچ ماڻهوءَ ۾ هميشہ، نيچ لڇڻ هوندا آهن.

**٤٠. اُٺ چڙهئي بہ، ڪڏهن نانگ ڪائي. (پهاڪو)**

---

[12] ان ورجيس جو مقرر روپ آهي: ائين مار ڪائيندين، جيئن اٺ پٽڻ تي مار ڪائي.

[13] جت، جڏهن ڪنهن سفر تي اٺ قطاري هلندا آهن تہ پوئين اٺ ڪي پڇ ۾ يا ڳچيءَ ۾ چڙو وجهي ڇڏيندا آهن، جنهن جو آواز اڳيئين اٺ تي وينل ڪوچبان ڪي اهو اطلاع پيو ڏيندو آهي تہ آخري اٺ تائين سمورا اٺ قطاريا تا اچن. منجهانئن ڪو بہ هيڏي هوڏي نہ ٿيو آهي.

[14] جنهنڪري سندس چڏا، موٽانگي ۾ سدائين اوسنا هوندا آهن.

[15] اٺ تي سوار ٿيڻ وقت يا مٿانئس لهڻ وقت، پهرين اٺ ڪي هيٺ هشائبو آهي، پوءِ مٿس چڙهبو يا لهبو آهي. هشڻ پڄاڻان، جڏهن اٺ اٿندو يا ويهندو آهي تہ ڏکھو هئڻ ڪري، سوار کي اوهارجي ڪرڻ جو انديشو تي پوندو آهي. اهو مرحلو ڏکيو هوندو آهي.

[16] وڏي شيءِ، ننڍي جاءِ ۾ ڪو نہ لکي سگهندي. جيئن: سچ، ڪاريءَ/ تريءَ هينان لڪي ڪو نہ سگهندو.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

نانگ هميشه پٽ ۾ هلندو آهي. اُٺ تي چڙهيل کي، نانگ ڪيئن چڪ پائيندو؟

۴۱. **اُٺ ڪين سسئي، پنهڙوُن پائي. (پهاڪو)**

۴۲. اُٺ کي لاٽو، گهوڙي کي داٽو، مرد کي ناٽو، محبوب کي ماٽو. (چوٽي)

لاٽو: اُٺ لاءِ جهنگلي گاهه. ماٽو: نخرو، ناز. [17]

۴۳. **اُٺ ماڪوڙيءَ جو سالو. (ورجيس)**

زور ڪري ڪنهن سان مائٽي ڳنڍجي ته ائين چون.

۴۴. **اُٺ نه پڄي، ٻورن هٽي لتون. (ورجيس)**

انن جا هلائيندڙ جت، اُنن تي مال جا ٻورا رکي، مٿان پاڻ ويهي، اُٺ هلائيندا آهن. اُٺ کي هڪلڻ مهل، اٺ تائين پهچي ڪو نه سگهندا آهن. پوءِ وري ٻورن کي لتون هڻندا آهن. [18]

۴۵. **اُٺ نه رنا، ٻورا رُنا، مينهن مٿان چيڙ اُنا، پونڪن چور ته ڪتا ٽنا، ٽن شين جا اُبتا پنا، ڪتيم ٽي پاءَ، ته پنج پاءَ ڪتا. (چوٽي)**

(وضاحت لاءِ ڏسو، پهاڪن جي پاڙ، سنڌيلو-سنڌ.)

۴۶. **انوءَ جي آڪهه ئي هڪڙي! (ورجيس)**

اولاد، گهڻو ڪري مائٽن جي اڍ چڪيندو آهي. انهيءَ ڪري چيو ويندو آهي: ته سڄي آڪهه ئي هڪڙي.

۴۷. **اُٺ هميشه مڪي ڏانهن وري. (پهاڪو)**

۴۸. **اُٺي، ٻُهه چٺي. (پهاڪو)**

برسات پيئي، ٻُهَه ڇهي ويو.

۴۹. **ائين آني جي پڳڙي، رپيو ٻڌاٽي، ڪري پوي جي کوهه ۾، ته ٻه رپيا ڪڍاٽي. (پهاڪو)**

۵۰. **ائين پيڙهيءَ، اُٺ ماڪوڙو ماسات. (پهاڪو)**

ماسات: ماسيءَ جو پٽ. ٢. اَئين پيڙهيءَ موجب اُٺ ۽ ماڪوڙو ٻه ماسات نڪري پوندا آهن. ڪنهن جي ڏورانهين مائٽيءَ جي ڇڪ ڪئي ويندي آهي ته ائين چوندا آهن.

۵۱. **اپنا عرض، ڏونهان دي چغلي! (چوٽي)**

عرض منهنجو، پر پاڻ التو مون تي چغلي.

۵۲. **اَپنا مال هئي، روئسان ٻه ڪائسان. (چوٽي)**

پنهنجو مال، روئي ٻه کائبو ته کلي ٻه کائبو.

۵۳. **اَپٽي توڙ نباهه، اِسڪي اوهه جاني: (چوٽي)**

پلو ماڻهو پنهنجي پلائي ڪري توڙ نباهي، اڳلي جي جيڪا نيت.

۵۴. **اجا خرار مان چوٿائي مس پيتي آهي. (ورجيس)**

چوٿائي: هڪ پاءُ. خرار: چويهه مڻ. ٢. وڏي شاهي ڪم مان فقط ٿورو ڪم ٿيو هجي ته ائين چيو ويندو آهي.

---

[17] محبوب جو ماٽو، عاشق لاءِ ائين آهي جيئن مرد لاءِ ناٽو يا گهوڙي لاءِ داٽو. ماٽو، ڪيس قوت بخشيندو آهي.

[18] اٺ نه پڄي، ٻوجهن هٽي لتون. ٻوري ۽ ٻوجهي ۾ فرق آهي. ٻورا گڏهن تي رکبا آهن، ٻوجها اٺن تي لڏبا آهن.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

[19]

٥٥. **اجا دهلي دور آهي. (ورجيس)**

٥٦. **اجا مينهون جهنگ ۾، ڏوئي درياءُ ۾ رڃ. (ورجيسي جملو)**

رڃ: باسڻ. ٢. اَجا مينهون جهنگ ۾ آهن، ته ميهار اَجائي تڪڙ ڪري، باسڻ ڌوئي پيو رکي.

٥٧. **اُجياري پيئندي، چڪياري ڪين پيئندي. (پهاڪو)**

ڪنهن ڪي به اُڄ هوندي ته پيئڻ جي ڪوشش ڪندو پر ڪنهن ڪي زوريءَ چڪي، بنا اُڄ جي، پيارڻ جي ڪوشش ڪبي ته ڪو نه پيئندو. [20]

٥٨. **اڃاڻ ڪي: جهڙي مصري، تهڙي ڦٽڪي. (پهاڪو)**

٥٩. **اچ وَهيون، سياڻي ولهو. (چوڻي)**

وَهيون: حساب ڪتاب رکڻ جون بنديون (ڪتاب). ولهو: غريب-سچو. ٢. اچ شاهوڪار آهي ۽ ناڻي جا حساب ڪتاب پيو رکي، سياڻي غريب ٿيو وڃي. شاهوڪاريءَ کي ڪهڙو بقاءُ آهي.

٦٠. **اچڪلهه داڻو ڪو نه ٿو چٻجي، پر ناڻو ٿو چٻجي. (ورجيسي جملو)**

٦١. **اَجوڪا جوان، ڪاتيءَ جا مياڻ، ڏڪو ڏين هڪڙن ڪي، ڪري پون پاڻ. (گفتار)** [21]

٦٢. **اچي ڏيئاڻو، وڃي پيئاڻو. (چوڻي)**

سنڌين جي اصل کان وني اِها ريت رهندي پي آئي آهي ته ڌيءَ وٽان آيل، ڪجهه به واپرائڻ نه گهرجي. ٢. اهو اصول اڳيان رکي، اَجا سوڌو به ڪيترين ماتائون، نياڻيءَ جي در جو پاڻيءَ ڦڙو به ڪو نه واپرائين. پهاڪي واري ڪليو لکيو آهي ته: ڌيءَ وٽان ايندو، پيءُ وٽان ويندو.

٦٣. **اجا ڪپڙا ڪيسا خالي، ماڻهن جي ليکي ملڪ جو والي! (ورجيس)**

ڪيترا ماڻهو ڪوڙو پيڪو رکي، ڏيک ويک ڪندا آهن.

٦٤. **اچو الله، ڳاڙهو رسول. (ورجيس)**

پنهنجي پاڻ کي ساڪائتو ڪرڻ وقت مسلمانڪي هڪ چوڻي.

٦٥. **اَچو ڏجي، اچو وٺجي. (پهاڪو)**

صفا ڳالهه ڏجي، صفا ڳالهه وٺجي. اندر ۾ ڪوٽ نه رکجي.

٦٦. **اچي پڳ مَر پس، اندر مڙيئي اگڙيون. (پهاڪو)**

پڳ: مٿي تي پائڻ جي پڳڙي. اگڙيون: ڪپڙو. ٢. ٻاهران رڳو اچي پڳ کي نه ڏسڻ گهرجي.

٦٧. **اچي ڏاڙهي، اٿو خراب! (ورجيس)**

پيريءَ ۾ شادي ڪرڻ جي خواهش رکندڙن لاءِ.

٦٨. **اچي ڏاڙهي، نانءُ دلبر. (ورجيس)**

ڏاڙهي اَچي ٿي ويئي اٿس پر اندو شوقين، پنهنجو نالو وري دلبر پيو رکائي.

---

[19] چوٿائي: پاٽيءَ جو چوٿو حصو، جڏهن ته چار پاٽيون ٿويو آهي، جنهن ۾ پنج سير پوندا آهن. ان حساب سان چوٿائي: پنج آنا ٿي. جڏهن ته پاءَ منجهه چار آنا تور هوندي آهي. اهڙيءَ طرح خرار ۾ اناويهه مڻ يا اڄ جا هڪ هزار ڪلوگرام آهن.

[20] چڪياري: جيڪو مال گهاٽ تي پهچڻ کان پوءِ به پاڻي نه پيئندو آهي، ڌنار ڪين چي چي ڪري پاڻيءَ ڏانهن توجهه ڏياريندا آهن. مال جي ان پيئڻ کي چڪياري چئبو آهي.

[21] اجوڪو نسل، جسماني طور تي، اڳين جي ڀيٽ ۾ ڏاڍو ڪمزور ٿو ڄمي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

**.٦٩ احمد جي پڳڙي، محمد جي مٿي تي. (ورجيس)**

حق هڪڙي جو تہ اضافو ٻئي کي پيو ملي!

**.٧٠ ادب آهي چٽ، صاحب سنديءَ ٻاجهہ جو. (چوڻي)**

ادب: نمرتا، شرڌا. چٽ: ايشور جو مٿان هٿ. ٢. نمرتا ۽ شرڌا، ايشور جي ٻاجهہ جو، پنهنجي مٿان هٿ سمجهڻ گهرجي.

**.٧١ اُدم ڪانسواءِ، ڀاڳ بہ منڊو. (چوڻي)**

**.٧٢ اُدم ڪي، پر آهن. (چوڻي)**

اُدم ڪرڻ سان ڪٿي جو ڪٿي پهچي سگهجي ٿو. انهيءَ ڪري ائين چيو وڃي ٿو.

**.٧٣ اَڏ ڪي چِڏي جو سڄيءَ لاءِ ڏوئي، سو اَڏ تہ وڃائي، پر سڄيءَ لاءِ روئي. (پهاڪو)**

ڏوئي: ڳولهي.[22]

**.٧٤ اُڏارو ڏجي تنهن کي، جنهن کان گهرجي نہ، اُڏارو وٺجي تنهن کان، جو گهري نہ. (چوڻي)**[23]

**.٧٥ اُڏاري جي ماءُ، ڪا نہ مئي آهي. (چوڻي)**

اڌارو وڏيڻ ۽ وٺڻ، دنيا جي ريت آهي.

**.٧٦ اَڏي ڪاٽي، رات وهاٽي. (پهاڪو)**

رات آهي تہ ڏينهن جو ڪونهي.[24]

**.٧٧ اَڏ بہ نہ ٽپي يا تہ ڪوئو بہ ٽپي وڃي. (ورجيس)**

يا تہ ڪنهن ڳالهہ تان اَڏ تي ئي بيهندو پر جيڪڏهن پور پيس تہ ڪونو (چوٽ) بہ ٽپي ويندو.[25]

**.٧٨ اڏي ڪاٺ، پڏي ٽوُئو، وچ واري کي، لڳي سوُئو. (چوڻي)**

اَڏي ڪاٺ ٿو، وچ ۾ ٽوُئو (پڪو) پڏي ۽ خوشيون ٿو ڪري پر جيڪي وچ وارا حاسد ٻين کي ڏسي ڪو نہ سهن تن کي سئا ئي پيا لڳن.

**.٧٩ اڏيندي ڏينهن لڳن، ڊاهيندي ويرم نہ لڳي. (پهاڪو)**

**.٨٠ اسان پانيو هار، پر سڳو ئي سورن جو. (ورجيس)**

**.٨١ اسباب ۾ اسباب: هڪ چَنگُ، هڪ رباب. (ورجيس)**

چنگ: سرندي وانگر وڄائڻ جو ننڍو اوزار. رباب: ڌڪڙن جو هڪ قسم. ٢. ٻهراڙيءَ ۾ رهندڙن جي هيءَ چوڻي آهي تہ سني ۾ سنو وڄائڻ جي شيءَ چنگ ۽ رباب آهي. اِهو چنگ هو جنهن جي وڄڻ تي راءِ ڏياچ بہ پنهنجو سر لاهي ڏنو.

**.٨٢ استاد جي جاءِ، جتي ڪٿي خالي آهي. (چوڻي)**

استاد: پڙهيل، هنر وارو ماڻهو. ٢. پڙهيل ۽ هنر وارو جتي ڪٿي مان پائي سگهي ٿو.

**.٨٣ اُستاد جي مار، چوڪر جي سنوار. (چوڻي)**

---

[22] اڏ کي چِڏي، سڄيءَ لاءِ نہ ڊڪجي.

[23] وهنوار، سپتيي ماڻهوءَ سان رکجي، جيڪو ڏيندي وٺندي واهہ گرو نہ چورائي.

[24] اڏيءَ نالي عورت سڙي وئي، منهنجي رات ائين وهامي وئي. افسوس.

[25] اها ورجيس هيئن بہ چئي ويندي آهي: يا اَڏ بہ نہ ٽپي، يا درياهہ بہ ٽپي وڃي. (ورجيس)



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

**.٨٤ اسي، مَتِ ڪسي. (چوڻي)**

**.٨٥ اَسي ويئي گسي، سؤ ناهي پؤ. (چوڻي)**

اَجايا سجايا خرچ ڪري اسي ٨٠ ته ائين ئي خلاص ٿي ويا باقي ٻين پئسن وڃڻ ۾ به ڪهڙو ڏپ آهي؟

**.٨٦ اَڪير جو مڪير. (ورجيس)**

اَڪ-ير: اڪ جي ٻوٽي ير يعني پاسو. سڪ-ير: ڪٻر جي وڻ جو ڦر جو پاسو. مطلب ته هڪ ير جو ٻيءَ ير. سوال هڪڙو ڪجي ته جواب ماڳهين ٻيو ملي.[26]

**.٨٧ اڪ جي ماکي نه آهي جا لاهي وٺبي. (ورجيس)**

اڪ جي ماکي ته جلد لاهي سگهبي آهي.

**.٨٨ اِڪنا مت الله ڏئي، اڪنا سک لئي، اِڪ سکندي به نا سکي، جئسي پٿر بوند پئي. (چوڻي)**

ڪن کي مت خدائي ملي، ڪي پوءِ سکن، ڪي سکندي به ڪو نه سکن.

**.٨٩ اڪن کان ٿو آما گهري! (ورجيس)**

اڪ: هڪ زهردار ٻوٽو. آما: انب. ٢. اَڪن کان اَنبن جي اميد ڪئن رکبي؟ لچ ماڻهوءَ مان چڱائيءَ جي اميد ڪئن رکبي؟[27]

**.٩٠ اڪ اٺڻ، زال ويامڻ ۾ ڪهڙي دير؟ (چوڻي)**

اڪ ڪيڏي مهل به اُٿي سگهي ٿي، زال ڪيڏي مهل به ويم ڪري سگهي ٿي.

**.٩١ اڪ نهي ئي ڪا نه، چي: ڪٻڙ خان! ڪو چند ڏنئه؟ (پهاڪو)**

ڪٻڙ خان کي اڪ آهي ڪا نه، تنهن کان پڇيو پيو وڃي ته چند ڏنائين؟

**.٩٢ اڪر آهن، اڌ علم. (چوڻي)**

عمل ڪرڻ آهي، سچو علم.

**.٩٣ اڪر نه ڪٽي، مڪر ڪٽي. (چوڻي)**

اڪر: علم. مڪر: حرفت.[28]

**.٩٤ اڪرين ۾ متا وڃهن، سي مهرين کان نه ڊڄن. (پهاڪو)**

**.٩٥ اڪ-ڦٽ، پڏڻ، ليس-تپ، لنگهڻ. (چوڻي)**

اڪ اٽي يا ڦٽ ٿئي، تنهن کي ته لنگهڻ يعني ڪاڏو پائڻ بند ڪبو ته جلد لهندو.[29]

**.٩٦ اڪ ڪيڻ سولي، پر وجهڻ اولي. (پهاڪو)**

ڪو به خراب ڪم ڪرڻ سولو آهي پر وري انهيءَ کي سنوارڻ ڏکيو آهي.

**.٩٧ اڪ نه ڏسي مڇ کي، مڇ نه ڏسي اڪ کي. (ورجيس)**

اوندهه ۾ ۽ نشئي ماڻهوءَ واسطي، اشارو.[30]

---

[26] ان جهڙي ٻي ورجيس هيئن آهي: اڪري! چي: ڦڪري. وضاحت لاءِ ڏسو: اٿو! چي: گهوٻاٿو.

[27] اڪ منجهه ٿيندڙ اڪ-ٽنڊو، شڪل ۾ بيهڪ ۾ ڪچي انبڙيءَ جهڙو ٿيندو آهي، جنهن تي بيوقوف ماڻهو نڱجي پوندا آهن. ٢. بيوقوفيءَ جهڙا ڪم ٿو ڪري.

[28] علم ۾ ڄاڻ وارو، ڪٽي به گُتندو يا منجهندو نه، جڏهن ته مڪر وارو ماڻهو، ٿوري پنڌ کان پوءِ گُٽي پوندو.

[29] اڪ اٽي يا ڦٽ ٿئي، تنهن کي پٽي وغيره سان ٻڌي ڇڏجي. ائين ليس ۽ تپ جو علاج بک ڪاٽڻ يا لنگهڻ آهي. يعني ڪاڌو ڪائڻ بند ڪبو ته ليس ۽ تپ جلد لهندو.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

۹۸. **اک ۾ ڪَکُ، تہ ڦوڪ ڪن ۾ پيئي ملي. (ورجيس)**

درد هک هنڌ تہ علاج ٻئي هنڌ ڪيو پيو وڃي. ۲. ساڳي معنىٰ سان ٻيو پهاڪو بہ ڪتب آندو ويندو آهي. ’ڪنڊو لڳو آهي پير ۾، ڪوتجي پيو گوڏو.‘

۹۹. **اک ۾ گهاٽو، تہ بہ منو جڳاٽو. (چوڻي)**

اک جهڙي نازڪ عضوي ۾ تيل پيڙيندڙ گهاٽو هوندو يعني ماڻهو کهڙيون بہ ڳريون پيڙائون پيو ڏسندو تہ بہ جڳاٽو يعني جڳت يا جهان (جهان ۾ جيئڻ) منو پيو لڳندس.

۱۰۰. **اکين تي پنبڻين جو بار، ڪو نہ ٿئي. (پهاڪو)**

۱۰۱. **اکين ۽ ڪنن جي وچ ۾، چار آڱر وٿي. (پهاڪو)**

وٿي: وٿ، وڇوٽي. اکين ۽ ڪنن جي وچ ۾ چئن آڱرين جي وڇوٽي آهي. تهڙي نموني اکين سان ڏٺل ڳالهہ ۽ ڪنن سان ٻڌل ڳالهہ ۾ تفاوت سمجهڻ گهرجي.

۱۰۲. **اکيون اکين جهڙيون، ويندا لڙ لهي. (چوڻي)**

جهيڙا، نيٺ نبري ئي ويندا آهن. اکيون وري بہ اکين جهڙيون ٿي ونديون.

۱۰۳. **اکيون، اکين کي شرمائين. (چوڻي)**

۱۰۴. **اکيون روئي ٽڪيون، هاڻ روئن ٿيون پنبڻيون. (چوڻي)**

۱۰۵. **اکيون ملي ٿين چار، دل ۾ اچي پيار، اکيون ٿين اوٽ، دل ۾ اچي کوٽ. (چوڻي)** [31]

۱۰۶. **اکيين لونگ لڳا، جافر ويا وسري. (پهاڪو)**

لونگ ۽ جافر: مصالحن جا نالا. ۲. ڪي ماڻهو نوان دوست هٿ ڪن ۽ جهونن دوستن کي وساري ڇڏين، تن کي ڏوراپو ائين ڏيندا آهن.

۱۰۷. **اُگهاڙي ڪُني، ڪانوَن جو ڪاچ. (پهاڪو)**

ڪاڏي جو ٿانءُ اگهاڙو، بنا ڪنهن ڍڪ جي رکيو تہ ڪانون جو ڪاچ ٿيندو. [32]

۱۰۸. **اگهائي تہ ڪچ، نہ تہ ماڻڪن موٽ ڪري. (چوڻي)**

ڪچ: ڪوڏ، ستيئڙا. ماڻڪ: هيرا جواهر. ۲. ايشور اهڙو مهربان آهي، جو قبول ڪري (اگهائي) تہ ڪوڏيون بہ قبول ڪري، نہ ڪري تہ ماڻڪ بہ موٽايو ڇڏي.

۱۰۹. **اگهہ ڪنهن وڏو؟ چي: جنهن جي نہ سري. (چوڻي)**

ڪا شيءِ ضروري گهربل هوندي آهي، جنهن جي ڪري ان ڪان سواءِ سري ڪا نہ سگهندي آهي. تنهنڪري اگهہ مهانگو ڏيئي، خريد ڪبي آهي. ائين خريد ڪرڻ سان، اهو اگهہ مقرر ٿي ويندو آهي.

۱۱۰. **اگهہ ڪٽيو ڪائجي، وٽ ڪٽيو نہ ڪائجي. (چوڻي)**

ڪيترا واپاري ڪليو ڪلايو مهانگو اگهہ ٻڌائي، شيون وڪڻندا آهن. پر ڪي وري وٽن ۾ (تور ماپ ۾) ڪائيندا آهن. مٿيون پهاڪو ائين ڪرڻ سان منع ٿو ڪري.

۱۱۱. **اگهہ ۽ ڳپ جي سڌ، الله کي. (چوڻي)**

---

30 تشبيهي ورجيس آهي. جيئن چئجي: اهڙي اوندهہ جو: اک نہ ڏسي مڃ کي، مڃ نہ ڏسي اک کي.

31 محبت يا نفرت جي شروعات پهرين ديد سان ئي ٿي ويندي آهي. پهرين نظر، شيطان جي تيرن منجهان وڏو تير آهي، جيڪو نشاني کان گُسندو ئي ناهي.

32 اهو پهاڪو هن طرح بہ چوڻ ۾ ايندو آهي: اُگهاڙي ڪُني، ڪانوَن-هاب.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

اگهن جي لهڻ چڙهڻ جي ۽ ڳپ (گرپ) جي نسرڻ اسرڻ يا ڪرڻ جي خبر، خاوند کي ئي آهي.

١١٢. **اگهه مُني ڪي، الله مُني. (ورجيس)**

ڪا شيءِ مهانگي وني اچجي ۽ وري انهيءَ مان ڪجهه هارجي پوي ۽ نقصان ٿئي ته ائين چوڻ ۾ ايندو. ڪجهه مهانگو مليو، ڪجهه قدرت نقصان ڪيو.

١١٣. **اگر ڄاڻن، لُهُرُ ڄاڻي. (پهاڪو)**

لهر: لوهار. ٢. لوهار کي ئي اگرن جي خبر رهي.

١١٤. **اگر ڪوسا ته هٿ ساڙين، جي ٿڌا ته هٿ ڪارا ڪن. (پهاڪو)**

١١٥. **اگرن پيٺي، هٿ ڪارا. (پهاڪو)**

اگرن پيهڻ سان، هٿ ضرور ڪارا ٿيندا.[33]

١١٦. **اڳ به اَن هيو، پوءِ به ٿيو اَنُ، ڪانو ۽ پنُ، ويو وچان ئي نڪري. (چوڻي)**

زمين مان پئدا ٿيل اَن ڪائجي ٿو، جو وري پاڻ بنجي زمين ۾ وڃي ٿو. جنهن مان وري ان پئدا ٿئي ٿو. وچ مان ڪانو ۽ پن، غائب ٿيو وڃي. پرڪرتيءَ جو عجيب نيم آهي.

١١٧. **اڳ ڪشيا نه ڪشيا، پوءِ به ڪوڪون ڪن. (چوڻي)**[34]

١١٨. **اڳياڙي تڏهن سرهي، جڏهن پڇاڙي سرهي. (چوڻي)**

١١٩. **اڳي اڳي، گورک ڄاڳي. (چوڻي)**

اڳيان هلي وري ڪو (گورک) نئون مونجهارو پئدا ٿئي.

١٢٠. **اڳيان باهه، پٺيان پاڻي. (ورجيس)**

اڳيان به جٺ، پٺيان به جٺ. ٢. ساڳيءَ معنيٰ وارو: 'اڳيان ڪوهه، پٺيان کاهي.'

١٢١. **اڳيان پائي پائي! پٺيان ڇائي ڇائي! (ورجيس)**

ڪيترا ماڻهو آهن جو ماڻهوءَ جي اڳيان پائي پائي ڪري خوشامد ڪندا آهن. پر پٺ وري گلا، ڇائي ڇائي ڪندا آهن.

١٢٢. **اڳيان چڪ، پٺيان ڏِڪَ! (ورجيس)**

١٢٣. **اڳيان ڪوهه، پٺيان کاهي. (ورجيس)**

١٢٤. **اڳيان ويا وسري، پويان لڳا مصري. (ورجيس)**[35]

١٢٥. **اڳين پاڻي، پوين چڪ. (ورجيس)**

تلاءَ ۾ پاڻي پيئڻ لاءِ ٿورو هوندو ته پهرين جيڪي وهٽ ويندا سي پاڻي پيئندا ويندا پوءِ جيڪي ويندا سي وري چڪ (گپ) وڃي چٽيندا.

١٢٦. **اُلٽا چور، ڪوتوال کي ڍاٽي. (ورجيس)**

سپاهيءَ جو ڏنبو، ڪوڙي چور تي!

---

[33] ڪڏي ڪم ڪرڻ سان اخلاق ڪان علاوه ماڻهوءَ جي جسم تي پڻ اثرات مرتب ٿيندا آهن.
[34] اڳواٽ تدبير نه ڪرڻ وارو، پوءِ ويهي رڙيون واڪا ڪندو آهي، جيڪي بيسود هوندا آهن.
[35] پيٽيو: اڪيين لڳا لونگ، جافر ويا وسري.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

۱۲۷. **الله به سچاڻي سڱ ڏئي ٿو. (چوڻي)**

ايشور سيني (جانورن) کي سڱ ڪو نه ٿو ڏئي. پر جن جانورن لاءِ سڱ ضروري آهن، تن کي ڏئي ٿو.

۱۲۸. **الله تنهنجو ٿورو، مڙس ڏجام چورو. (چوڻي)**

۱۲۹. **الله ٿئي راضي، ته هڪ مان ٻه، جي ٿئي ناراض، ته ٻن مان ٽي. (چوڻي)**

۱۳۰. **الله ڏئي، ٻندو سهي. (چوڻي)**

۱۳۱. **الله رسي، مت کسي. (چوڻي)**

ايشور جڏهن ناراض ٿئي، تڏهن اِنسان جي به مت کسي وڃي. [36]

۱۳۲. **اماس سان ملهه وڙهي ڪا نه سگهبي. (پهاڪو)**

اماس: چنڊ نڪرڻ کان اڳ وارو ڏينهن، جيڪو اونداهو هوندو آهي. ۲. تڪليف واري (اونداهين) وقت سان ڪير رڙهي سگهندو؟

۱۳۳. **امان! منهنجي ساهري گهر ٻيا ته مون سان وڙهن، منهنجي ساهري چانئٺ به مون سان وڙهي! (ورجيسي جملو)**

۱۳۴. **امانت ۾ خيانت نه ڪجي. (چوڻي)**

۱۳۵. **اَمل ماڻڪ هجي پيٽ ۾ ته ٻَکي منهن ۾. (پهاڪو)**

ڪنهن جو به ڪو گڻ هوندو آهي، لڪي ڪو نه سگهندو آهي ۽ جلد ظاهر ٿي پوندو آهي.

۱۳۶. **امٺا، نه گمٺا. (ورجيس)**

امان، نه گمان. ۲. بنا ڪنهن شڪ ۽ گمان جي.

۱۳۷. **ان آهي، ايمان آهي. (چوڻي)**

پيٽ پريل آهي ته ايمانداري آهي.

۱۳۸. **ان ٿورو، ٿُهر گهڻا! (ورجيس)**

۱۳۹. **انبان ٻُور، ڪلالان لاها. (پهاڪو)**

اَنبان: انبن منجهه. ٻُور: قل جو ڦٽڻ. ڪلال: شراب وڪڻندڙ، گتيوال. ۲. اَنب جڏهن ٻُوربا آهن، تڏهن سندن وِرُ گهڻو ڏسڻ ۾ ايندو آهي. پر اَنب پڪا ڪي فقط ٿورا، نڪرندا آهن. گتيوال جو فائدو به پهرين گهڻو ڏسڻ ۾ ايندو آهي، پر پوءِ اوذر وغيره نه ملڻ ڪري، صافي فائدو تمام ٿورو وڃي بيهندو آهي.

۱۴۰. **انبن جون سڪون، انبڙين مان نه لهن. (پهاڪو)**

هئن به چون: انبن سندو ساءُ، ڪتان اَچي اڪ-ٽٽڙن مان.

۱۴۱. **انبن سندو ساءُ، ڪتان اَچي اڪ-ٽٽڙن مان. (پهاڪو)** [37]

۱۴۲. **ان پلي، ذات پلي. (چوڻي)**

پلي: ان رکڻ لاءِ ٺوئن ۽ پچرن مان نهيل جاءِ. اڳئين زماني ۾ جن وٽ ان هوندو هو، تنهن کي شاهوڪار ڪري ليکيو ويندو هو ۽ سندس ذات پلي سمجهي ويندي هئي.

۱۴۳. **اُن جو منهن، جنڊ ڏانهن. (پهاڪو)**

---

[36] رب رسي، مت کسي، هٿي ڪو نه هٿيار، ڏسي اهو پار، جنهن سان جوکو جيءَ کي.

[37] اڪ-ٽٽڙا: اڪ منجهه انبڙيءَ جهڙو ڦر. وضاحت لاءِ ڏسو: اڪن کان تو آما گهري.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

اَن جو رخ، جنڊ ڏانهن ئي رهندو.

۱۴۴. **اَن جو واپار: هس مان چلو، چلي مان هَسُ ڪري. (چوڻي)**

هس: ڳچيءَ ۾ پائڻ جو ڳري وزن وارو مٽيو. چلو: هلڪي وزن وارو ڳهه، جو آڱر ۾ پائبو آهي. ۲. اَن جو واپار اهڙو آهي جو وقت تي گهڻو فائدو ڪري، جنهن مان وزندار مٽيا پائي سگهجن پر وري ڪڏهن اهڙو گهاٽو ڪري جو هلڪو ڳهه پائڻو پوي. واپار ڪڏهن ڪئن ته ڪڏهن ڪئن هوندو آهي.

۱۴۵. **اَن جي پلي، گهر ۾ پلي. (چوڻي)**

پلي: اَن جي رکڻ جي جڳهه. ۲. ان رکڻ جي جڳهه پنهنجي گهر ۾ ئي نيڪ آهي. مڃي به پاڻيءَ ۾ نيڪ آهي.

۱۴٦. **اندر اڇو نه ڪري، ڏوئي ٿو ڏاڳا! (ورجيس)**

ڏاڳا: وٽيل سڳا نوڙين جهڙا، جي اڪثر فقير مٽي ڪي ويڙهيندا آهن. اندر صفا ڪو نه ڪيو اٿس پر ڏاڳا ٿو مٽي تي پائي.[38]

۱۴۷. **اندر ٻڏي ڪين، ٻاهر ٻڌي زين! (ورجيس)**

پنهنجو اندر ٻڌو ڪو نه اٿس. ٻاهر اچي گهوڙي ڪي زين (سنج) پيو ٻڌي!

۱۴۸. **اندر ٻڏ ٻهوُن، ٻاهر آٽڻ ان جو: (ورجيس)**

ٻڏ: هڪ گاهه جي پاڙ. ٻهوُن: گهڻو. آٽڻ: سڪل اٽو. ۲. اندر گاهه وجهي، ٻاهر آٽڻ وجهي، ٻاهران اٽي جو ڏيک ڪيو ويو آهي. اندر هڪڙو، ٻاهر ٻيو!

۱۴۹. **انڌا ٻانيڻ، ٻه ٻارسيون. (پهاڪو)**

ٻارس: چنڊ ڪان پوءِ ۱۲ ڏينهن.

۱۵۰. **انڌا روزا رکن، ته ڏينهن ٻه وڏا ٿين. (پهاڪو)**

انڌا جڏهن روزا رکندا آهن، تڏهن پاڻ وقت نه ڏسي سگهڻ ڪري، ڪين ڏينهن وڏو پيو لڳندو آهي.

۱۵۱. **انڌن آندو، ڪتن کاڌو. (پهاڪو)**

انڌو ڪجهه کاڌي جي شيءِ آڻيندو آهي ته ڪتا چٽي ويندا آهن. چاڪاڻ ته هو ڏسي ڪو نه سگهندو آهي. ۲. هيئن به چون: انڌي پيهين، ڪتي چٽي.

۱۵۲. **اَنڌن جو وهانءُ: منڊا نچن، ٽنڊا پائن ڦيريون. (پهاڪو)**

اَنڌن جي شادين تي سياويڪ ٽنڊا ۽ منڊا به اچي شريڪ ٿيندا. سيڪو پنهنجو ثاني شريڪ ڳولهي لهندو.

۱۵۳. **انڌن وڃي ملتان لڌو. (پهاڪو)**

ملتان شهر جو حيدرآباد جي ڦليلي ڪان سڌو رستو وڃي وڃبو ته اچي نڪرندو ۽ ڪنهن به منجهڻ جو سبب ڪو نه ٿيندو جو رستو سڌو آهي. کهڙو اَنڌو به ملتان ڳولهي سگهندو.

۱۵۴. **انڌن ۾ ڪاڻو، راڄا. (چوڻي)**

جتي سڀ انڌا هوندا، اتي ضرور ڪاڻي جو مان ٿيندو.

۱۵۵. **انڌو، ٻي ايمان. (چوڻي)**

انڌي تي ايمان (ڀروسو) رکي ڪو نه سگهبو جو هو ڏسي ڪو نه ٿو سگهي.

---

[38] عملي علم نه پرايو اٿس، باقي شڪل شبيهه ۽ لٽو ڪپڙو ۽ حليو عالمن جهڙو بڻائي پيو ٿو ماڻهو ٺڳي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

**١٥٦. انڌ وَٽ، منڊ وَٽ، پر نِنڊ وَٽُ. (چوڻي)**

انڌو (وهٽ) به وٽو، منڊو به وٽو، پر ننڊو وٽو.

**١٥٧. انڌو گهري الله ڪان هڪ اک، پر ڪيس ٻه پيئون ملن. (پهاڪو)**

**١٥٨. انڌو مڱڻهار: نه ڏسي، نه عارُ ڪري. (پهاڪو)**

**١٥٩. انڌو هاٿي، لشڪر جو زيان. (پهاڪو)**

انڌو هاٿي، لشڪر ۾ آڻبو ته فائدي بجاءِ نقصان ڪندو.

**١٦٠. انڌو ويهي ڪڏ تي، چي: مونکي ڪير ڏسي ئي ڪو نه ٿو. (پهاڪو)**

**١٦١. انڌو ۽ اڻ سونهون: ٻئي هڪ آچار. (پهاڪو)**

سونهون: رستو ڏيکاريندڙ. ٢. انڌو ۽ جنهن کي رستي جي خبر ڪانهي، سي ٻئي هڪ سمان سمجهڻ گهرجن. انڌو انڌي کي ڪيئن واٽ ڏيکاريندو.

**١٦٢. انڌي اک ڪان، ڪاڻي اک چڱي. (چوڻي)**

**١٦٣. انڌي اڳيان آهري، ڪر تئو ننگيو پيو آهه. (پهاڪو)**

آهري: آرسي. ڪر: ڄڻڪ.

**١٦٤. انڌي ٻلي، مئل ڪئا جهلي. (پهاڪو)**

**١٦٥. انڌي: جهڙي پيڪي، تهڙي ساهري. (پهاڪو)**

**١٦٦. انڌي جي جوءِ جو واهي، الله. (چوڻي)**

جنهن زال جو مرد، اکين کان انڌو هجي، سا ايشور جي ٻلي سمجهڻ گهرجي. جنهن مرد جون اکيون پوريل هجن، زال تنهن سان جئن هلي، تئن سولي!

**١٦٧. انڌير نگري، چرٻٽ راجا، ٽڪي سير ڀاڄي، ٽڪي سير کاجا. (ورجيس)**

اِهو نياءُ وارو شهر نه سمجهڻ گهرجي، جتي سڀ شيون هڪ اگهه ۾ وڪامن.

**١٦٨. انڌي کي: جهڙو ڏينهن، تهڙي رات. (پهاڪو)**

ساڳي معنىٰ وارو پهاڪو هن ريت آهي، انڌي: جهڙي پيڪي، تهڙي ساهري.

**١٦٩. انڌي گهوڙي ڪل ۾. (ورجيس)**

ڪل: گپ، پَن، ڏِيرِ. ٢. گهوڙي انڌي هوندي ته ڪڏهن نه ڪڏهن گپ ۾ ڦاسائيندي.[39] اڻ آزمودگار جو به سهارو وٺبو ته ضرور کڏ ۾ ڪيرائيندو.

**١٧٠. انڌيون اٽنديون، سي وري مهمان ڍڪيندا! (پهاڪو)**

**١٧١. انڌيون ٻه، چٻڪا چار! (پهاڪو)** [40]

**١٧٢. انڌي ۽ جنڊ، واري ۽ پنڊ. (چوڻي)**

---

[39] ڪَلُ: ڏير، پَن. ڏير جي ٻوڙي ۾ ٻاجهريءَ جي ڪانن وانگر ڪانا ۽ سنگن وانگر سنگ ٿيندا آهن. جڏهن ته ٿيندي ڪڏن ۽ پاٽيءَ وارن جاين تي آهي. گهڻي گهاٽي به ٿيندي آهي. هڪ دفعو ڪير اندر ويو ته نڪرڻ ۾ وقت لڳي ويندس.

[40] انڌو ماني آڏو رکي کائيندو ۽ ڀر ۾ اچي ڪو ڪتو ويهي ماني کائڻ لڳيس ته خبر نه پوندس. هڪ چٻڪو پاڻ ڏيندو ته ٻيو ڪتي جو هوندو. مراد ته انڌ سان گڏ ڪتا به ڊِوَ پيا ڪندا آهن.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

١٧٣. **ان ڏيوتا، ڏڪندو اڇي. (چوڻي)**

ان ويچارو بہ ڏکي تہ متان جتي وڃان اُتي آدر نہ ملي.

١٧٤. **ان کي آب ڏي، پيٽ ڦاٽي تہ ڦاٽڻ ڏي. (چوڻي)**

١٧٥. **ان وڏائي اوجهري، گيهہ وڏائي ڪوپري. (چوڻي)**

١٧٦. **اِنسان، اونڌي ڪوپري آهي. (چوڻي)**

ڪوپري: ڪيپراٽي، ڪاپار. ٢. جئن اونڌي ڪوپري پرجي ڪا نہ سگهجندي آهي، تهڙيءَ طرح انسان جو ڍءُ ٿي ڪو نہ سگهندو.

١٧٧. **اِنسان اهو، جو پنءُ مان پروڙي. (چوڻي)**

سياڻي لاءِ، هڪ اکر بس آهي.[41]

١٧٨. **انسان، تہ نسيان. (چوڻي)**

نسيان: غفلت.

١٧٩. **اِنسان جو ناماچار، وڻ جي پاڇي سمان. (چوڻي)**

جئن سج ڦرندو رهندو آهي، تئن پاڇو بہ ڦرندو رهندو آهي. انسان جو ناماچار بہ ائين آهي.

١٨٠. **انسان، خطا جو گهر آهي. (چوڻي)**

خطا: ڀل. اِنسان کان ئي ڀلون ٿي سگهن ٿيون.

١٨١. **انگ ازلي آهي لکيو قادر، تو ڀري ءِ نا ٽري. (چوڻي)**

ازلي: قسمت.

١٨٢. **انگ اڙيو، چوکر ڪريو. (گفتار)**

١٨٣. **انگ اگهاڙو، پيٽ بکيو. (ورجيس)**

١٨٤. **اڻ پڙهيا، پڙهين اڳيان، ڀريون ڍوئيندا. (چوڻي)**

١٨٥. **اڻ پڙيتيءَ پڙو پاتو، چنڊبيندئي ڏينهن ويو. (پهاڪو)**

جنهن زال پهريون دفعو پڙو (پيشگير) پاتو، تنهن گهڙي گهڙي پڙي کي چنڊي ڏينهن وڃايو.

١٨٦. **اٽاسيءَ لاءِ عيد، سجاري لاءِ صرفو. (چوڻي)**

اُٽاسو: بي شرم. سجارو: عقل وارو. ٢. بي شرم ماڻهوءَ لاءِ هميشہ عيد ۽ خوشيون آهن. عقل وارو صرفو ڪري رقم بچائي. ڪيوٽ ڪري، هلي ٿو.

١٨٧. **اُٽاٽي بہ ويئي، ٽٽاٽي بہ ويئي، وري ڪپهہ جي ڪپهہ. (ورجيس)**

’گل شڪر‘ ۾ لکيل آهي تہ: هڪ نشئيءَ کي رستي جي پاسي ۾ پيشاب ڪندي پنکي اچي ويئي. اُٺان کو ٻيو لانگهائو ٿيو. تنهن سندس مٿي تان پڳ لاهي، انهيءَ بدران ڪپهہ جي پوٽي رکي ڇڏي. جڏهن نشئي سجاڳ ٿيو، تڏهن پوٽي ڏسي وائڙو ٿيو ۽ مٿيون پهاڪو ڏنائين. ڪپهہ ڪتجي سٽ ٿيو ۽ سٽ اُڃي ڪپڙو ٿيو، سو جو موٽي سٽ ٿيو تہ لاشڪ سڀ محنت اَجائي ويئي. جهڙي ڪپهہ اڳي هئي، ساڳي ٿي پيئي. سڀ محنت برباد.

---

[41] ٿورن لفظن ۾ هيئن بہ چئبو آهي: انسان: تہ اکر بس.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

**١٨٨. اُٺتيهه راتيون چور جون، ٽيهين رات ساڌ جي. (پهاڪو)**

**١٨٩. اڻ سرنديءَ، پهاڄ پيڪي. (پهاڪو)**

اڻ سرنديءَ: لاچار. پهاڄ: مرد جي اڳين زال. ٢. اڪثر ڪري زال ته دل و جان سان نه چاهيندي آهي ته پهاڄ جي پيڪي وڃجي پر لاچاري حالتن هيٺ زالن کي ائين ڪرڻو پوندو آهي. سياڻن جو چوڻ آهي ته لاچار ڪي اَچار ڪونهي، وڻي يا نه وڻي اهو ڪم ڪرڻو پوي ٿو.

**١٩٠. اڻ سرنديءَ سيکو ٽري، ڪرو ڪو سرنديءَ ٽري. (چوڻي)**

اڻ سرنديءَ: اڻ پڄندي. سرندي: پڄندي. ٢. پڄي نه سگهڻ ڪري، سيکو ٽاري سگهي ٿو. پر شاباس انهيءَ کي آهي جو پڄي سگهڻ جي حالت ۾، من کي ماري، ماٺ ويهي ٿو.

**١٩١. اڻ گهريو ماءُ به پار کي نه ڏارائي. (پهاڪو)**

اڻ گهريو: گهرڻ کانسواءِ. ڏارائڻ: کاڌو ڏيڻ. [42]

**١٩٢. اُڻدو اُها ئي، جا ڪوريءَ جي من ۾. (پهاڪو)**

ڪوري: ڪپڙو ٺاهيندڙ. ٢. ڪپڙو ٺاهيندڙ (ايشور) کي، جيئن من ۾ ايندو، تيئن ئي ڪندو.

**١٩٣. اڻ وهندا ڏاند، به ڪڏهن وهيا؟ (پهاڪو)**

**١٩٤. اڻ هوند ڪان، هوند چڱي. (چوڻي)**

**١٩٥. اڻ هيريا نه هير، متان هرني، هيريا نه ڦير، متان وڙهني. (چوڻي)**

اڻ سيکڙاٽ مان به ڪڏهن ڪم ٿيو؟ [43]

**١٩٦. اُٺي هڪ هٿ، ٻڏائي جوڙي. (ورجيس)**

جوڙي: هٿن جي. ڪم ٿورو ڪري، دعوىٰ گهڻي جي ڪري. اُٺڻ لاءِ هڪ هٿ، ٻڏائڻ لاءِ به هٿ گهرجن. [44]

**١٩٧. اوني، اونيءَ کي سٽو نه ڪندي. (پهاڪو)** [45]

**١٩٨. اوٺ پڙي موٺ ۾، ڪنوار پڙي گهوٽ ۾. (چوڻي)**

**١٩٩. اول پيٽ پنجوءَ جو، پار ٻچا سڀ پوءِ. (ورجيس)**

ٻين جو اونو نه رکي، رڳو پنهنجو پيٽ پرڻ.

**٢٠٠. اونڌيون پاٽيون پاسيرا ٿويا، ته به وکري ساچا، ماڻهو ٿوهيا. (چوڻي)**

**٢٠١. اُها زبان اُس ۾ وهاري، اُها زبان ڇانءَ ۾ وهاري. (چوڻي)**

بنا ڏنگ جي ڳالهائڻ ڪري، ماڻهو ٻي مانو ٿئي ٿو. ٢. ٻيو پهاڪو هن ريت آهي: اها ئي زبان پالڪيون گهمائي، اها ئي زبان سر قتل ڪرائي.

**٢٠٢. اها ساهه ئي گهوري، جا سر تکي. (پهاڪو)**

ساهه: مٽيا، مٽين جو هار. سر: جند.

---

[42] اهو پهاڪو مقرر روپ ۾ هيئن مروج آهي: اڻ گهريو ماءُ به پٽ کي ٻبو نه ڏارائي. ٿج جهڙو کاڌو، ڏيءُ ته نهيو پر بنا ضرورت جي ماءُ پنهنجي پٽ کي به نه ٿي ڏئي. گهرڻ ڏاران ڪا شيءِ ڪنهن کي ڏيڻ، ان جو قدر گهٽائڻو آهي.

[43] هيءَ ڪهاوت اڻ سيکڙاٽ بابت استعمال ۾ نه ايندي آهي بلڪ هريل يا اڻ هريل کي نئون هيرائڻ تي استعمال هيٺ ايندي آهي.

[44] ڪپڙو اٽبو به ٻنهي هٿن سان آهي، ۽ پري ٻڌبي به ٻنهي هٿن سان آهي. هن ورجيس اندر، ڊاڙي يا ڪوڙي ماڻهوءَ ڏانهن اشارو آهي ته: ماپ جي حساب سان هڪ هٿ جيترو ڏکهو ڪپڙو اٽي ٿو ۽ محنتاڻو ونڻ وقت ڪوڙ هٽي ٻڌائي ٿو ته: جوڙي هٿن جي يعني به هٿ اٽيا اٿم.

[45] اوني: سني جو ضد، ڪني. اهڙي ٻي ڪهاوت به آهي: ١. گونهن، گونهن سان نه ڏوپندو. ٢. گند، گند سان نه ڏوپندو.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

٢٠٣. **اُها ڪڪڙ مري ويئي، جا سونا آنا ڏيندي هئي. (پهاڪو)**

هڪ ڪڪڙ، روز سونو آنو ڏيندي هئي. ڌڻيءَ کي دل ۾ خيال آيو تہ: چو نہ کيس ڪهي، اندر مان سڀ آنا ڪيان؟ ائين ڪرڻ سان، جيڪي آنا ملندا هئس، سي بہ بند ٿي ويس. ٢. لالچ جو نتيجو، خراب.

٢٠٤. **اها ئي زبان پالڪيون گهمائي، اها ئي زبان سر قتل ڪرائي. (چوڻي)**

٢٠٥. **اهڙو ڪم ڪجي، جو لعل بہ ليي پريت بہ رهجي اچي. (چوڻي)**

ڪو بہ اهڙو معاملو ٿئي تہ سياڻي جو ڪم آهي تہ اهڙو نمونو هلي جو ڪم بہ ٿئي ۽ اڳين پريت بہ رهجي اچي. ڪيترا ماڻهو آهن، سي اگر معاملو نبيريندا آهن پر پريت اڳئين نموني نہ رهندي آهي.

٢٠٦. **اِهو سوار ئي ڪونهي، جو گهوڙي تان نہ ڪريو هجي. (پهاڪو)**

٢٠٧. **اُهو سون ئي گهوريو، جو ڪن چني. (پهاڪو)**

سون، زالون ڪنن ۾ پائينديون آهن. سندن ڪن پڇي پوندا آهن. سياڻن اِنهيءَ ڪري ائين چيو آهي. ٢. هيئن بہ چون: اها ساهہ ئي گهوري، جا سر تکي.

٢٠٨. **اُهو ڪي ڪجي، جو مينهن وسندي ڪم اچي. (چوڻي)**

٢٠٩. **اُهو وڻ ئي ڪونهي، جو واءُ نہ لوڏيو آهي. (پهاڪو)**

هر هڪ وڻ کي هوا ضرور لوڏيو هوندو.

٢١٠. **اُهو ئي هٿ کير ۾، اُهو ئي هٿ نير ۾. (ورجيس)**

٢١١. **اُهي ٻيلا ئي ٻيا جن ۾ ڪائيون ڪم جون. (ورجيس)**

اهي ڪم ڪندڙ ماڻهو ئي ٻيا، جيڪي ڪم ڪري سگهن.

٢١٢. **اِهي تنيا ئي مري ويا، جي گهتا ڏيندا هئا. (پهاڪو)**

ڪجهہ وقت اڳي، سنڌ ۾ تنيا فقيرن جو اِهو رواج هوندو هو جو پنهنجن مريدن کان گهٽو وٺي، پيرين پنڌ، (ملتان ۾) پنهنجي مرشد جي درگاهہ شريف ويندا هئا. هن وقت اِهو رواج بند آهي، تنهن ڪري ائين چيو ويندو آهي.

٢١٣. **اهي سيون، اُهي ئي سڳا. (ورجيس)**

٢١٤. **اهي لالڻ ئي لڏي ويا. (چوڻي)**

٢١٥. **اهي وڻ بہ ويا، تہ واهيرا بہ ويا. (ورجيس)**

واهيرو: آڪيرو.[46]

٢١٦. **اُهي هٿ روٽيءَ ۾، اُهي هٿ چوٽيءَ ۾. (ورجيس)**

هن ريت بہ چيو ويندو آهي: اُهو ئي هٿ کير ۾، اُهو ئي هٿ نير ۾.

٢١٧. **اُهي ئي ڪاٺ، اُهي ئي کهاڙا. (ورجيس)**

٢١٨. **اهي ئي لاٽون، اُهي ئي چڳهہ. (ورجيس)**

٢١٩. **اياڻو چوي، سياڻو ويچائي. (پهاڪو)**

[46] پکين جا آکيرا، اڪثر وڻن جي لامن/ ٽارين ۾ هوندا آهن. جڏهن وڻ نہ رهيو تہ آکيرو بہ نہ رهندو. جيئن چئبو آهي: نہ رهيو بانس، نہ وڄندي بانسري.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

اياڻو: ڪم عقل. سياڻو: سمجهو. ويچائي: خيال ڪري، پنهنجي سمجهہ هلائي. ٢. ڪم عقل ماڻهو، جيڪي ايندس سو ويندو وات مان ڪڍندو پر سمجهو ماڻهوءَ ڪي انهيءَ تي خيال ڪرڻ گهرجي.

**٢٢٠. ايرازي آندي، ڳور نهاري ڳوٺ ۾! (پهاڪو)**

ايرازي: قسمت. ڳور: قبر. [47]

**٢٢١. ايشور ڏئي، تہ ڇپر ڦاڙي ڏئي. (چوڻي)**

**٢٢٢. ايڪ تندرستي، هزار نعمت. (چوڻي)**

هڪ تندرستيءَ ۾، هزارين نعمتون/ خاصيتون آهن.

**٢٢٣. ايڪ پنٺ، دو ڪاج. (ورجيس) [48]**

**٢٢٤. ايندو سيڪو ڏسي، ويندو ڏسي ئي ڪو ڪو نہ: (چوڻي)**

ايندڙ ڪمائي سيڪو ڏسي، پر ويندڙ (خرچ) ڪير ڪو نہ ڏسي.

---

[47] ماڻهوءَ جي قبر اتي جڙي ٿي، جتي قسمت اندر لکيل آهي. اگر قسمت ۾، هڪڙي ماڻهوءَ ڪي نهاري جي ڳوٺ ۾ دفن ٿيڻو آهي تہ سندس مڙهہ بہ اتي اچي پڄندو.

[48] ايڪ: هڪ. پنٺ: پنڌ. دو: ٻہ. ڪاج: ڪم، هاج. جيڪڏهن هڪ طرف ڏي وڃجي تہ ڪوشش ڪجي اوڏانهن جا ٻيا سمورا ڪم بہ ان ئي پنڌ ۾ اڪلائي اچجن. ساڳيي رخ ۾ وري وري پنڌ ۽ خرچ کان بچجي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

## ( ب )

**١. بابا ڇيڻا: جهڙا اُٿيا، تهڙا ٻيٺا. (چوڻي)** [49]

**٢. بابل گهر گهوڙي، ته ڪا مون هِڙ هِڙ؟ (پهاڪو)**

ڪنهن جي بابي جي گهر گهوڙي هوندي ته اُنهيءَ جي هٽڪار، ڌيءَ لاءِ ڇا ٿي ڇا؟

**٣. باپ جي ڪنئي ۽ آپ جي ڪنئي، وڏو سنڌو. (چوڻي)**

سنڌو: تفاوت، فرق، وٿي. [50]

**٤. بادشاهين پوندين معاملي، ڇنّي ڪير ويچاري؟ (پهاڪو)**

وڏين ڳالهين ۾، ننڍيون ڳالهيون ڪير ويچاري. [51]

**٥. باز جي ريس ڪري اَڏاٽي چڙي، ڇٽو هوس ڇنهنب ۾، سو به پيس ڪري. (پهاڪو)**

**٦. بازار مصطفيٰ، خريدار خدا. (ورجيس)**

**٧. باشو ٻوڙيو تتر ڏانهن، مٿان پيس عقاب، مڃي ڳولهي ڳاهه ڪي، ڪُسي ٿي ڪباب. (پهاڪو)**

**٨. باندر ۽ بيوقوف، ڇا ڄاڻي سُنڌُ جي سواد مان؟ (پهاڪو)**

**٩. باهه لڳڻ مهل، کوهه کوٽڻ. (ورجيس)**

**١٠. بتي ٻري، متي ڪري. (پهاڪو)** [52]

**١١. بختاورن جا ڍڳا به ويامن. (پهاڪو)**

**١٢. بخشش سوَ سوَ ڪجي، حساب ٿوري ٿوري جو به وٺجي. (چوڻي)** [53]

**١٣. بدن ۾ دم نه ٿهي، نالو زوراور خان. (ورجيس)**

۽ هئن به چون: لهي لوڻ به نه، چي: منهنجو نالو سون ٻائي.

**١٤. بدو پُنو، ڪانون رُنو. (چوڻي)**

**١٥. بس، الله جي وس. (گفتار)**

ڪوشش ڪري بس ڪرڻ ڪانپوءِ، آهي ايشور جي هٿ ۾. [54]

**١٦. بسم الله ئي غلط. (ورجيس)**

ايشور جي نالي ۾ غلط ڳالهيون به صحيح! [55]

**١٧. بسياري، خواري. (چوڻي)**

بسياري: گهڻي، گهڻائي، جهجهائي. خواري: بدنامي، بدناموسي.

---

[49] ڇيٽ مهيني جي اندر ڄاول ٻار کي ڇيڻو سڏبو آهي. اهو اڪثر ڪمزور هوندو آهي، جيڪو اٿندي ويهندي پيو ڪنجهندو آهي. ان جو اٿڻ ۽ ويهڻ ٻئي ڪم جا نه هوندا آهن.

[50] پنهنجي هٿن سان ڪمايل پئسي جو قدر آهي، ابي ڏاڏن ورثي ۾ آيل ملڪيت جو قدر نه هوندو آهي.

[51] جيڪو معاملو، بادشاه ويهي پاڻ ويچارين، اتي اڻ پڙهيي جي صلاح، نه ڪير پڇندو، نه ڪير وٺندو.

[52] سج لهڻ کان پوءِ، اڪثر ماڻهن جا ماشا ئي ڦري ويندا آهن. جيئن جيئن شهر جي گهٽين جون بتيون ٻرڻ شروع ٿينديون، تيئن تيئن سندن سمجهه تي ويندا پردا چڙهندا.

[53] هيئن به چئبو آهي: بخشش سوَ سوَ، حساب جَوَ جَوَ.

[54] هيءَ گفتار آهي، جيڪا ٻن ڄڻن جي وچ ۾ ٿيل ڪلام تي مبني آهي. جڏهن تور ماپ ڪندي، تور پوري ٿيڻ تي هڪڙي ڌر چوندي آهي: بس. ته اڳلي ڌر وري وراڻيءَ ۾ چوندي آهي: الله جي وس.

[55] معاملي جي شروعات ۾ ئي غلطي ٿي وڃڻ.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

۱۸. **بصر پچڻ ڪانسواءِ، بانس ڪا نہ نڪرندي. (پهاڪو)** [56]

۱۹. **بک بچڙو ٿول، دانهہ بہ ديوانا ڪري. (چوڻي)**

دانهہ: داناهہ، داناءُ. ۽ هئن بہ چون: بک بڇڙي بلا، چڱن کي چريو ڪري.

۲۰. **بک بڇڙي بلا، چڱن کي چريو ڪري. (چوڻي)**

۲۱. **بک ۾ بصر بہ مٺا. (چوڻي)**

۲۲. **بک وچان اوگهڙ، ياد نہ آهي. (چوڻي)**

۲۳. **بکئي جون اکيون، چلهہ ۾. (چوڻي)**

۲۴. **بکئي کي، ٻٽ بہ ڏور. (چوڻي)**

۲۵. **بکئي کي بصر سان، روٽي رکيائي، سيري ڪان سواد ۾، ڏيڍي سوائي. (چوڻي)**

۲٦. **بکيا ويا سجن وٽ، چي: عيد ڪنداسون. (چوڻي)**

۲۷. **بکيو گدڙ، شينهن سان گڏ ڪائي. (پهاڪو)**

۲۸. **بگهڙ: ڪائي تہ بہ وات ڳاڙهو، نہ ڪائي تہ بہ وات ڳاڙهو. (چوڻي)**

۲۹. **بن ڪمائي نانڪا، مون کي ساڌن جهڙو ڪر. (چوڻي)**

۳۰. **بندرو پڍي سندرو، تہ ڪير بہ نہ پڇي. (چوڻي)**

نندي قد واري تي ٺوڪ بازي.

۳۱. **بندي جي من ۾ هڪڙي، صاحب جي من ۾ ٻي. (چوڻي)**

۳۲. **ٻٽي تہ ٻٽي، نہ تہ دال روٽي گهٽي. (چوڻي)**

۳۳. **بهڻ: هيٺ تہ گهڻ، مٿي تہ پهڻ. (چوڻي)**

۳۴. **ٻهي وچ بازار ۾، پئسي ۾ چريا چار ڏجن، جي خريدار ڪرڪن، تہ ڏهہ ڏيئي چڏجن. (چوڻي)**

۳۵. **بي ادب بي نصيب، با اَدب با نصيب. (چوڻي)**

۳٦. **بيبي دلي، ڊڪي پلي. (چوڻي)**

ڪني زال، ڊڪي چڱي آهي. [57]

۳۷. **بي بي نيڪ بخت، تہ پائيءَ جي دال ٽي وقت، بي بي بد بخت، تہ مهيني جي پگهار هڪ وقت. (چوڻي)**

۳۸. **بي تالي رن: ڏڪڙن جو نقصان. (چوڻي)** [58]

۳۹. **بيٺل تہ لک جو، ڪريو تہ ڪک جو. (ورجيس)**

۴۰. **بي حيائي، تہ بادشاهي. (چوڻي)**

بيشرمن لاءِ، بادشاهي آهي.

۴۱. **بي خبري، خوشخبري. (چوڻي)**

---

[56] بصر جي بانس، بصر منجهہ موجود آهي، پر ظاهر تڏهن ٿي ٿئي جڏهن بصر جي ڪل لهي ٿي. اگهاڙي ٿيڻ سان سچائي ظاهر ٿئي ٿي ۽ لڪائي نہ ٿي لڪي.

[57] بيبي پلي، ڊڪي پلي. زال جو عيب يا پواب، ڊڪي ڇهڻ ۾ عافيت آهي.

[58] اها ڪهاوت پنهنجي مقرر روپ ۾ هيئن مروج آهي: بي تالي رن، ڏڪڙن جو زيان.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

۴۲. **بيعقل بازار ۾، سنگتي نہ ڪٽجي ساڻ، اول ڪٽائي پاڻ، پوءِ سمر ڏئي ساٿين کي. (چوڻي)**

بيعقل کي پاڻ سان ڪڏھن بہ نہ ڪٽجي. پهرين ھو خوار ڪرائيندو پاڻ کي، پوءِ ڪرائيندو سنگتين کي.

۴۳. **بيعقل دوست کان، داناھ دشمن چڱو. (چوڻي)**

۴۴. **بيعقل کان، ٻي ڏاڙهيو چڱو. (چوڻي)**

۴۵. **بيڪار کان، بيگار ڀلي. (چوڻي)**

بيڪار: ڪم ڪانسواءِ. بيگار: زوري ڪم وٺڻ.

۴٦. **بيوقوف دوست کان، داناھ دشمن چڱو. (چوڻي)**

---



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

## ( ٻ )

**.١ ٻاٻل آچاري، پر ڪو مڃي. (چوٽي)**

ٻاٻل: ٻابل، بابو، ڪاڪو، پريو مڙس، مکي، چوڌري. آچاري: نياءُ ڪندڙ. ٢. پنهنجي گهر ۾ يا پاڙي ۾ ڪو نياءُ ڪندڙ هوندو ته به ڪيس مڃڻ لاءِ ڪو ماڻهو تيار ڪو نه ٿيندو. چاڪاڻ ته پاڙي ۾ آهي.[59]

**.٢ ٻار اک ڪان ٻاهر ٿيو، ته ڪريو. (چوٽي)**

**.٣ ٻار، ٻاروتن ۾ پٽرو. (چوٽي)**

ٻاروتا: ٻاراٽا ڪپڙا. هيئن به چون: پٽ، ڪپٽ؛ پينگهي ۾ ئي پٽرو.

**.۴ ٻار چُريو، گهر ڦُريو. (چوٽي)**

ننڍڙو ٻار چرڻ پرڻ لڳندو آهي ته سيني شين ۾ هٿ وجهي نقصان ڪندو آهي.

**.۵ ٻارنهن گدرا، تيرنهن لاڱدرا. (ورجيس)**

گدرا آهن ٻارنهن ته حصو پتي چڪيندڙ آهن تيرنهن.[60]

**.٦ ٻارڻ ٻهوُن ڪجن، ته ٻہ رڙا رجهن ڪين ڪي. (پهاڪو)**

ٻارڻ: ٻاھ جو ٻارڻ. ٻهون: گهڻا. رڙو: سخت اَناج جو داڻو. مڱ يا مٽر جو ڪريل داڻو، جو مشڪل ڳرندو آهي.

**.٧ ٻارهين ڪوهين ٻولي ٻي. (چوٽي)**

ٻارهن ڪوهن ڪان پوءِ، ٻولي ڦريل ڏسڻ ۾ ايندي.

**.٨ ٻاليتو، نہ ماليتو. (پهاڪو)**

ٻاليتو: ٻارن وارو. ماليتو: مال ملڪيت وارو. ٢. ڪٽنبي ماڻهو، مال ملڪيت وارو مشڪل تي سگهندو. سندس گهڻو خرچ، ٻارن جي پالنا ۾ تي ويندو هليو.

**.٩ ٻانيڻ ۽ ٻڪري، پاڙي جي ڦڪڙي. (چوٽي)**

ڦڪڙي: کک ڪندڙ.

**.١٠ ٻانيڻ چاڙهيو ڪنو، ڪانگن ويهي رنو. (چوٽي)**

**.١١ ٻانيڻ چئي چُڪي، واڻيو وهي چُڪي. (چوٽي)**

**.١٢ ٻانهي تي ڪمائجي، ٻيبي تي کائجي. (چوٽي)**

**.١٣ ٻاهران جَپ، اندر کَپ. (ورجيس)**

هئن به چون: ٻاهران ماکي، اندر ۾ ڪاتي.

**.١۴ ٻاهران چکي مکي، اندران ٻڙ ٻڙ دکي. (ورجيس)**

چکي مکي: ٻاهران ڏيکدار. ٻڙ ٻڙ: چلم مان اندران آواز نڪرندو آهي. ٢. ٻاهران ڏسڻ ۾ سني، پر اندران اِهو ڪنو آواز پيو نڪرندو.

**.١۵ ٻاهران زيب زبان ۾، دل ۾ هچارو! (ورجيس)**

---

59 اهڙو ٻيو پهاڪو آهي؛ گهر جو پير، چلھ جو مارنگ.

60 جيئن اردوءَ ۾ چوندا آهن؛ ایک انار، سو بیمار.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

جنھن جي ٻاھران زبان مٺي ھجي ۽ اندر ۾ ڪجھ ٻيو ھجي، اھڙي ماڻھوءَ لاءِ ائين چيو ويندو آھي.

١٦. **ٻاھران ماڪي، اندر ۾ ڪاتي.** (ورجيس)

١٧. **ٻاھران مِٺِ مِٺِ، اندر ۾ ڦِٽِ ڦِٽِ.** (ورجيس)

١٨. **ٻاھر جي سڄيءَ ڪان گھر جو اڌ ڀلو، گھر جي دال ڀلي توڙي ٻاھر ملي ڀلو.** (چوڻي)

١٩. **ٻاھر سڙندو سيڪو ڏسي، اندر سڙندو ڪو نہ ڏسي.** (چوڻي)

ٻاھر جي باھ، سڀ ڪنھن کي ڏسڻ ۾ اچي. پر اندر ۾ ٻرندڙ باھ، ڪنھن کي ڏسڻ ۾ ڪا نہ اچي.

٢٠. **ٻائي ٻير، اڀائي سير.** (ورجيس)

ٻير ٽا وڪامن، چي: ڪھڙو اگھ؟ پئسي جا اڍائي سير! پوءِ ضرور ڪنھن ڪم جا نہ ھوندا، جو ايڏا سستا ٽا وڪامن.

٢١. **ٻائيءَ جي ٻانھي، پکي سونھين پنھنجي.** (پھاڪو)

ٻائي: سانئڻ. ٻانھي: نوڪرياڻي. پکي: اجھي، گھر. ٢. سانئڻ پنھنجي گھر ۾ سونھندي، نوڪرياڻي پنھنجي گھر ۾ سونھندي.

٢٢. **ٻہ تہ ٻارنھن.** (چوڻي)

٢٣. **ٻُڌي ٻڪري، در تي نہ ٻڌجي.** (چوڻي) [61]

٢٤. **ٻٽيھن ڏندن مان، شڀ ٻولجي.** (چوڻي)

٢٥. **ٻٽيھ منڊ منڊي ۾، اسيءَ ۾ ڪاٽو، اھڙو گنجو ساماڻو، جو سيني ڪٽي ماٽ ڪئي.** (چوڻي)

٢٦. **ٻج خرابو، تہ نج خرابو.** (چوڻي)

٢٧. **ٻڌل ڳالھ تي اعتبار نہ ڪجي، ڏٺل تي ويچار ڪجي.** (چوڻي)

٢٨. **ٻڌي ٻڌي، انڌو بہ واٽ لھي.** (چوڻي) [62]

٢٩. **ٻڏندڙ کي، ڪک جو بہ آسرو.** (پھاڪو) [63]

٣٠. **ٻڏڻ ويو وسري، لڏڻ آيو ياد.** (ورجيس)

بيشرم ماڻھن کي، شرم بدران مزو ئي ايندو آھي.

٣١. **ٻڏو سھن، ڏنو نہ سھن.** (ورجيس)

پاڻيءَ ۾ وجھي ٻوڙي ڇڏيائين، پر ڪنھن کي ڏيئي سڪيارت ڪو نہ ڪندا.

٣٢. **ٻڏو ماڻھو بہ، ٽئين ڏينھن ليي.** (پھاڪو)

٣٣. **ٻڏيءَ ٻيڙيءَ جو، لوھ بہ چڱو.** (پھاڪو)

ڪي لوھ جي بدران، ھريڙون يا تختو بہ چوندا آھن.

٣٤. **ٻرڙي پوي نہ ٻاجھ، پر ۾ تو ڀاءُ مري.** (چوڻي)

زالون پاڻ ۾ حجت پائي ٻڙي! ڪري ڳالھائيندپون آھن. ھڪ زال ٻئي زال کي مٿئين نموني ۾ ڏوراپو تي

---

[61] اھا تشبيھي ورجيس، مقرر روپ ۾ ھيئن مروج آھي: اھڙو سجو آھي جو ٻڌي ٻڪري بہ در تي ڪانھيس. ٻُڌي: جنھن جا سڱ پڳل ۽ ڪن ڪپيل ھجن.

[62] ائين بہ چوندا آھن: انڌن، وڃي ملتان لڌو.

[63] اھا ڪھاوت مقرر روپ ۾ ھيئن چئي ويندي آھي: ٻڏندڙ کي، ٻوڙا بہ سھارو. يعني آسرو نہ بلڪ سھارو ھوندا آھن.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ڏئي.[64]

**.٣٥ ٻري تيل، ڪامي وٽ، واهه ڙي ڏيئا واهه! (پهاڪو)**

ڪپي هڪ شيءِ، سڙي ٻي شيءِ، پر شاباس وري بہ ڏيئي يعني روشنيءَ کي پيئي ملي!

**.٣٦ ٻريل ماڻهو، ڪنجهڻ ڪان ڪو نہ ويندو. (چوڻي)**

**.٣٧ ٻڙيءَ کي ڪهڙو جوکو؟ (چوڻي)**

ٻڙيءَ کان پوءِ ٻيو ڪجهہ ڪونهي. جنهن کي ڪجهہ بہ هڙُ ۾ نہ هوندو، تنهن کي جوکو وري ڇا جو؟

**.٣٨ ٻڪري جنهن وڻ سان ٻجهي، سو وڻ چري. (چوڻي)**

ٻجهي: ٻڌجي.

**.٣٩ ٻڪري کير ڏئي، ڦولهڙين ڳاڏڙ. (چوڻي)**

ڳاڏڙ: ڳڏ. ٢. ٻڪري ڏهڻ سان کير ڏئي. پر ساڳئي وقت ڦولهڙيون بہ لاهي.

**.٤٠ ٻڪريءَ کي ساس جي، ڪاسائيءَ کي ماس جي. (چوڻي)**

**.٤١ ٻگهہ کي صورت سهٽي ڏنائين، ڪوئل کي ڪيائين ڪاري. (چوڻي)**

**.٤٢ ٻلي بہ پنهنجي گهر ۾ شينهن آهي. (چوڻي)**

**.٤٣ ٻلي ست ڪٺا کائي، حج چڙهي. (چوڻي)**

**.٤٤ ٻلي کائيندي ڪين ساري، پر ڪنگهندي ساري. (چوڻي)**

ٻلي ڪاڏو کائيندي ڪو نہ ڪک ڪري پر ڪنگهڻ لڳندي آهي تہ ڪو نہ وٽندي آهي.[65]

**.٤٥ ٻلي مڇي کائي، پر پنهنجا پير ڪو نہ پسائي!؟ (پهاڪو)**

ڪيترا ماڻهو پاڻ ڪِنُ ڪن، پر ٻاهران ائين ڏيکارين تہ سندن هٿ ان ۾ ڪونهي.

**.٤٦ ٻليءَ شينهن پڙهايو، ڦر ٻليءَ نون ڪاوڻ آيو، چڱو ٿيو جو مين تيڪون چڙهڻ نہ سيکاريو. (پهاڪو)**[66]

**.٤٧ ٻليءَ کي خواب ۾، بہ ڇيڇڙ. (پهاڪو)**

ٻلي خواب ۾ بہ رڳو ڇيڇڙ ڏسندي آهي. ڇاڪاڻ تہ سندس من جي ورني ڇيڇڙن ڏانهن هوندي آهي.

**.٤٨ ٻليءَ نصيبين، ڇڪو ڇنو. (پهاڪو)**

اڳئين زماني ۾ ڇت ۾ نڪر جو ڇڪو ٽنگيو ويندو هو، جنهن ۾ کاڌي جون شيون ٽنگيون ويندبون هيون. ڪنهن وقت، جيڪڏهن ڇڪو ڇجي پٽ ۾ اَچي پوندو هو تہ ٻليءَ جو نصيب لکيل سمجهو ويندو هو جو هوءَ کائي پيٽ پريندي هئي.

**.٤٩ ٻن ٻيڙين تي جو چڙهي، تنهنجون جنگهون ڦاٽن. (پهاڪو)**

**.٥٠ ٻن پاڏن سان، هڪ شينهن بہ نہ پڄي. (پهاڪو)**

**.٥١ ٻَنڌ پڄي، هيٺي هنڌان. (پهاڪو)**

---

[64] هيءَ ڪهاوت ٻڍي يا عورت بابت ناهي، بلڪ ٻرڙا ذات وارن تي ٺوڪ يا چٽر آهي. اهڙي چٽر گهانگهرا ذات وارن تي بہ آهي: ٻير ۾ مري پاءُ، گرهہ نہ ڏئيس گهانگهرو. جڏهن تہ ٻرڙن بابت تشبيهي ورجيس مشهور آهي: اهڙي ڪندوساڻ، جهڙي ٻرڙو ڪري ٻارن سان.

[65] هيءَ ڪهاوت اڳ پوءِ جاچڻ يا احتياط ڪرڻ بابت چيل آهي، جيڪا هيئن چئي ويندي آهي: ٻلي کائيندي ڪين ساري، هنگندي ساري. ساري جي معنيٰ سارڻ يا سنڀالڻ آهي.

[66] مقرر روپ: ٻليءَ شير پڙهايا، شير ڦير ٻلي نون ڪاوڻ آيا.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ٻنڌ: پاڻيءَ کي روڪڻ لاءِ ٻند. ٢. جنهن هنڌ پاسو هيٺو هوندو، اتان ئي ٻند پڃندو.

**٥٢. ٻن زالن جو وَرُ، تنهن جو قبر ۾ گهر. (چوڻي)**

وَر: گهوٽ، مڙس.

**٥٣. ٻن گهرن جو مهمان، بکون ڪيي. (چوڻي)** [67]

**٥٤. ٻني سائي جي سائي، گاهي ٻڪئي جو ٻکيو. (پهاڪو)**

گاهي: گاهه ڪندڙ. ٢. گاهه ڪندڙ هميشه گاهه ڪپيندو تو رهي پر وري ٻني هميشه سائي رهي ٿي.

**٥٥. ٻنيءَ تي ٻار هجي، تہ پرديس جا پنڌ ڇو ڪجن؟ (چوڻي)**

**٥٦. ٻورا ٿي سبيا، تہ ڳڏهن ٿي رنو. (پهاڪو)** [68]

**٥٧. ٻوڙو ٻُڌي ہہ دفعا، ٽيڏو ڏسي ٽي دفعا. (چوڻي)**

**٥٨. ٻوڙو، ڪلي ہہ دفعا. (چوڻي)**

**٥٩. ٻول ۾ ڇول، نہ ڪجي. (چوڻي)**

**٦٠. ٻہ ٻہ ويئون، تہ ڇهہ ٻہ ويئون. (ورجيس)**

**٦١. ٻہ ٻروچ، ٻارنهن ڪتا، تہ ٻہ ٻروچ تکا! (چوڻي)**

ٻروچ: بلوچ، بلوچستان جا رهاڪو.

**٦٢. ٻہ پائر، ٽيون ليکو. (چوڻي)**

ٻہ پائر ڀلي ڪنهن ڪم ۾ ڀائيوار ٿين، پر ٽيون ليکو رکڻ تمام ضروري آهي. نہ تہ گهٽن غلط فهمين ٿيڻ جو امڪان آهي.

**٦٣. ٻہ ترارون، هڪ مياڻ ۾ نہ ماپن. (پهاڪو)**

**٦٤. ٻہ شينهن، هڪ ٻيلي ۾ نہ ماپن. (پهاڪو)**

**٦٥. ٻہ گدرا، هڪ مُٺ ۾ نہ ماپن. (پهاڪو)**

**٦٦. ٻہ گهر جوڙڻ سترا، پر هلائڻ ڏکيا. (پهاڪو)**

**٦٧. ٻئي تي پاڙڻ، ٻک سمهڻ. (چوڻي)**

**٦٨. ٻئي تي پٽ پيئي سهي، پاڻ تي ڪک پيو نہ سَهي. (ورجيس)**

**٦٩. ٻئي ڳالهيون، هٿن مان ويون. (عام جملو)**

**٧٠. ٻيڙيءَ تي چاڙهي، ڪنهن جو ڦرهو نہ ڪيجي. (پهاڪو)**

ڦرهو: تختو. [69]

**٧١. ٻي سيڪا ويئي ڏيي، ٻيئي ڏيي اُٺ. (پهاڪو)**

ڳانءِ، مينهن وغيره ويهي ڏهبي آهي. پر اُٺ ڏهڻ لاءِ اٿي ٻيهٽو پوندو آهي.

[67] هيئن بہ چوندا آهن: ٻن گهرن جو مهمان: يا ڦاٽي مري، يا بک مري.
[68] پيٺيو: جڏهن ٻوُرا ٿي سبيا، تڏهن گڏهن ٿي رُنو. (پهاڪو)
[69] مقرر روپ: ٻيڙيءَ تي چاڙهي، وچ سير ۾ ڦرهو نہ ڪيجي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

٧٢. **ٻين کي نہ پَهچي، نہ پاڻ کي پَهائجي. (چوٽي)**

٧٣. **ٻيو سيکو هوريان هلي، ڍيڪڻ پائي ڍڪون. (پهاڪو)**

ڍيڪڻ: ڍيڪ چڙهيندڙ، ڦڙ ٻاٽي.

٧٤. **ٻيو سيکي ٿيو، باقي چنڻ وسري ويو. (ورجيس)**

٧٥. **ٻيو هر کو اڇٽو وڃٽو، پمو ٿانائي! (پهاڪو)**

چيو وڃي ٿو تہ پمن نالي، ساهتيءَ جو هڪ واڻيو هوندو هو، جو لڳٽي ٻيڙي هو. جيڪو ماٺهو ڪنهن هنڌ ڪپ ڪوڙي ويهي رهي، تنهن لاءِ مٿيون پهاڪو ڪتب آندو ويندو آهي.

---



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

## ( پ )

**١. پاءُ آهي پاءُ، پر جي ٿئي دشمن تہ ڪڍي ساهُہ. (چوڻي)**

**٢. پاڙِ جو ترو، مور ٿو ٽِلي. (ورجيس)**

**٣. پاڙي ۾ مسواڙ جو، قحط ڪو نہ آهي. (چوڻي)**

پاڙو ۾ مسواڙ، ڪڏهن بہ هڪ -يڪي ڪو نہ آهي.[70]

**٤. پاڳ پچي، پاڳ ڏي. (چوڻي)**

**٥. پاڳ ڏئي پيڙو، تہ دال مان سيرو. (چوڻي)**

**٦. پاڳ نہ پرائي تہ، پيتو بہ نڪري وڃي. (چوڻي)**

**٧. پاڳوءَ جُهڳلي واري وٽي! (ورجيس)**

ڳالهہ تا ڪن تہ ڪجهہ وقت اڳي، پاڳوءَ نالي هڪ شخص حيدرآباد ۾ رهندو هو، جيڪو پاڻ سان هميشهہ وٽو ڪٽي گهمندو هو. جنهن جي اِها عادت هوندي هئي جو ڪٿي بہ شادي مرادي ٿيندي هئي تہ بنا ڪنهن حجاب جي لنگهي ويندو هو. اُتي ورهائپ ڪرڻ وارا ڪانئس پڇندا هئا تہ: ”پاڳو! ڪجهہ پلاءُ وغيره کپيئي؟“ پهرين تہ پاڳو ناڪار ڪندو هو پر پوءِ کين چوندو هو تہ: ”ڪٽي ٿورا گهڻا ڪٽا هن وٽيءَ ۾ وجهو.“ انهيءَ ڪانپوءِ مٿين چوڻي مشهور ٿي ويئي.

**٨. پاڻ تہ کيتي، نہ تہ ڪوري ريتي. (چوڻي)**

زمين جي پوک لاءِ، پاڻ وڃبو تہ کيت ٿيندو نہ تہ جهڙي ڪوري ريتي.

**٩. پاڻ، سدا جوان. (چوڻي)**

پاڻ وڃهڻ سان، کيتي ٿيندي آهي، سا هميشہ جوان آهي.

**١٠. پاوي‍ءَ جا پڳڙا بہ چڱا. (پهاڪو)**

ڪو سڪ مان پڳڙا ڪارائي تہ اُهو وڌيڪ سنو آهي. انهيءَ ڪان جو بنان سڪ جي مال مليدا ڪارائي.

**١١. پائر ڪوٽ جا ڪنگر، پٽ گهر جي سونهن، ويٺا ڪن ورونهن، ڏڄڻ ڏوران ئي ڏري. (چوڻي)**

ورونهن: وندر. ڏڄڻ: دشمن.

**١٢. پائر وڃيا بہ ويري نہ چئجن. (چوڻي)**

**١٣. پائي ڪائي ڇهہ آنا، گهوڙو ڪائي ٻارنهن آنا. (ورجيس)**

**١٤. پائيواريءَ جو پت بہ گهوريو. (چوڻي)**

**١٥. پت پرائو ڏسي، پيٽ پرائو نہ ڪجي. (چوڻي)**

**١٦. پتر جو جواب: پٿر. (پهاڪو)**

**١٧. پتين تان ٿو پت اڇلائي! (ورجيسي جملو)**

**١٨. پتين ڪي بہ ڪن آهن. (پهاڪو)**

---

[70] مقرر روپ: پاڙي ۾ مسواڙ جو ڪٿ ڪونهي. ڪٿ: قيد جي بگڙيل شڪل آهي. يعني پاڙو ۾ مسواڙ جو اڳهہ يا ريٽ مقرر نہ هوندو آهي. جنهن اڳهہ تي ٻئي ڌريون نهن، اهو اڳهہ آهي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

**۱۹. ڀڄ ته ڇٽيان. (ورجيس)**

هٿ-ڦاڙ يا وڏيون ڇٽيون وجهندڙ يا وڏو ٽوٽو/ نقصان وجهندڙ.

**۲۰. ڀڄ چريا، ڇيءَ مست آيا آهن. (ڀهاڪو)**

**۲۱. ڀڄندڙن جي اڳ ۾، لڪندڙن جي پٺ ۾. (چوڻي)**

**۲۲. ڀرئي اٺ تان وجهي لٽي، ته به اُٺ ٿيو هلڪو. (ڀهاڪو)**

**۲۳. ڀرئي شهر مان، ڀاڳوءَ لڌا ڀڳڙا. (ڀهاڪو)**

سڄو شهر ڀريل هو پر ڀاڳوءَ پنهنجي عقل سارو رڳو پنهنجي لاءِ ڀڳڙا ڳولهي لڌا. [71]

**۲۴. ڀريا، ڀت تان ڪريا. (چوڻي)**

**۲۵. ڀري ماري، ڀيرو نه ماري. (چوڻي)** [72]

**۲٦. ڀريءَ ڀير هيٺان ٿو ٻڪ مري! (ورجيس)**

مورک ماڻهو، ڀيرن ڀريل وڻ هيٺان ويهي به ٻک مري.

**۲۷. ڀريءَ ڀيڙيءَ ۾، ڪاٺو ڳُورو. (ڀهاڪو)**

**۲۸. ڀريءَ ڇنيءَ ڪان، ڀيري ڇنو ڇگو. (ڀهاڪو)**

ڳورو ڀار هڪڙي ئي وقت کڻي، پنهنجو بدن ڇني جهورڻ کان وڌيڪ بهتر آهي ته ٿورو ٿورو کڻي، گهڻا ڀيرا ڪجن. هيئن به چون: ڀري ماري، ڀيرو نه ماري.

**۲۹. ڀڳڙن ڪاڌي، هٿ ڌوتا ئي ڀيا آهن. (ڀهاڪو)**

ڀڳڙن ڪائڻ سان، هٿن ميري ٿيڻ جو ڪو سبب ڪونهي، جو ڪٽي هٿ ڌوئجن. سڌي سنواتي ڪم ڪرڻ ۾ ڊپ ڪهڙو؟

**۳۰. ڀڳل ڀانهن جا ساهرا نه، نه ته پيڪا. (ڀهاڪو)** [73]

**۳۱. ڀڳو گهڙو، ڊڱن ڊڱن ڪري. (ڀهاڪو)**

ڀڳل دلو کڙڪائبو آهي ته منجهانئس 'ڊڱن ڊڱن' جهڙو اڻ وڻندڙ آواز نڪرندو آهي. بيوقوف ۽ ڀڳل دلو، هڪ سمان سمجهڻ گهرجن. ڀنهي مان وڻندڙ ڳالهه ڪا نه ٿيڻي آهي.

**۳۲. ڀڳي ٻانٺ، اُڏاٽا ڳيرا. (ورجيس)**

ٻانٺ: ليٽ، ٻيد جو وڻ. ۲. پڪي وڻ تي اچي ويهن. وڻ ڀڄي پوي ته پکي به اڏامي وڃن.

**۳۳. ڀڳي سان ئي ڀير، جيسين رتو راس ٿئي. (ڀهاڪو)**

ڀڳي: ڀڳل، رتو: ڳاڙهو. ۲. جيستائين ڳاڙهو نئون ائٽ نهي راس ٿئي، تيسين ڀڳل سان ئي وقت نبيرڻ گهرجي. [74]

**۳۴. ڀل ۾ ٿيل ڪم جي، حرڪت ڪانهي. (چوڻي)**

**۳۵. ڀلان ڀليءَ جو، ڇيهه ئي ڪونهي. (ڀهاڪو)**

---

[71] بيوقوف ماڻهوءَ ڪي ڀريل ترڀل شهر مان به ڪم جي شيءِ هٿ نه اچي.

[72] ڀيٽيو: ڀري ڇنيءَ ڪان، ڀيرو ڇنو ڇگو.

[73] مقرر روپ: ڀڳل ٻانهن جا: نه ساهرا، نه پيڪا. (ڀهاڪو) ڀڳل ٻانهن: گهران ڀڄي نڪتل عورت. ڀاڄوڪڙ ڪي، نه ساهرا پنهنجو ڪندا آهن، نه وري پيڪا پنهنجو ڪندا آهن.

[74] ان چوڻيءَ جو مقرر روپ آهي: ڀڳي سان ئي ڀير، جيسين رِتو راس ٿئي. رِتو: رٿيل، رٿا هيٺ، سوچ ويچار ۾، غير مڪمل، زير غور.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

پلائي ڪرڻ جو چيهه (انت) ڪونهي.

**٣٦. پلائي ڪر چٽ سان، تہ چٽ ڦيري هٽئي پٽ سان. (چوڻي)**

**٣٧. پلن پيٽان ڀلا، ڀلن پيٽان پلا! (چوڻي)**

سٺن ماڻهن جو اولاد، ڪڏهن سٺو ڪو نہ نڪري، خراب ماڻهن جو اولاد ورلي سٺو نڪري.

**٣٨. پلو بہ ڏهجي، تہ ڀلو بہ ڏهجي. (پهاڪو)**

**٣٩. پلو پير، ڪي پلو ويساهہ؟ (پهاڪو)**

وڏي ڳالهہ مدار رکي ٿي ويسهہ تي. پوءِ پير ڪٽي ڪهڙو بہ هجي.

**٤٠. پلئي واٽيي، گيهہ ڳڙ کاڌو.**

**٤١. پلئي ڪي، پولو ڪونهي. (چوڻي)**

پولو ڪونهي: حرڪت ڪانهي. ڊپ ڪونهي. ٢. ڪنهن پل مان ڪو ڪم ڪيو آهي تہ خيال ڪونهي.

**٤٢. پلي آيو، ڳانءِ جو ڄايو، جنهن سارو جڳ نپايو. (گفتار)**

**٤٣. پلي بک پرم جي، شال نہ وڃي شان. (چوڻي)**

**٤٤. ڀُلي پاڻ آئي، سا بہ نہ ڀُلي. (پهاڪو)**

پليل جانور پاڻ (وٽاڻ) ۾ اَچي تہ ڪيس پليل نہ سمجهڻ گهرجي.

**٤٥. پلي تان، پلي پيئي آهي. (پهاڪو)**

پلن (هوشيارن) ڪان وڌيڪ پلا پيا آهن. پلي هجڻ جو ڪو بہ انت ڪونهي.[75]

**٤٦. پنيوران جي پڳيون، سي ڇُٽيون. (پهاڪو)**

**٤٧. پنگان چيز ٻڌن، لنبي رووي ڪٽڪ ڪون. (پهاڪو)**

**٤٨. پنگڙي سلطان، هيري موتيان دي ڪاڻ، نہ جيوڻ ڪا آسرا، نہ مرڻ دي ڪاڻ. (پهاڪو)**

پنگڙي: پنگ پيئندڙ.

**٤٩. پنگي پائر بہ ڇٽا، صوفي ست هزار، ماري متهرن سان ڏڌ ڪيائون ڏار، پيئي لوڪ پچار تہ پڙ پنگين ڪٽيو. (چوڻي)**

پنگي: پنگ پيئندڙ نشئي. صوفي: نشو نہ واپرائيندڙ. متهرن: متر‌ڪا لوهہ جا. ٢. نشئين ۽ صوفين جي وچ ۾ خيالي لڙائي. ست هزار صوفين ڪان، بہ نشئي بہ ڪٽيو وڃن!

**٥٠. پولڙي ڪي بہ پنهنجي زال پياري آهي. (چوڻي)**

**٥١. پيڻ نہ ڪجي ڏيراني، ٿي پوندي ويراني. (چوڻي)**

---

[75] پيٽيو: پلان پليءَ جو چيهہ ئي ڪونهي. هيئن بہ چوندا آهن: پلو پل پئي آهي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

## ( ت )

۱. **تار ٻه گهوري، تانگهي ٻه گهوري. (ورجيس)**

۲. **تار وڃي، سُرُ سمجهو ويو. (پهاڪو)**

۳. **تارو ٿي، ٻڏندو آهي. (پهاڪو)**

۴. **تاڙي هڪ-هٿي ڪين وڄندي. (پهاڪو)**

تاڙيءَ جو آواز هٿن مان ٻڌهن نڪرندو، جڏهن ٻئي هٿ ڪم ڪندا. جهيڙو ٻه ڌڙهن ٿيندو، جڏهن ٻئي ڌريون تيار ٿينديون. هڪ طرف ماٺ هوندي ته جهيڙي جو آواز ڪو نه نڪرندو.

۵. **تپ دانگي ڇهه مهينا، ڪپ مهمان ٻارهن مهينا. (ورجيس)**

هڪ مهمان ڪنهن وٽ ويو. پر اڳلي جي مرضي نه هئي ته مزمان ڪي ڪارايان. سو اهڙي اٽڪل ٿي ڪيائين ته مزمان پاڻيهي ڀڄي وڃي. سو چلهي تي دانگي رکي، وينو چوڻ ته: 'تپ دانگي ڇهه مهينا.' مهمان ٻه اڳيان مڃڏ هو، سو چوڻ لڳو: 'ڪپ مهمان ٻارهن مهينا.'

٦. **تختم تاثير صحبت اثر. (چوڻي)**

ٻڻ جو اثر ٿيندو ته صحبت جو ٻه اثر ٿيندو.

۷. **تڏي آئي ۽ پٽ ڇائي تي ڪير اُرهو ٿيندو؟ (چوڻي)**

۸. **تڏي هوندي ته مڏي پاڻيهي پيئي پوندي. (چوڻي)**

۹. **ترار ڀڃڻ ڪان توبه ڪيم، جيسين ربُ جياري. (ورجيس)**

۱۰. **ترار جو ڦٽ ڇٽي وڃي، زبان جو ڦٽ نه ڇٽي. (چوڻي)**

۱۱. **ترار جي گهاءَ ڪان، زبان جو گهاءُ ٻڇڙو. (چوڻي)**

۱۲. **ترت دان، مها پڇ. (چوڻي)**

۱۳. **تر جي گٽي، سؤ چوٽون ڪائي. (چوڻي)**

۱۴. **تَرَ ڪان اڳ ٻرُ ڪائڻ. (ورجيس)**

۱۵. **ترهو ٻه ڪڇجي، پاڻيءَ ڪي ٻه سڏ ڪجي. (پهاڪو)**

۱٦. **تري ڪُٽي، مَلَهَہَ ڇٽي. (پهاڪو)**

ملهه وڙهڻ جي راند ۾، اِهو قاعدو آهي ته جڏهن ٻئي ملهه، پاسي پر گڏجي ڪرندا آهن ته منجانئن ان ڪي هارايل يا ڪاپي ويل چئبو، جنهن جي تري پٽ تي ڪُٽي.

۱۷. **تريو ته درياهه تري ويندو، نه ته اڏ تي ئي ٻيهندو. (ورجيس)**

۱۸. **تُسي تُسي، شل نه رُسي. (ورجيس)**

رسڻ: راضي نه رهڻ. ۲. شل هميشه راضي هجي ۽ ڪڏهن ٻه نه رسي.

۱۹. **تقدير اڳيان، ڪهڙي تدبير؟ (چوڻي)**

اردوءَ واري پڻ چيو آهي: تقدير ڪي آگي تدبير ڪيا ڪري، حاڪم جب خفا هو، وزير ڪيا ڪري؟

۲۰. **تڪڙ ڪم شيطان جو. (چوڻي)**



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

شيطان ئي تڪڙا ڪم ڪرائيندو آهي ۽ هئن بہ چون: تڪڙ ۽ طمع چا لڳي؟

٢١. **تڪڙ ۽ طمع چا لڳي. (چوڻي)**

٢٢. **تڪڙي ڪتي، انڌا گلر ڄڻي. (پهاڪو)**

ڪتي مدي کان اڳ ويم ڪندي تہ انڌا گلر يا پونگڙا ڄڻيندي.

٢٣. **تڪيا سيي تڪيامِ، تو ريءَ تڪيو ناهہ ڪو. (چوڻي)**

تڪيو: آسرو. تڪيام: ڳولهيم. ٢. ايشور کان سواءِ ٻيو ڪو آسرو ڪونهي.

٢٤. **تن سک ڏئي، من سک وڻجي. (چوڻي)**

٢٥. **تنهنجو سو منهنجو، منهنجي هٿ نہ لاءِ، رسان مسان جي ڪٽي تہ مونکي اچي پرچاءِ. (چوڻي)**

هئن بہ چون: تيڏا سو ميڏا، ميڏا سو هين هين!

٢٦. **توڙي ڏجي پاڻ تہ بہ پر پنهنجو نہ ٿئي. (چوڻي)**

٢٧. **توڙي وڃي روم، تہ بہ نصيبان اڳرو، ڍوڍي مٿان ٿوم، لکي لوح قلم ۾. (چوڻي)**

روم جهڙي ڏورانهين ملڪ ۾ بہ ڪير ويندو تہ بہ نصيب ۾ ڍوڍو ۽ ٿوم لکيل هوندس تہ اهو ئي ملندس.

٢٨. **توفيق جو مالڪ الله آهي. (چوڻي)**

توفيق: طاقت.

٢٩. **تؤڪل جا بيڙا، پار. (چوڻي)**

٣٠. **تون آهين سير تہ مان آهيان سوا سير! (چوڻي)**

٣١. **تون بہ راڻي، مان بہ راڻي: پوءِ ڪير ڀريندو پاڻي. (چوڻي)**

٣٢. **تون بہ رئيس، مان بہ رئيس پوءِ گڏهہ ڪير هڪليندو؟ (چوڻي)**

٣٣. **تون پونک تہ مئڪون ننڊ آوي. (ورجيس)**

٣٤. **تون ڪوٺ مونکي قاضي، مان ڪوٺيان تو کي نمازي. (ورجيس)**

٣٥. **تون ڪير؟ چي: سِکيو. (چوڻي)**

ڪنهن ڪم ڪندي مراد حاصل نہ ٿئي ۽ ڪو انهيءَ واسطي پڇي تہ چئبو تہ آئينده لاءِ سکيس.

٣٦. **تون گهرُ منهنجي ڄائي ڪي، مان گهران تنهنجي ڪٽ جي پائي ڪي. (پهاڪو)**

تون مون کي پيار ڪر تہ مان بہ تو کي پيار ڪريان.[76]

٣٧. **تَوَڻ جو تڪرار سان، سڏ جنهن کي هوءِ، منجي اُتي جوءِ، وڃي تنهنکي وسري. (چوڻي)**

توڻ: ڪاڏي پيتي جو اونو. ٢. جنهن انسان کي رات ڏينهن، پنهنجي پيٽ جو اونو لڳو پيو آهي، تنهن کي پنهنجا ٻار ٻچا، استري بہ وسريو وڃي ۽ مني ڪا نہ لڳي. ٢. هن نموني بہ چيو ويندو آهي: رڍي ۽ رائر جو، سڏ جنهين کي هوءِ، منجي اُتي جوءِ، وڃي تنهن کي وسري.

٣٨. **تيڏا سو ميڏا، ميڏا سو هين هين. (چوڻي)**

٣٩. **تيرٿ موٽا، آدمي کوٽا. (پهاڪو)**

---

[76] هيئن بہ چون: گهر تہ گهرانءِ.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

**.۴۰ تيل ترن مان ئي نڪرندو. (پهاڪو)**

تيل هميشہ ترن مان ئي نڪرندو. [77]

**.۴۱ تيل سڙي تہ ٿئي گيهہ، گيهہ سڙي تہ ٿئي وِهُ. (چوڻي)**

**.۴۲ تيل سهانگو هو تہ گدڙن بہ هوند چوٽيون مکيون. (پهاڪو)**

هن نموني ۾ بہ چيو ويندو آهي. پهڻ ڪونئرا هئا تہ هوند گدڙن ڪائي چڏيا.

---

[77] تيل تہ ٻين شين مان بہ نڪرندو آهي؛ جهڙوڪ: سرنهن، ڄانيو، هيرڻ، سورج مکي وغيرهہ. اصل ۾ اهو پهاڪو مقرر روپ ۾ هيئن آهي: ترن جو تيل، ترن مان ئي نڪرندو آهي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

## (ٿ)

١. **ٿلو ۽ ٿانئريو، پئي پٽ قرار جا. (چوڻي)**

٢. **ٿلو گهڙو پاڻ ڪي پاٽيهي چانوَ ۾ وهاري. (پهاڪو)**

ٿڌي گهگهيءَ ڪي، سيڪو چانوَ ۾ رکي ٿو.

٣. **ٿر آهي ٿڻ تي، نه ڪي ڪڻ تي. (چوڻي)**

ٿر وارن جو گذران کير ڌڌ تي آهي، نه اَناج يا ڪٽڪ تي.

٤. **ٿڪ پٽ تي وجهي، نه چنجي. (پهاڪو)**

٥. **ٿڪ هٽجي ٿوم ڪي، اُڌامي وجي بصر. (گفتار)**

٦. **ٿلهو ڪائجي، ٿلهو ڳالهائجي. (چوڻي)**

٧. **ٿلهي زال: سياري جي سَوَڙ. (چٽر)**

٨. **ٿورو ڏسي اَرهو نه ٿجي، گهڻو ڏسي سرهو نه ٿجي. (چوڻي)**

٩. **ٿورو مينهن وسندو، ٿوري زمين آلي ڪندو. (پهاڪو)**

١٠. **ٿوري ڪٽئي، گهڻي برڪت. (چوڻي)**

١١. **ٿوري گرهين، گهڻو ڪائجي. (چوڻي)**

هيڻ ڪري گهڻو ڪائبو ته بيمار ٿي پئبو. جيڪڏهن ٿورو ٿورو ڪري ڪائبو ته گهڻو وقت، تندرست رهي سگهبو. انهيءَ حساب سان گهڻو وقت جيئي سگهبو ۽ جيترو جيئرو رهبو اوترا ڏينهن وڌيڪ ڪائي سگهبو.

---

## (ٽ)

١. **ٽيڻي ٽاٽي، هلي اَباٽي. (ورجيس)**

٢. **ٽٽُونءَ ڪي ٽارو، ٽازيءَ ڪي اشارو. (پهاڪو)**

ٽٽُون: ڍلو گهوڙو. ٽارو: چهو، لڪڻ. ٽازي: پلو گهوڙو. ٢. ڊِني گهوڙي ڪي، جڏهن لڪڻ هٽجن، تڏهن هلي. سنو گهوڙو، اشاري ملڻ تي هلي. سياڻو ڪا ڳالهه اشاري ۾ سمجهندو. اياڻي ڪي، ڪيترو به چئبو تڏهن به مشڪل سمجهندو.

٣. **ٽپڙ وڃاءِ ته غاليچو رکيو آهي. (ورجيس)**

٤. **ٽڪر ڪائي ٽاهوجن جا، رهي راهوجن ۾. (ورجيس)**

ٽاهوجا ۽ راهوجا: ڳوٺن جا نالا.

٥. **ٽڪر مليو هڪڙو، ڳٽي تي چاليهه! (ورجيس)**

٦. **ٽڪريءَ ڪي سور ٽيا، چائي وري به ڪُٽي. (پهاڪو)**

٧. **ٽن ٽنگن سان گڏهه، ٽي مڻ بار! (ورجيس)**

٨. **ٽن ۾ ٽاڪوڙو. (ورجيس)**



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

.٩ ٽوهه: ٻاهران مٺ موهٽا، اندران مٺ کُهٽا. (ٽهاڪو)

---



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan, 00923337516944

( ٿ )

١. ٿاٽ وڄن، ٿڪر اچن. (ورجيس)

٢. ٿاٿارڪي ٻلي، ٿاٿاري جي ٿڪاون تي هميشه هريل آهي. (پهاڪو)

٣. ٿپ، ڪوهه ڪين ڪڇندا آهن. (پهاڪو)

ٿپ: اُتي جو اُتي.

٤. ٿڙ ڪجي، ٿڪاءُ ڪجي، اڳلو نه پڇي، ته پاڻ پڇجي. (چوڻي)

جهيڙي کي ٽارڻ لاءِ ٿڙ ۽ ٿڪاءُ، دڙڪي ڏيڻ لاءِ ڪجي. پر ائين جهيڙو نه نبري ته پاڻ پڇي وڃجي.

٥. ٿڪر پچي، هيٺي جي در تي. (پهاڪو)

٦. ٿڳ ٿڳي جڳ کي، سياڻو ٿڳي ٿڳ کي. (پهاڪو)

٧. ٿلها هليا ٿاڪر دواري، ٿلها ٿڪر کٽي. (پهاڪو)

٨. ٿلهو ڇٽو، وڃي گهٽو. (پهاڪو)

٩. ٿوڙهي ٻه هلي آهي، ڳوٺ ٻٽڻ! (پهاڪو)

ٿوڙهي: هٿ سڪٽي.

١٠. ٿونٽ لڳي، ساهيڙي ڀڳي. (چوڻي)

---



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

## ( پ )

١. **پاپ جو گهڙو: پرجي پرجي نيٺ ڦاٽي. (چوڻي)**

٢. **پاپ جي مايا: پراڇت جاءِ. (چوڻي)**

پاپ جي مايا، پاپ (پراڇت) ۾ وڃي.

٣. **پارسي، گهوڙي چاڙهسي. (چوڻي)**

٤. **پارو اڳ ۾ ئي نچڻو، ٻاقي ٻه آيس دپ. (پهاڪو)**

٥. **پاڙو: ابو اما آهي. (چوڻي)**

٦. **پاڙيريا، ڏوترا، ڏڱريا. (چوڻي)**

پاڙيوارا آهن ڏوتا ۽ جهڳڙالو.

٧. **پانچ پئنچ مل ڪر ڪيجئي ڪام، هار جيت نه آوي لاج. (چوڻي)**

پانچ: پنج.

٨. **پاڻ پني، گهوڙا ڳنهي. (ورجيس)**

٩. **پاڻ ڪان مٺي جو ٻئي ڪي گهري، سو ٻه ڏائڻ. (چوڻي)**

١٠. **پاڻ مئي، ڪهڙا سيڻ؟ (چوڻي)**

١١. **پاڻ مئي ڪان پوءِ، مري ويئي دنيا. (چوڻي)**

١٢. **پاڻ نه پالي، ڪتا پالي. (چوڻي)**

هئن به چيو ويندو آهي. پاڻ پني، گهوڙا ڳنهي. [78]

١٣. **پاڻ نه پلي پوپري، لوڪان متيون ڏئي. (پهاڪو)**

١٤. **پاڻي پي پوءِ ذات نه پڇجي. (چوڻي)**

پاڻي پي (ڪم ڪري) پوءِ ذات پڇڻ جو ڪهڙو ضرور.

١٥. **پاڻي ولوڙيندي، ڪو مکڻ نڪري؟ (پهاڪو)**

١٦. **پاڻي وهندو ڀلو، فقير رمندو ڀلو. (چوڻي)**

١٧. **پاڻيءَ ڪان اڳ، ڪپڙا نه لاهجن. (پهاڪو)**

١٨. **پاڻيءَ ۾ لٺ هڻڻ سان، پاڻي جدا ڪو نه ٿيندو. (پهاڪو)**

١٩. **پاءِ پٽيتي، پٽ ڪي جٽيا! (پهاڪو)**

پٽ ڪي جٽيا پائبا آهن ته سياويڪ ڪتراڳ ٿيندو آهي. ڪڏهن ڪير ڪتراڳي ڪم شروع ڪندو آهي ته ڪيس چرچي طور ائين چيو ويندو آهي.

٢٠. **پائجي ته وڏي ڍيران پائجي. (پهاڪو)**

ظاهري مطلب ته ڏوڙ پائجي ته وڏي ڍير تان پائجي. ڪنهن جو ٿڌو ٿورو ۽ مهرباني نه کڻجي پر جيڪڏهن

---

[78] مقرر روپ: پاڻ نه پاري، ڪتا ڌاري.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ائين ڪرڻو پوي ته ڪنهن وڏي گهر يا ڪنهن مڙس ماڻهوءَ جو تورو ڪٽجي، جيئن ڪمهلو ڏوراپو نه ملي.

٢١. **پائي نهين پلي، چوڙي هار ڳنهان ڪ چلي! (پهاڪو)**

هڙ ۾ پائي به ڪا نه اٿس پر زال ڪان پيو پڇي ته هار خريد ڪريان يا رڳو آڱر ۾ پائڻ لاءِ چلو.

٢٢. **پائيءَ تي پڪائي، نوٽن تي ناداني! (ورجيس)**

٢٣. **پَتِ: ننهَن تي پاڻي آهي. (چوڻي)**

پت: ڪار-پت، عزت آبرو. [79]

٢٤. **پني مار، پيٽ نه مار. (چوڻي)**

٢٥. **پنيون لوڏ ڪتن جي، نامرد نڙيءَ ڏکهو! (چوڻي)**

٢٦. **پٽر پرائو، پار پنهنجا. (پهاڪو)**

٢٧. **پٽر ڪان، سِرُ نرم. (پهاڪو)**

٢٨. **پٽ ٻنيھ لچڻو، موچڙو چنيھ لچڻو. (چوڻي)**

٢٩. **پٽ تيستائين جيسين ڪيس جوءِ نه ملي آهي، ڌيءَ هميشه ڌيءَ آهي. (چوڻي)**

٣٠. **پٽ ٿئي مال پائي، ڌيءَ ٿئي حال پائي. (چوڻي)**

٣١. **پٽ تي گذار ته سگهو ئي پيءُ ٿين. (چوڻي)**

٣٢. **پَٽُ ٿيو پراڻو ته ٻه ڪو جنڊ جو نائو؟ (پهاڪو)**

پٽ: ريشم، ناٽو: جنڊ اُگهڻ جو ڪپڙو. ٢. جيڪڏهن ريشم پراڻو ٿيو ته ڪو جنڊ اُگهڻ لاءِ رکبو چا؟

٣٣. **پٽ پرڻيو معنيٰ پرَ نيو. (چوڻي)**

٣٤. **پٽ پيئڻون، ناني اکيئون. (چوڻي)**

پٽ پيٽ مان ٿو ڄڻجي ۽ ناني اکين جي پريت مان ٿو پيدا ٿئي. پٽ ۽ ناني، ٻئي هڪ سمان سمجهڻ گهرجن.

٣٥. **پٽ جائو ته مون ڄٽيو، ڌيءَ جائي ته تو ڄٽي. (پهاڪو)**

٣٦. **پٽ جائي ڪانپوءِ، پٽ پٽري ٿئي. (چوڻي)**

٣٧. **پٽ راڻي رسندي ته وئي وئي پنهنجو سهاڳ وڃندي، ڪنهن جو پاڳ ڪو نه وڃندي. (چوڻي)**

٣٨. **پٽ، ڪپٽ، سپٽ: پينگهي ۾ پٽرو. (چوڻي)**

٣٩. **پٽ ڪي مار سان، ڌيءَ ڪي پيار سان: سڌو ڪجي. (چوڻي)**

٤٠. **پٽ وڏي پيءُ جي ڪرمن جي ڪري، ڪيتي وڏي پنهنجي ڪرم ڪري. (چوڻي)**

٤١. **پٽ وڏيو سون وڏيو، ڌيءَ وڏي سُئڙي لڳي. (چوڻي)**

پٽ جيئن وڏو ٿيندو آهي ته مائٽ خوش پيا ٿيندا آهن پر ڌيءَ وڌندي آهي ته ڪين جڻ ته سئا پيا لڳندا آهن.

٤٢. **پٽ وٽي ڪٽيءَ وارو، ننهن وٽي لڏيءَ واري. (چوڻي)**

٤٣. **پٽيندي ئي پيٽ ڪي، ويو چمارو چٽ، هو جو متي ڪٽ، سو پڻ پٽي پيٽ ڪي. (چوڻي)**

---

[79] جيئن ننهن تي پاڻي گهڻو وقت بيهي نه سگهندو آهي، تيئن پت به جٽادار نه هوندي آهي. ان ڪي هر وقت تازو ڪبو رهبو آهي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

جڏهن غريب، تنهنجي سڄي ڄمار (عمر) ٻه پيٽ کي پٽيندي ئي وڃي ٿي پر جو ڪٽ متان چڙهيو ٻالم ٿيو وينو آهي سو ٻه پيو پيٽ کي پٽي.

**۴۴.** **پڇاڙيءَ جي پٽ کان، اڳياڙيءَ جي ڏيءُ چڱي. (چوڻي)**

**۴۵.** **پڇاڙيءَ جي ناڪار کان، اڳياڙيءَ جي ناڪار سٺي. (چوڻي)**

**۴٦.** **پڇٽا، نه منجهٽا. (چوڻي)**

**۴۷.** **پراٺو ڪوهه وهي ته لڪ لهي، نئون ڪوهه وهي ته ڏهي پوي. (چوڻي)**

**۴۸.** **پراٺي ڳوٺري، ٻربلا ٽڪا. (ورجيس)**

ٻربلا ٽڪا: حرامي ناٺو ٢. پراٺي ڳوٺريءَ ۾ اهڙا ڳرا ٽڪا (ناڻا) پوندا ته ضرور ڦاٽندي.

**۴۹.** **پرائو مال، بدهه شاهي. (چوڻي)**

**۵٠.** **پرائي آس، ڪني جي لاس. (چوڻي)**

آس: آشا. لاس: رس. هئن ٻه چون: ڦٽ تنهنجي جيئڻ کي، جو رکي پرائي آس.

**۵١.** **پرائي آس، نت اُپراس. (چوڻي)**

**۵٢.** **پرائي امانت، ڌرتي ٻه نه ڌوهي. (چوڻي)**

**۵٣.** **پرائي ٻودون، ڪاٺ ڪپهه کان ڪُونئرو. (ڀهاڪو)**

پراون ٻودن (اُنن) تي ڪاٺ ٻه ڪپاهه جهڙو ڪُونئرو ڪري ليکبو آهي.[80]

**۵۴.** **پرائي ٻڪريءَ کي ڳاهه ڏيڻ، ڦولهڙين سان پنهنجو گهر پرڻ. (ڀهاڪو)**

**۵۵.** **پرائي پٽر، پٽي سيڪا پنهنجو. (ڀهاڪو)**

ڪو گذر ڪري ويندو آهي ته مِٽ مائٽ، اوري پاڙي وارا اُنهيءَ گهر سان اعزا پرسي ڪرڻ ايندا آهن ۽ رئڻ پٽڻ شروع ٿيندو آهي. ڪي زالون "پار" ڪڍي رئنديون آهن. انهيءَ کي زالون "پار" ڪري چونديون آهن. حقيقت ڪري انهيءَ وقت سيني کي پنهنجا گذر ڪري ويل عزيز ياد پوندا آهن ۽ اِنهيءَ ڪري ٻه رئڻ شروع ڪندا آهن. انهيءَ ڪري ڀهاڪي وارو متئين نموني ٿو چوي ته سيڪو پنهنجن مائٽن کي ٿو روئي. ٢. هئن ٻه چون: پٽر پرائو، پار پنهنجا.

**۵٦.** **پرائي پٽ کي چمئي، ڳِگ پرجي وات. (چوڻي)**

پنهنجي پٽ کي چمڻ سان سواد ايندو ۽ نه پرائي پٽ کي چمڻ سان.

**۵۷.** **پرائي پٽڻي رن، کوهيا ۾ ڪن. (ڀهاڪو)**[81]

**۵۸.** **پرائي پلاهه کان، پنهنجي پڇَ ٻه چڱي. (چوڻي)**

پڇ: پيڇي، پت.

**۵۹.** **پرائي دهلين، اَحمق نچي. (ڀهاڪو)**

احمق: بيوقوف.

**٦٠.** **پرائي ڏيءُ تان، ڪارڪ ٻه چڱي. (چوڻي)**

[80] مقرر روپ: ڪاٺ پرائي ماهه ۾، ڪپهه کان ڪونئرو.

[81] اها ڪهاوت دوهيڙي جي صورت ۾ هيئن چيل آهي: پرائي پٽڻي رن، کهايا ٻئي ڪن. تڏهن ته ڪَرڻ، وڍيس ٻئي ڪَن.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

هڪڙو ماڻهو پاڙيسريءَ جي ڌيءَ جي شاديءَ تي ويو. اتان رڳو ڪيس هڪ ڪارڪ مليو. گهر ۾ خوش ٿي اچي متئين نموني ٻڌايائين. ڪي ڪارڪ بدران ”ڏڪو“ چون يعني مفت جو ”ڏڪو“ به چڱو. ڪي چرچي مان ائين به چون ته: ’مفت جو مٽي جو سور به چڱو.‘ مفت ۾ ڪهڙي ڳالهه به نيڪ آهي.

٦١. **پرائي ماڙي ڏسي، پنهنجو پونگو نه ڍاهجي. (پهاڪو)**

٦٢. **پرائي مال تي، ٽوپي نراڙ تي. (ورجيس)**

٦٣. **پرائي مت: پرڻ ۾ پاٽي. (چوٽي)**

٦٤. **پرايون اکيون، ڪم نه ايندين. (پهاڪو)**

٦٥. **پر پنهنجو نه ٿئي، توڙي ڦوڪي ڏجي گهر. (چوٽي)**

٦٦. **پرديس جا ٻيٽا به ٻَنُ. (چوٽي)**

٦٧. **پرڻ چوي ڏوُنگهي کي: هل ڙي ته-ٽونگا. (ورجيس)**

پرڻ کي انيڪ ٽنگ هوندا آهن ۽ ڏوُنگهيءَ کي رڳو ٽي ٽنگ ۽ پرڻ جيڪڏهن پنهنجا ٽنگ (عيب) نه ڏسي ٻين (ڏونگهي) مان عيب ڪڍي ته عجب ڪائڻ جي ڳالهه آهي.

٦٨. **پرٽي پڇاٽا، پڙهڻ ڏکيو. (چوٽي)**

٦٩. **پريا مڙس تئي چٽيندين؟ چي: ٻيو ڪهڙو ڪم اٿم! (پهاڪو)**

هي هڪڙو چرچو آهي جو ڪنهن غريب کي چئجي ته ابا تئي چٽيندين ته ضرور اِهو ئي جواب ملندو ته ٻيو ڪهڙو ڪم اٿم!

٧٠. **پريت پراٽي نه ٿئي، جي ڳنڍيندڙ هوءِ. (چوٽي)**

٧١. **پريو مڙس پئي نه ڪجي وجائجي نه وهي، ڪٽڪن ۾ لابارا پوندا ماريو پوندو ڊهي. (چوٽي)**

پئي: مڙس.[82]

٧٢. **پڙو هلي، پڙو چلي، مجال نه آهي پتلون کي جو پڙي اڳيان ڪُڇي. (چوٽي)**

٧٣. **پڙهڻ، ترڻ، تير هڻن، چوٿين سواري، ننڍي هوندي جو نه سکيو وڏي هوندي خواري. (چوٽي)**

مٿيان چار ڪم، ننڍي هوندي سکڻ تمام سولا آهن. ننڍي هوندي جا سکيل ڪم، وڏي هوندي ڪتب ايندا ۽ ايترو جلد وسرندا ڪو نه.

٧٤. **پڙهي پارسي، وڪٽي تيل: ڏسو هي قسمت جو کيل! (پهاڪو)**

٧٥. **پڙهي پاڻ نه ڄاڻي، ماري ڪتابي. (پهاڪو)**

ڪتابي: شاگرد، ڪتاب جو سبق وٺندڙ.

٧٦. **پڙهي سيکو، پر کو ڪڙهي. (چوٽي)**

٧٧. **پسڻ واري جنڊڙي، هسڻ وارو لوڪ. (چوٽي)**

٧٨. **پڪل ماني ڇڏجي، پر سنگ نه ڇڏجي. (چوٽي)**

٧٩. **پڪي گهڙي، ڪنان ڪو نه پون. (پهاڪو)**

---

[82] اها ڪهاوت وري ابتي روپ ۾ پڻ چئي ويندي آهي: پريو مڙس پئي ڪجي، ويهي وجائجي نه وهي، لابارا پوندا ڪٽڪن ۾، ماريو پوندو نهي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

**.٨٠ پڪيءَ ٻير ۾، سيڪو پتر هٽندو. (پهاڪو)**

**.٨١ پکي تہ آڙي، چانور تہ لاڙي. (چوڻي)**

آڙي پاڻيءَ جو پکي آهي ۽ کائڻ ۾ بين آبي پکين کان سنو ۽ سوادي آهي. لاڙ جو چانور، گهوگهاري جي سڳداسي چانورن وانگر کائڻ ۾ سنو ۽ سوادي آهي.

**.٨٢ پڳ پائجي تي عزت لاءِ، نہ متي ڍڪڻ لاءِ! (چوڻي)**

**.٨٣ پڳ جو پيچ: جيڏاهن وراءِ تيڏانهن وري. (پهاڪو)**

**.٨٤ پڳ کان، بتانو وڏو. (پهاڪو)**

بتانو: پڳڙيءَ جي اندران پونڊڙ ڪپڙو.

**.٨٥ پلا چڏي ڪو پاپي، ڪتل ڪڳا کائي. (پهاڪو)**

سٺي سوادي شيءِ چڏي، سادي شيءِ کير ڪائيندو.

**.٨٦ پلاهہ جهڙي پدمڻي، جي هڪي حاضر هوءِ، بوسي وجهجي پيٽ ۾، مر پيٽ ڦاٽي پوءِ. (چوڻي)**

هبچين لاءِ اشارو. هينئين ڪهاوت وانگر بہ چون.

**.٨٧ پلاهہ رحمت الله عليه، جي هڪيو حاضر هوءِ، ريڙهي هٽجي پيٽ ۾، مر پيٽ ڦاٽي پوءِ. (چوڻي)**

**.٨٨ پلو، سيري کان بہ پلو، سيري ۾ نہ ساءُ، پلو گوڏا کوڙي کاءُ. (چوڻي)** [83]

**.٨٩ پنج پنجوءَ جا، ڪتا ئي پيا آهن. (پهاڪو)**

پنجو: ماڻهوءَ جو نالو. ٢. مطلب تہ پنجوءَ کي هميشہ ڪوٽ لڳي پيئي آهي.

**.٩٠ پنج ئي آڱريون، برابر نہ آهن. (پهاڪو)**

**.٩١ پنڌ ڪندي، پنڌ ڇڃي، قرض ڏني، قرض ڇٽي. (چوڻي)**

**.٩٢ پنڌ کان، ڪتي جي وات ۾ چڱو. (چوڻي)**

ٹڪل ماڻهو، پنڌ ڪرڻ کان ڪتي جهڙو وهٽ بہ پسند ڪندو.

**.٩٣ پنندڙن، وڏا ڀاڱا. (چوڻي)**

پنندڙن کي، پاڻ وڏو حصو ملي.

**.٩٤ پنڻ وچان، پڙهڻ ياد نہ آهي. (چوڻي)**

جيڪو پنڻ (رلڻ) تي هوندو، سو ڪئن علم پڙهندو؟

**.٩٥ پنڻ ۽ پوڙهي مان، ڪنهن نہ ٻڌا پلَ، مانجهي اُهي مَلَ، هڙ جنهن جي هٿ ۾. (چوڻي)** [84]

**.٩٦ پنهنجن سان وير، پراون سان ميڙ. (چوڻي)**

**.٩٧ پنهنجو جهڳڙو، پاڻ نبيرجي. (چوڻي)**

**.٩٨ پنهنجو ديڳڙو، پنهنجي چلهہ تي سٺو رڌجي. (پهاڪو)**

---

[83] اها ڪهاوت هنن لفظن ۾ بہ چئي ويندي آهي. پلو، سيري کان پلو، پلي ۾: نہ ساءُ، نہ لاءُ، پلو، گوڏا ڀجي کاءُ.

[84] اها ڪهاوت هيئن بہ مشهور آهي: پنڻ ۽ پورهيي مان، ڪنهن نہ ٻڌا پلَ، مانجهي اهي ملَ، هر جنين جي هٿ ۾. هر: زمين ڪيڙڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ هر، هندو ان کي وري هري يعني خالق ڏانهن منسوب ڪندا آهن.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

٩٩. **پنهنجو ڪري ڪَڇَ ۾، ٻئي جو ڪري هٿ ۾! (ورجيس)**

١٠٠. **پنهنجو ڪيو، پنهنجي آڏو اَچي. (چوڻي)**

١٠١. **پنهنجو گهر، داتا جو در. (چوڻي)**

١٠٢. **پنهنجو گهر، ڪن سان ڪري پر، پرائو گهر، ٿڪ اڇلي ڏر. (چوڻي)**

١٠٣. **پنهنجو لک بہ سهي، ٻئي جو ڪک بہ نہ سهي. (ورجيس)**

انسان جو سڀاءُ آهي جو پنهنجي هٿان آيل مصيبتون ڪيتريون بہ سهي ويندو پر ٻئي جي مٿان آيل ٿوري تڪليف ڪي بہ سهارڻ ڪو نہ ڪندو.

١٠٤. **پنهنجو منهن، پنهنجو موچڙو. (ورجيس)**

١٠٥. **پنهنجو منهن، پنهنجي هٿ سان ڌوئجي. (پهاڪو)**

١٠٦. **پنهنجي پيٽ ڦاٽي ڪي، ڪير اگهڙيون وجهندو؟ (پهاڪو)**

١٠٧. **پنهنجي پير تي، پاڻ ڪهاڙو هڻڻ. (ورجيس)**

ڪڌا ڪم ڪرڻ، پنهنجي پير تي پاٽيهي ڪهاڙو هڻڻ مثل آهن.

١٠٨. **پنهنجي ڏنئري ڪي، ڪير ڪٽو چوندو؟ (پهاڪو)**

١٠٩. **پنهنجي ڏر تي، گدڙ بہ شينهن. (پهاڪو)**

١١٠. **پنهنجي، سنهنجي. (چوڻي)**

١١١. **پنهنجي ڪکين، ڪو ئي نہ لکي. (چوڻي)**

پنهنجي گهر ۾ ڪنهن جي ڪاڻ ۽ غرض نہ ٿي رهي. پنهنجو ڪائجي، گوبند ڳائجي. ٢. پنهنجو ڪائي، ايشور جو ڀڄن ڪرڻ سنو آهي.

١١٢. **پنهنجي ڪئي جو: نڪو ويچ، نڪو طبيب. (چوڻي)**

١١٣. **پنهنجي گهر جهڙي ڪا ٻي بادشاهي؟ (چوڻي)**

هئن بہ چون: پنهنجو گهر، داتا جو در. ٢. پنهنجو گهر ڪن سان ڪري پر، پرائو گهر، ٿڪ اڇلي ڏر.

١١٤. **پنهنجي گهر ۾، ٻلي بہ شينهن. (پهاڪو)**

هئن بہ چون: پنهنجي ڏر تي، گدڙ بہ شينهن.

١١٥. **پنهنجي گهوڙي جا پنڌ، پنهنجي ڳابي جا ڏند: سيني ڪي ياد رهن. (چوڻي)**

١١٦. **پنهنجي لاهي جنهن هٿ ۾ ڪئي، تنهن ڪي ٻئي جي لاهڻ ۾ ڪهڙو ڊپ رهندو. (پهاڪو)**

١١٧. **پنهنجي هٿ ڪانسواءِ ٻي طاقت ڪانهي، برسات ڪانسواءِ ٻيو پاڻي ڪونهي. (چوڻي)**

١١٨. **پنهنجي وڍيءَ جو: نڪو ويچ، نہ طبيب: (پهاڪو)**

پنهنجي ڪيل پل لاءِ ڪنهن وٽ وڃبو؟ ٢. هئن بہ چون: هٿ جي ڦٽي: نڪو دارون، نڪو پٽي.

١١٩. **پنهنجي ڳتيءَ، پڻ ڳڏهه ڪي پيري. (پهاڪو)**

هن ريت بہ چون، پيٽيو: "وقت ڪري واڪا، تہ گهوڙو ڳڏهہ ڪي چوي: ڪاڪا."

١٢٠. **پنئين مڱئين گهر هلي، تہ ڪِهُ اُڏاري واٽ. (چوڻي)**



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

پنڻ مگڻ سان گهر هلي ته اڏارو ونڻ به وڃي کهه پوي! ٢. هئن به چون: پنئي پوري نه پوي، پن جا در سائين به نه ڏهي (ڍئي)، پنٺا پندا ئي رهي.

١٢١. **پني، پني منگل جائو، تنهن ۾ به اڌ پرائو. (پهاڪو)**

گهڻي تڪليف ڪان پوءِ ڪجهه ملي ته عجب تڏهن لڳي جڏهن ڏسجي ته انهيءَ ۾ به اڌ حصو ٻئي ڪنهن جو آهي.[85]

١٢٢. **پوهه: هٿن ڪوهه. (چوڻي)**

١٢٣. **پوءِ ڏائي ڪان قرض نه ڪڍجي، توڙي لک لٽائي. (چوڻي)**

پوءِ ڏايل ڪان ڪڏهن به قرض نه ڪڍجي، ڪٽي هو لک به لٽائيندڙ هجي.

١٢٤. **پهرين به آن، پوءِ به ٿيو آن، ڪانو ۽ پن، وچان ئي ويو نڪري. (چوڻي)**

حقيقت اِها آهي ته پهرين آن آهي پوءِ به وڃي آن ٿئي، وچ ۾ ڪانو ۽ پن رڳو ٿوري وقت لاءِ ڪيل آهي.

١٢٥. **پهرين پيٽ پنجوءَ جو، پار ٻچا سڀ پوءِ. (چوڻي)**

١٢٦. **پهرين خويش، پوءِ درويش. (چوڻي)**

خويش: خود، پاڻ. وڏيڪ مٿين چوڻي ڏسو.

١٢٧. **پهرين ڏيءَ: پٽ برابر. (چوڻي)**

١٢٨. **پهريون پهر هر ڪو جاڳي، ٻيو پهر يوڳي، ٽيون پهر چور، چوٿون پهر جوڳي. (چوڻي)**

پهر: ٽن ڪلاڪن جي مدي ڪانپوءِ پهر ڇيو ويندو آهي.

١٢٩. **پهريون ملهه: خستوري. (چوڻي)**

ڪنهن به شيءِ جو اڪثر ڪري ڏنو ويو آهي ته پهريون اگهه، سنو هوندو آهي.

١٣٠. **پهڻ ڪنئرا هئا، ته هوند گدڙن ڪائي ڇڏيا. (پهاڪو)**

١٣١. **پهير چور ٿئي، ته واهي ڪيترو وهي. (پهاڪو)**

پهير: لوڙهو، ٻنيءَ جي بچاءُ لاءِ. ٢. دربان چور ٿئي، سنڀال ڪئن ٿيندي.

١٣٢. **پَهيرُ هميشه، هيٺي هنڏان پڇي. (پهاڪو)**

پهير: لوڙهو، ٻنيءَ ڪي بچاءُ لاءِ.[86]

١٣٣. **پئسو جتان وڃي، اُتان وات. (چوڻي)**

١٣٤. **پئسو نه آهي پاس، جيئڙو آهي اداس. (چوڻي)**

١٣٥. **پئسي بنا پرساد، هرو ڏئي نه هٿ ۾. (چوڻي)**

١٣٦. **پئسي پلو مهانگو، رپئي پلو سهانگو. (پهاڪو)**

ڪپ ڪانسواءِ کهڙي به شيءِ مهانگي آهي. ڪپ سان ساڳي شيءِ سهانگي ليکي ويندي آهي.

١٣٧. **پئنچا نالا ايڪا ڏسي. (چوڻي)**

---

[85] هيئن به چون: سڪي سڪي منگهن جائو، تنهن ۾ به اڌ پرائو.

[86] مال متاع ٻنيءَ اندر ان جڳهه تان سولائيءَ سان اچي پيل ڪندو آهي، جتان ڏنل لوڙهو ڪمزور هوندو آهي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

هئن بہ چون: ١. پئنچن ۾ پرميشور. ٢. جتي پئنچ، اتي پرميشور.

١٣٨. **پئنچن ۾، پرميشور.** (چوڻي)

١٣٩. **پيٽ، بري بلا آهي.** (چوڻي)

١٤٠. **پيٽ بہ ٻانهين: چنتا ناهين.** (چوڻي)

جنهن ماڻهوءَ کي پيٽ ۽ ٻہ ٻانهون سالم آهن، تنهن کي ڪهڙي چنتا آهي. چنتا تڏهن آهي جڏهن گهٽا پيٽ پالڻا پون ٿا.

١٤١. **پيٽ پَرِ، پنڌ لَڏ.** (چوڻي)

جانور جو ڀهرين پيٽ پرچي، پوءِ مٿانس بار وجهي ڪاٽس پورهيو وٺجي. ٢. هئن بہ چيو ويندو آهي: پنڌ مار، پيٽ نہ مار.

١٤٢. **پيٽ پريو، تہ منهن ڪارو سهي.** (چوڻي)

عزت ڪانسواءِ ماڻهو چوندو: پيٽ تہ پريو. پوءِ منهن ڪارو يعني آبرو وڃڻ جو خيال ڪو نہ ڪن.

١٤٣. **پيٽ، ڪتا بہ پيا پالين.** (چوڻي)

١٤٤. **پيٽ ۾ بک، اُرَهَ ۾ آڪڙ!** (ورجيس)

ارهہ: ڇاتي. آڪڙ: ٽيڏائي، ايماني، وڏائي.

١٤٥. **پير پلي ترڪي، پر زبان نہ ترڪي.** (چوڻي)

١٤٦. **پير ڌوئندڙ، پڪين تي پوندڙ.** (چوڻي)

پڪين تي پوڻ: نهي نڪيءَ تي اچي ويهڻ.[87]

١٤٧. **پير عيسيٰ، پير موسيٰ، ٻڙا پير پيسا!** (چوڻي)

١٤٨. **پير ڪان، ويساهہ وڏو.** (چوڻي)

١٤٩. **پير کي ڪم نڪاءُ سان.** (چوڻي)

ڪنهن شخص سڪا باسي هئي تہ ڪم راس ٿيڻ تي اَچي ناريل پڄندو. جڏهن اِهو ڪم راس ٿيو تہ پير وٽ اَچي ناريل بدران ڏوڏو پڳائين. تنهن تي ڪنهن اِهو ڏسي ڪانئس اِنهيءَ ڪرڻ جو سبب پڇيو. تنهن تي جواب ڏنائين تہ پير جو ڪم آهي رڳو نڪاءُ ٻڌڻ، سندس لاءِ ڏوڏو يا ناريل ساڳي ڳالهہ آهي.

١٥٠. **پير کي، مريد مشهور ڪن.** (چوڻي)

١٥١. **پير منهنجي پڇائج، ٻين جون گهارج گپ ۾.** (پهاڪو)

خود مطلبي جي گهر ڪرڻ.

١٥٢. **پيو پَرُ، ويو گهرُ.** (چوڻي)

پَرُ: پرائو. ٢. پرائو ماڻهو گهر ۾ آيو تہ گهر هٿن مان ويو. ٣. ننهن گهر ۾ پرٽجي ايندي آهي تہ گهوٽ کي هٿ ڪندي آهي تہ سسون سورن مان ائين چونديون آهن.

١٥٣. **پيءُ ٻئنا ڪاوي، تہ پٽ ٻئنا تڪي!** (پهاڪو)

---

[87] پير ڌوئندڙ: خدمت ڪندڙ. ٻي ڪهاوت آهي: خادم ئي مخدوم ٿيندو آهي.


Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

١٥٤. **پيءُ پرڏيو نہ سنيران، ڏاڏو ڪٿان هنج، پيرجي پاڙ مان، پيڙيون ڪيان پنج!** (گفتار)

اعتبار نہ ڪرڻ جوڳيون ڳالهيون!

١٥٥. **پيءُ جو پاڳ، پٽ ڪي نہ ملي.** (چوٽي)

١٥٦. **پيءُ ڏهہ پٽ پالي سگهندو، پر نہ ڏهہ پٽ هڪ پيءُ کي.** (چوٽي)

١٥٧. **پيءُ سندس پيهون ڪٽيون، ڏاڏي سندس ڏاٽا، اڳي پڇائون ٿي ذات نيات، هاڻي پڇن ٿا ناڻا!** (چوٽي)

آڳاٽي زماني ۾، مٽيون مائٽيون ڪرڻ وقت مائٽ، نيات ۾ ذات وغيره پڇا ڪري پوءِ سڱ ڳنڍيندا هئا. پر هينئر پئسا ڏسي، پيهون يا ڏاٽن ڪٽيندڙن کي پنهنجون ڌيئرون پيا ڏين.

١٥٨. **پيئيءَ ليئيءَ، ڏيءُ ڪم اَچي.** (چوٽي)

بيماريءَ سيماريءَ ۾ ڌيءَ ڪم اچي ٿي. ٻيءَ طرح بہ پٽن کان وڌيڪ نياڻيون جو مائٽن ڏي هڏ ڪرڪي ٿو.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

## ( ج )

١. **جا بندي کي بار، سا صاحب کي سُتري. (چوڻي)**

جا انسان لاءِ تمام ڳري، سا ايشور لاءِ ڪجهه ڪونهي.

٢. **جا چوري پن تي پري، سا مڙس چو ڪري؟ (پهاڪو)**

جيڪا پن تي هريل سا مڙس ڪري گهر چو رکي؟

٣. **جا ساڻن جي، سا پئنچن جي. (چوڻي)**

٤. **جا گهڻن سنئين، سا وهاڻءِ سنئين. (چوڻي)**

٥. **جا مڙسي مڙسن ۾، سا مارئي ۾ ناهه. (ورجيس)**

٦. **جاءِ چوي جوڙائي ڏس، شادي چوي ڪري ڏس. (چوڻي)**

شادي ڪرڻ ۽ جڳهه جوڙائڻ لاءِ گهڻي دل تيندي آهي. پر هڪوار ڪرڻ کان پوءِ خبر پوندي آهي ته ستري ڳالهه ڪا نه آهي.

٧. **جات جو جوڙو، ڪُجات جو پوڙو. (ورجيس)**

٨. **جاجڪ! ڏمڻ وڄائج پر ڏِکي ڏِکي! (ورجيس)**

٩. **جاڏي پوي جهار، تاڏي ڳوڙهو نه هٽي. (ورجيس)**

جهار: پکين جو ميڙ. ڳوڙهو: گليلو، پکين کي ڀڄائڻ لاءِ هنيل پٿر. ٢. ابتو ڪم ڪرڻ. جتي پکي مڙيا وينا آهن اتي گليلو نه هٽي. ٻئي پاسي پيو هٽي! هاري گليلا هٽي، پکين کي ڀڄائيندا آهن ته متان سندن کيت پکي کائي نه وڃن.

١٠. **جاڏي قدم شريف: نه ربيع، نه خريف. (ورجيس)**

جيڏانهن قدم رک ته ڪم نه ٿئي.

١١. **جاڏي وڃي واڱهو، تاڏي پاٽي تانگهو. (پهاڪو)**

تانگهو: ٿوري پاٽيءِ وارو پاسو. ٢. واڱهو: هميشه وڏي پاٽيءِ ۾ رهندو آهي. سو تانگهي ۾ رهي ڪو نه سگهندو. بدنصيب ماڻهو جيڏانهن وڃي، اُتي سڃ ڏسي.

١٢. **جاڙي جڳ سنئين. (پهاڪو)**

جا ٻئي ٻار سان جائي هوندي سا ٻه جهان جي ٻين ماڻهن جهڙي.

١٣. **جاڳندن جون وَچون، ستلن جا ڪونهان. (پهاڪو)**

١٤. **جان پيو جيءُ، تان پيو سک. (چوڻي)**

هيئن به چئجي: جان جيءُ، تان سک.

١٥. **جاڻ ته جواڻ. (چوڻي)** [88]

١٦. **جبل سان متو هنئي، نيٺ پڇي. (چوڻي)**

١٧. **جُتي ۽ جوءِ، ٻئي اکر هيڪڙي، هن کي پائج پير ۾، هوءِ صورت جو سينگار. (چوڻي)**

---

[88] هيئن به چئجي: جان ته جوان.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

جوءِ ۾ جتيءَ ۾، پهريون اکر ج ٿو اَچي. هڪڙي پير ۾ پائڻ جي آهي، ٻي سينگار آهي.

١٨. **جتي اُٺ ترندو، تتي پچ بہ ترندو. (چوڻي)**

هيئن بہ چون: جتي اُٺ ترندو، اُتي پچ بہ ساٽس ترندو.

١٩. **جتي ٻاهه ٻري، اُتي سيڪ اچي. (پهاڪو)**

٢٠. **جتي پاڙا، اُتي ڊيڊ وارا. (چوڻي)**

٢١. **جتي پاڻي، اتي پاڻ. (چوڻي)**

٢٢. **جتي پڇڻ نہ آهي پَهَت، اُتي پڇڻ ڪم پلن جو. (چوڻي)**

پهت: ايڪتا، صلح، ناهہ، ساز، ميلاپ. ٢. جتي مِٺ محبت سان پهچي نہ سگهجي، اتي چڱن ماڻهن جو ڪم آهي پڇي پاسو ڪرڻ. ٣. ڏسو هيٺ ڏنل چوڻي.

٢٣. **جتي پڇڻ نہ آهي جاءِ، تتي پڇڻ ڪم وريام جو. (چوڻي)**

وريام: بهادر، سورهيہ.

٢٤. **جتي پئنچ، اتي پرميشور. (چوڻي)**

٢٥. **جتي جهڻ، اتي لوڻ. (چوڻي)**

٢٦. **جتي ڏسي يات، اُتي ڳائي سڄي رات. (ورجيس)** [89]

٢٧. **جتي روشني ۽ هوا، تتي ڪانهي تانگهہ طبيب جي. (طبي، چوڻي)**

٢٨. **جتي ڪير، اُتي ڪنڊ. (پهاڪو)**

٢٩. **جتي ڪُئو پوي، اتي سپ ٻرَ. (چوڻي)**

٣٠. **جتي گانءِ، اُتي گابو. (چوڻي)**

٣١. **جتي گنج، اتي رنج. (چوڻي)**

٣٢. **جتي لهي سجڻو، اُتي پوي رات. (چوڻي)**

٣٣. **جتي لوڀي هجن، تتي ٺوڳي بک نہ مرن. (چوڻي)**

٣٤. **جتي لوهہ، اتي ڪٽ. (چوڻي)**

٣٥. **جتي ماکي، اتي مک. (چوڻي)**

٣٦. **جتي ماني، اُتي ماڳ. (چوڻي)**

٣٧. **جتي مڙهہ، تتي مقام. (چوڻي)**

٣٨. **جتي نہ پهچي روي، اُتي پهچي ڪوي. (چوڻي)**

٣٩. **جتي هر، تتي گهر. (پهاڪو)**

٤٠. **جتي وڻ نہ آهي، تتي ڪانڌيرو بہ درخت. (پهاڪو)**

ڪانڌيرو: ڪنڊن جي ڪاني. [90]

---

[89] دوهي جي صورت ۾ اها هيئن چئي ويندي آهي؛ جتي ڏسي يات، اتي ڳائي سڄي رات. جتي ڏسي ٿالهي، اتي هٿ ڪٽي خالي.

[90] ڪانڌيرو؛ سنهن ڪنڊن وارو ٻوٽو، جيڪو جهنگ جهر ۾ پاڻ مرادو ڦٽي پوندو آهي. ٻوٽي جي صورت ڪان وڏي نہ سگهندو آهي. بيابان منجهہ، اهو بہ جڻ وڻ جهڙي آسائش



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

۴۱. **جتي ويڙها، اُتي جهيڙا. (چوڻي)**

۴۲. **جڏا جيئاري، مرڪندا ماري. (چوڻي)**

۴۳. **جڏهن پورا ٿي سبيا، تڏهن گڏهن ٿي رُنو. (پهاڪو)**

۴۴. **جڏهن تڏهن سنڌ کي، قنڌار کان جوکو. (چوڻي)**

۴۵. **جڏهن ڏند هئا تڏهن حلوو نہ هو، جڏهن حلوو آهي تڏهن ڏند ڪو نہ آهن. (پهاڪو)**

۴۶. **جڏهوڪا مينهن، تڏهوڪيون چڪون. (پهاڪو)**

۴۷. **جر نئيس، جيڏي نہ نئيس. (چوڻي)**

جر: جل، پاڻي. ۲. چيو وڃي ٿو تہ ڪنهن زال، درياهه جي ڪناري تان مڇي لڌي. اتي ٻي ڪا زال بيٺي هئي تنهن چيس تہ: اِها مڇي منهنجي آهي. هن ماڇيهي ڪٽي پاڻيءَ ۾ اُڇلي. پاڻيءَ کي ڏنائين پر ٻئي کي ڪو نہ ڏنائين.

۴۸. **جڙيءَ کي جس. (چوڻي)**

ڏٽيءَ جيڪي جوڙي، تنهن تي شڪر ڪجي.

۴۹. **جسڪا جن، تسڪا پن. (چوڻي)**

۵۰. **جڳ مڙيوئي جوا بازي: ڪن کٽي، ڪن هاري. (چوڻي)**

۵۱. **جماعت ۾ ڪرامت. (چوڻي)**

۵۲. **جن آهرن ۾ ڪائي ڏنو، سو توبرن ۾ ڪئن کائين؟ (چوڻي)**

آهر: جنهن ۾ گهڻن جانورن جو ڪاڏو پوي. ۲. توبرو: جيڪو جانورن لاءِ ڪاڏو وجهي سندس منهن ۾ ٻڌو ويندو آهي.[91]

۵۳. **جن پنهنجي ٻاري، تن سنجهيئي ڪني چاڙهي. (چوڻي)**

۵۴. **جن جا مٺا، تن جا ڪٺا. (چوڻي)**

۵۵. **جن جو هتي ڪپ، تن جو اُتي بہ ڪپ. (چوڻي)**

سنن ماڻهن جي دنيا ۾ گهرج آهي تہ ايشور وٽ بہ گهرج آهي.

۵۶. **جن جي پلوءَ ۾ داڻا، سي چريا ئي سياڻا. (چوڻي)**

۵۷. **جن چڏي دعوىٰ، سي سدا ٿيا ساوا. (چوڻي)**

۵۸. **جن ڪاڏا پلن جا پيٽارا، تن جا هينئڙا ويچارا. (چوڻي)**

پلي جو پيٽارو تمام نرم ۽ سوادي ٿيندو آهي. جن اهڙو سوادي مال کائي ڏٺو ۽ وري کين نہ ملي تہ ويچارن جون دليون ڍريون ٿيو وڃن.

۵۹. **جن کان ڏري آهيان، تن جي پيش پڙي آهيان. (ورجيس)**

جنهن جي پر ڏجهي پيو، قدرت سان اُنهيءَ جي پيش پيو پئجي.

۶۰. **جن کي اڳي اچن مڇون، تن جي ڏاڙهي ڪنهن کان پڇون؟ (پهاڪو)**

پيو ڏيندو آهي.

[91] آهر جيڪا زمين تي نهي، تنهن منجهہ، مينهن يا ڳئونءَ لاءِ ڪڙ ڪتر ملي وجهبي آهي. جڏهن تہ توبرو، مٿي ٽنگبو آهي، ۽ منجهس گهوڙي کي گاهہ وجهبو آهي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

٦١. **جن کي ڏنيون چايون، تن سان کهڙيون باهيون؟ (چوڻي)**

جن سيٽن کي پنهنجون چايل ڏيئرون ڏجن تن سان باهيون ۽ ساڙ وير کهڙو رکبو؟ سيٽن سان هميشه غم ۾ ئي هلڻ گهرجي.

٦٢. **جن هتان ڪٽي هتي رکيو، سي رسيا. (پهاڪو)**

٦٣. **جنڊ ٻه وار، ٻٽُ ٻه وار. (پهاڪو)**

وار: وارو. ٻٽ: چلهو. ٢. جنڊ پيهڻ لاءِ ٻه وارو ڏجي ۽ چلهه تي رڌڻ لاءِ ٻه وارو ڏجي، ٻئي ڪم ڪجن.

٦٤. **جنڊ ڪڻ ته جنڊ ڳُوُرو، پڙ ڪڻ ته پڙ ڳورو. (ورجيس)**

ٻئي ڳالهيون ڳريون، ڪو ٻه حصو هلڪو ڪونهي.

٦٥. **جنهن ۾ ماڻ پيو، سا راهه رهندي ڪيترو؟ (چوڻي)** [92]

٦٦. **جنهن اپرندي تاءُ نه ڪيو، سو الهندي چا ڪندو؟ (پهاڪو)**

تاءُ: گرمائش.

٦٧. **جنهن تن لڳي، سو تن ڄاڻي. (چوڻي)**

تن: بدن، شرير. ٢. هيئن به چون: جتي باهه ٻري، اُتي سيڪ اچي.

٦٨. **جنهن جا ڪرم، تنهن جا ڌرم. (چوڻي)**

٦٩. **جنهن جو ڌن، تنهنجو تن. (چوڻي)**

٧٠. **جنهن جو رزق پريشان، تنهنجي دل پريشان. (چوڻي)**

٧١. **جنهن جو ڪائجي، تنهنجو ڳائجي. (چوڻي)**

٧٢. **جنهن جو ڪم سو ئي ڪري، ٻيو ڪري ته گهاٽو پري. (چوڻي)**

جنهن کي جنهن ڪم جي ڄاڻ هجي سو ڪري.

٧٣. **جنهن جي ماني، تنهنجي ڪاني. (چوڻي)**

٧٤. **جنهن جي هٿ ۾ ڏوئي، ڀک ٻه سهي سو ئي. (پهاڪو)**

٧٥. **جنهن جي هيڪار ڪيائين ڪوڙي ٿئي، تنهنجي ٻيهار، سچيءَ ساک نه وسهان. (چوڻي)**

جنهن جي هڪوار ڪوڙي ڳالهه ٿي، تنهنجي وري ساک ڪا نه ٿيندي.

٧٦. **جنهن جي واٽ نه وڃجي، تنهنجو پنڌ ٻه نه پڇجي. (چوڻي)**

جنهن ڳالهه جو ضرور نه هجي، سو ڪم نه ڪجي.

٧٧. **جنهن جي وڃجي گهر، تنهنجي ڪجي پَرِ. (چوڻي)**

پَرِ: ريت، دستوري، عادت.

٧٨. **جنهن جي ويلا، تنهنجي رکيا. (چوڻي)**

٧٩. **جنهن چيو، تنهن ڪيو. (چوڻي)**

---

[92] مڪمل دوهو: ڪالهوڻي ڪالهه ڳئي، اڄ پڻ ڏينهن ٻيو، جنهن ۾ ماڻُ پيو، سا راهه رهندي ڪيترو.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

٨٠. **جنهن درد جو دارون نه هجي، تنهن کي منو ڪري پوڳجي. (چوڻي)**

٨١. **جنهن ساس ڏنو آهي، سو گراس به ڏيندو. (چوڻي)**

٨٢. **جنهن ڪاڏو ترو، تنهن کي سور نه ڪو پرو. (چوڻي)**[93]

٨٣. **جنهن کي ايشور رکي، تنهن کي ڪير چکي. (چوڻي)**

٨٤. **جنهن کي نه آهي ماءُ ۽ نه ماءُ جو ڄائو، سو گهڻن پيءُ ماءُ وارن ڪان سائو. (چوڻي)**

٨٥. **جنهن ڪيپ ڪانپاڻي ڇڏي، تنهنجو ريڇ پاڻيءَ سان ڇا؟ (پهاڪو)**

٨٦. **جنهن ڪاڻ اڳتي هلي بيهجي، تنهن سان گڏيو چو نه وجهجي. (چوڻي)**

٨٧. **جنهن ڪن ڪڙا ڪيا، اِهو ضرور هينگ ڪندو. (پهاڪو)**

٨٨. **جنهن لڏي مُهري، سا تنگ وني گهري، جنهن لڏي ڦٽي، سا اڳريائي وٽي. (چوڻي)**

هلڪي وزن وارو اڳ ۾ وڃي.

٨٩. **جنهنجي شادي، تنهنجا لاڏا. (چوڻي)**

٩٠. **جنهنجي هٿ ۾ ڏوئي، تنهن جو مِٺ هر ڪو ئي. (پهاڪو)**

ڏوئي: ڪاٺ مان نهيل ڪيوي. ٢. هن ريت به چون: جنهن جي هٿ ۾ ڏوئي، بک به سهي سو ئي.

٩١. **جنهين سندي مَنهين، تنهين سندو آچار. (چوڻي)**

منهين: اوتارو، اوطاق. آچار: نبيرو، فيصلو. ٢. جنهن جي اوطاق هوندي، سياويڪ فيصلو به سندس خيال پٽ-اندر ٿيندو.

٩٢. **جني پؤ، تني ڊهُ. (چوڻي)**

٩٣. **جني خاطر ڪوڙ ڪمايم، ڪم نه ساڻيا سي ئي آيم. (چوڻي)**

٩٤. **جني ڏاند نه ٻج، تني سندءِ آسرو، اول رسائين انهن کي، پوءِ اُپارين سج. (چوڻي)**

٩٥. **جني ڪاڻ ڪيم لائي چائي، سي نه ٿيم سورن پائي. (چوڻي)**

لائي چائي: چغليون لڳائڻ، گهر ويڙهائڻ. سورن پائي: دکن ۾ پائيوار. ٢. جن لاءِ ڪوتا ڪم ڪيم سي وري منهنجي دکن ۾ مون سان همدرد ڪو نه ٿيا. ٣. جني خاطر ڪوڙ ڪمايم، ڪم نه ساڻيا سي ئي آيم. ٤. هيٺ ڏنل چوڻي ڏسو.

٩٦. **جني ڪاڻ مياس، سي ڪانڌي نه ٿيا. (چوڻي)**

٩٧. **جني مٽي مامرا، سي ڪيئن نندبون ڪن؟ (چوڻي)**

مامرا: معاملا.

٩٨. **جني منجهه مٽيا، سي لڪا وتن لوڪ ۾. (چوڻي)**

مٽيا: جوهر، چمڪو، سوجهرو.

٩٩. **جو اوٺي، سو ارجن. (پهاڪو)**

١٠٠. **جوا وڏو واپار، جي منجهس هار نه هجي. (چوڻي)**

[93] هيئن به چون: جيڪي پيئن ترو؛ تن کي نه سور، نه پرو.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

١٠١. **جواني، مستاني.**

١٠٢. **جواهر پرکي جواهري. (پهاڪو)**

جواهر: زيور، رتن سپ جواهري پرکي ۽ ملهه ڪٿي سگهندو.

١٠٣. **جو پن پيڙين وچ چڙهندو، تنهنجون جنگهون ڦاٽنديون. (پهاڪو)**

١٠٤. **جو پنهنجي هلندو، سو سور وڏا ئي سهندو. (چوڻي)**

١٠٥. **جوَ پوکي، ڪڻڪ ڪين لڻبي. (پهاڪو)**

١٠٦. **جو ٻوڙندو، سو ٽڪجندو. (چوڻي)**

١٠٧. **جوَ ڍيري، گڏهه رکپال. (پهاڪو)**

جوَن جي ڍيريءَ تي گڏهه رکپال رکبو تہ چا ٿيندو؟

١٠٨. **جو سک اپني چؤباري، سو ناهي بلخ بخاري. (چوڻي)**

١٠٩. **جو ڪجي نہ ڦاڙي، سو ڪاپاڙي. (پهاڪو)**

پوريءَ طرح جيڪو جاچي ڪم نہ ڪري سو نقصان سهي.

١١٠. **جو ڪوري ڪڏ ڪٽندو، سو ڪڏ ۾ پوندو. (پهاڪو)**

١١١. **جو ڪائي غم، تنهن کي ڪائي جم. (چوڻي)**

جيڪو غم کائي ڳٽيون پوڳيندو تنهن کي جم (موت) جلد کائيندو.

١١٢. **جو مڙيو، سو جڙيو. (چوڻي)**

١١٣. **جو نمي، سو ڳؤرو. (چوڻي)**

١١٤. **جو نہ ڪجي، سو گهٽو ڪجي. (چوڻي)**

١١٥. **جو واءُ جبل اڏائي، تنهن اڳيان ڪپاهه چا ڪندي. (چوڻي)**

١١٦. **جوئاريءَ ميٺي هار. (چوڻي)**

جوئاري جيئن هارائيندو ويندو آهي تيئن جوئا کيس مٺي لڳندي ويندي آهي ۽ هميشہ اِها ڪوشش ڪندو آهي تہ جيڪي هارايو اٿم سو جوئا ڪندي کٽي وٺان.

١١٧. **جوئاريءَ جي جوءِ: ڪن ۾ ڪلي، منٽ ۾ ميڪي! (چوڻي)**

جوئاريءَ جي زال جو مڙس جڏهن جوئا ۾ کٽي اَچي تہ کلي خوشيون ڪري پر جوئاريءَ جي کٽ تي پروسو ڪونهي ۽ ڪڏهن هارائي ايندو تہ رئڻ لڳندي.

١١٨. **جوئا هارائڻ واري جو اڌ منهن ڪارو، ڪٽڻ واري جو سڄو منهن ڪارو. (چوڻي)**

جوئاري هارائيندو آهي تہ ڪڏهن نہ ڪڏهن پڇتاءُ ڪري، ماٺ ڪري ويهندو آهي. پر کٽڻ وارو جوش ۾ اچي هميشہ وڌيڪ جوئا ڪندو رهندو آهي. آخر ۾ پنهنجو سڄو منهن ڪارو ڪندو آهي يعني اگر تگر ناس ڪري ويهندو آهي. هارئي جو هر هارو منهن ڪارو.

١١٩. **جهڙا اڍائي، تهڙا ساڍا ٻہ. (چوڻي)**

١٢٠. **جهڙا خيال، تهڙا خواب. (چوڻي)**



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

١٢١. **جهڙا روح، تهڙا ختما.** (چوڻي)

١٢٢. **جهڙا عاشق عيد ۾، تهڙا منجهه مقام.** (چوڻي)

١٢٣. **جهڙا ڪانگ، تهڙا ٻچا.** (چوڻي)

١٢٤. **جهڙا گڏهه، تهڙا آٿر.** (چوڻي)

١٢٥. **جهڙو اَن، تهڙو من.** (چوڻي)

١٢٦. **جهڙو ڀوت، تهڙي ڇمات.** (چوڻي)

١٢٧. **جهڙو پاءُ، تهڙو ورتاءُ.** (چوڻي)

١٢٨. **جهڙو پاڻي، تهڙي واڻي.** (چوڻي)

١٢٩. **جهڙو چراغ، تهڙو جَرڪَ، ٻوليءَ ٻوليءَ فرق.** (چوڻي)

چراغ ۽ جرڪ جي معنيٰ ساڳي آهي پر رڳو ٻوليءَ جو تفاوت آهي.

١٣٠. **جهڙو حال حبيبان، تهڙو پيش پريان.** (چوڻي)

حبيب: دوست، پرين پيارو. ٢. جهڙو حال هوندو، سو ئي دوستن اڳيان رکبو.

١٣١. **جهڙو ديس، تهڙو ويس.** (چوڻي)

١٣٢. **جهڙو راءُ، تهڙي رعيت.** (چوڻي)

راءُ: راجا.

١٣٣. **جهڙو راجا، تهڙي پرجا.** (چوڻي)

١٣٤. **جهڙو سپاءُ، تهڙي دنيا.** (چوڻي)

١٣٥. **جهڙو سڏ، تهڙو جواب.** (چوڻي)

١٣٦. **جهڙو سمر آپڻو، تهڙو مٽ نہ ڪوءِ.** (چوڻي)

١٣٧. **جهڙو سمو، تهڙي سامگري.** (چوڻي)

١٣٨. **جهڙو سنت، تهڙي پيڻا.** (چوڻي)

١٣٩. **جهڙو سنگ، تهڙو رنگ.** (چوڻي)

١٤٠. **جهڙو گڏهه، تهڙي ٻني.** (چوڻي)

١٤١. **جهڙو لڳي واءُ، تهڙي ڏجي پٺ.** (پهاڪو)

جهڙو لڳي واءُ، تهڙي ڏجي پٺ، ٻيو مال سيڪو ويني ڏيي، ٻيني ڏيي اُٺ، جوئر جي اَٽي ڪي هٽ سان ڳوهجي، ڪٽڪ جي اٽي ڪي ڏجي مٺ، چڳي ڪي ڏجي عزت، ٻجڙي سان ڪجي جٺ، وچونءَ ڪي هٽجي پادر، نانگ ڪي هٽجي لٺ، جهڙيون آهن تي ويهون، تهڙا آهن سٺ. (جادو فقير جون چوڻيون.)

١٤٢. **جهڙو مرض، تهڙو علاج.** (چوڻي)

١٤٣. **جهڙو منهن، تهڙو موچڙو.** (چوڻي)



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

١٤٤. **جهڙو واءُ، تهڙي پٺ. (چوڻي)** [94]

١٤٥. **جهڙو ونو، تهڙي ونيِ. (چوڻي)**

١٤٦. **جهڙو وڻ، تهڙو ڦر. (چوڻي)**

١٤٧. **جهڙي پت، تهڙو چٽ. (چوڻي)**

١٤٨. **جهڙي پوک پوکبي، تهڙي لڻبي. (پهاڪو)**

چڱن ڪمن ڪرڻ سان چڱا نتيجا نڪرندا.

١٤٩. **جهڙي تاجي، تهڙي پيڻي. (ورجيس)**

١٥٠. **جهڙي چالي تهڙي پني، هن لاهي هن کي ڏني! (پهاڪو)**

١٥١. **جهڙي درشٽي، تهڙي سرشٽي. (چوڻي)**

١٥٢. **جهڙي دل، تهڙي زبان. (چوڻي)**

١٥٣. **جهڙي سٺ، تهڙيون ٽي ويهون. (چوڻي)**

ٽي ويهون: ٽي دفعا ويه، سي سٺ ٿيا.

١٥٤. **جهڙي ڦسي فاطمه، تهڙو صابو لنڊ. (چوڻي)**

جهڙي زال، تهڙو مڙس.

١٥٥. **جهڙي ڪرٽي، تهڙي پرٽي. (چوڻي)**

١٥٦. **جهڙي مائي، تهڙي جائي. (چوڻي)**

١٥٧. **جهڙي نيت، تهڙي مراد. (چوڻي)**

١٥٨. **جي ٻڍڙو هجي ته ڪهڙا وينا گهيڙ پڇجن؟ (چوڻي)**

١٥٩. **جيترا باسڻ، اوترو کڙڪو. (پهاڪو)**

١٦٠. **جيترا منهن، اوتريون ڳالهيون. (چوڻي)**

١٦١. **جيترا وياءَ، تيترا هيانءَ. (چوڻي)**

وياءَ: ويم. هيانءُ: دليون. ٢. استري جيترا ويم ڪري اوترا وري ٻار نپائي. ايتريون وريون سپاويڪ دليون هونديون جو سيني کي هڪجهڙو پيار ڪري.

١٦٢. **جيترو پوءِ، تيترو ڊءُ. (چوڻي)**

١٦٣. **جيترو پڇڻ، اوترو منجهڻ. (چوڻي)**

١٦٤. **جيترو چاٽبو، اوترو ٻهر نڪرندو. (چوڻي)**

١٦٥. **جيترو رليو، اوترو چڱيو. (چوڻي)**

١٦٦. **جيترو قاعدو، تيتري فائدو. (چوڻي)**

١٦٧. **جي جڏهن پڳا، سي تڏهن چڱا. (چوڻي)**

---

[94] پيٽيو: جهڙو لڳي واءُ، تهڙي ڏجي پٺ.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

جيڪي ڪڏن ڪمن ڪرڻ ڪان پيگا، سي تڏهن ڪان وني چٽل سمجهڻ گهرجن.

١٦٨. **جي جڏهن چڙهيا، سي تڏهن سوار. (چوٽي)**

١٦٩. **جي چٽين، سي نپائين. (چوٽي)**

١٧٠. **جي چرين ڏنگ ونگڙا، ته تون تنگ ونگڙو تي بيهه، جي هو پتر ڪڍن پت مان، ته تون پٽر ڪٽي بيهه. (چوٽي)**

١٧١. **جي چلهه تي، سي دل تي. (پهاڪو)**

١٧٢. **جيڏا اُٺ، تيڏا لوڏا: (پهاڪو)**

جيڏو اُٺ هوندو، لوڏو به اوڏو ئي هوندو.

١٧٣. **جيڏا باپ، تيڏا سنتاپ. (چوٽي)**

١٧٤. **جيڏا ڀوڳ، تيڏا روڳ. (چوٽي)**

١٧٥. **جيڏا ڏوتا، تيڏا پوُتا. (چوٽي)**

ڏوُتو: ڪمائي. پوُتو: خرچ. (ڏوُتو-پوُتو) ٢. جيڏيون وڏيون ڪمايون، خرچ به اوڏا ئي وڏا.

١٧٦. **جيڏانهن ڏسي ڍيري، تيڏانهن پائي ڦيري. (ورجيس)**

١٧٧. **جيڏو پَٽُ، تيڏي بکيا. (چوٽي)**

پٽ: ناريل جي اڌ مان نهيل، جنهن ۾ فقير بکيا وٺندا آهن.

١٧٨. **جيڏو پيٽ، اوڏي اوجهري. (پهاڪو)**

١٧٩. **جيڏي باهه، اوڏو تاءُ. (چوٽي)**

١٨٠. **جيڏي رات، تيڏو سپنو. (پهاڪو)**

١٨١. **جيري لاءِ ٻڪري نه ڪهجي. (پهاڪو)**

پنهنجي ٿوري غرض لاءِ، ٻئي کي وڏي نقصان ۾ نه وجهڻ گهرجي.

١٨٢. **جيسي ڪو تئسا ملا، سن ري راجا پيم. (چوٽي)**

اي راجا پيم! جيڪي ماڻهو جهڙا آهن تن کي تهڙا ماڻهو مليا آهن.[95]

١٨٣. **جيسين ڍائو ساهه ڪٽي، تيسين ٻڪئي جو ساهه وڃي. (چوٽي)**

١٨٤. **جيسين ڍائو متو ڪنهي، تيسين ٻڪئي جو متي وڃي. (چوٽي)**

١٨٥. **جيسين ساس، تيسين آس. (چوٽي)**

ساس: ساهه. آس: آشا. ٢. جيسين سرير ۾ ساهه آهي، تيسين آشائون آهن.

١٨٦. **جيسين لعلو ڪٽي لٺ، تيسين ڪرهه اُجهاٽي. (چوٽي)**

ڪرهه: جهيڙو. ٢. جيسين لعلچند لٺ ڪٽي معاملو نبيرڻ وڃي، تنهن ڪان اڳ باهه وسامي پيئي هوندي.[96]

١٨٧. **جيڪا آئي پوءِ، سا ٿهي ويٺي جمع سندي جوءِ. (گفتار)**

---

[95] دوهي جي صورت ۾ هيئن به چون: جيسي ڪو تيسا ملا، جيسي سنت ڪو پيل، لوها ڪا گيا گهن، چوري ڪو لي گئي چيل.

[96] اهو پهاڪو لکيت جي حساب سان پنهنجي اصل شڪل بگاڙي وينو آهي. ان جو مقرر ۽ مروج روپ آهي: ١. جيسين لولو ڪٽي لٺ، تيسين چور ڪري نٺ. ٢. جيسين لولو لٺ ڪٽي، تيسين ڪِرُهه اجهاٽي. ٣. ڪِرُهه: چار اندر پوريل ٽانڊو.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

جيڪو پوءِ آيو سو پاڻ سيني کان اڳيان ٿي ويٺو.

۱۸۸. **جيڪا پيهين پوءِ پٽي، تنهنجو اٽو ڪڏهن بہ نہ ڪٽي. (چوڻي)**

۱۸۹. **جيڪا ڏاريان ٻڪري، تنهن لمندا ڪن. (پهاڪو)**

جيڪا ٻڪري پالجي تنهن جا ڪن پيا لڏن يعني لپ لپ ڪن. جيڪو بہ نوڪر بيهارجي تنهن ۾ هڪڙو نہ ٻيو عيب.

۱۹۰. **جيڪا زال گهر نہ ڪري، سا اڄ نہ ڪري تہ سڀان ضرور ڪري. (چوڻي)**

۱۹۱. **جيڪو اڳي، سو تڳي. (چوڻي)**

۱۹۲. **جيڪو روز مري، تنهن لاءِ ڪير رڙي؟ (چوڻي)**

۱۹۳. **جيڪو وهي، سو لهي. (چوڻي)**

۱۹۴. **جيڪو هٿ ڏاڙهيءَ تي رکجي، سو وري ڪياڙيءَ تي نہ رکجي. (پهاڪو)**

ڏاڙهيءَ تي هٿ رکي، انجام ڪيو ويندو آهي. جڏهن خيال ڪبو آهي تہ ڪياڙي ڪنهبي آهي. پهاڪي واري جو مطلب آهي تہ انجام ڪري، وري خيال نہ ڪجي.

۱۹۵. **جيڪو هٿ ڪٽي وڏن ڏي، تنهن سان ههڙي ٿئي هاءِ. (چوڻي)**

۱۹٦. **جيڪي اتفاق ۾ آهي، سو نفاق ۾ نہ آهي. (چوڻي)**

۱۹۷. **جيڪي اُڪرين ۾ منهن وجهن، سي مهرين پر نہ ڏجن. (چوڻي)**

هيئن بہ چئجي: جي اکرين ۾ مٿو وجهندا، سي مهرين پٺ ڪين ڏجندا.

۱۹۸. **جيڪي پاڳ ۾، سو پاڳ ۾. (چوڻي)**

۱۹۹. **جيڪي پِٽيا، سي چِٽيا. (چوڻي)**

جن ڪي حسد وچان پٽين، سي پاڻ چڙهندا ويندا آهن.

۲۰۰. **جيڪي پيٽ ۾ ماپيون، سي ڪنيءَ ۾ بہ ماپي ويندیون. (پهاڪو)**

۲۰۱. **جيڪي ڏسي چار، سو جي ڏسي مييءَ تہ قاتي مري. (چوڻي)**

ميي: ماچي، مڇيون قاسائيندڙ. ۲. ماچي، پاٽيءَ ۾ مڇيون قاسائڻ لاءِ جار وجهندو آهي. پهرين جار ۾ جهجهيون مڇيون قاسنديون آهن. پوءِ اَڌ تان ئي ڪيتريون نڪري وينديون آهن. اِها خبر رڳو جار کي ئي هوندي آهي تہ ڪيتريون مڇيون قاٿيون. جيڪڏهن ماچيءَ کي اِها خبر پوي تہ جيڪر گهٽو ڏک ٿئيس.

۲۰۲. **جيڪي ڪري گيهہ: سو نہ ڪري ماءُ، نہ ڪري پيءُ. (چوڻي)**

سچو گيهہ، اها طاقت ڏيندڙ آهي، جا ماءُ ۽ پيءُ بہ ڪو نہ ڏيئي سگهي.

۲۰۳. **جيڪي ڪري ناڻو، سو نہ ڪري راڻو. (چوڻي)**

راڻو: راجا.

۲۰۴. **جيڪي ڪلهو ڏيندا، سي توڙ رسائيندا. (چوڻي)**

۲۰۵. **جيڪي ڪنيءَ ۾، سو پاٽ ۾. (پهاڪو)**

۲۰٦. **جيڪي ڪوهہ ۾، سو آهہ ۾. (پهاڪو)**



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

٢٠٧. **جيڪي گپ ۾ گهڙن، سي ڦينگهن کان نه ڊڄن. (پهاڪو)**

٢٠٨. **جيڪي وسي لوڇ، سو ٻڌ سويرا هوڇ، جيڪي وسي واس، سو اچي ٻڌِ ۾. (چوڻي)**

٢٠٩. **جي گهڙندا سوڙهين، سيلهه به لڳندا تن. (پهاڪو)**

سيلهه: ڪنڊا. ٢. سيلهن ۾ جي هٿ وجهندا ته ڪنڊا به سهندا.

٢١٠. **جي ڳنڍيندڙ ڳنڍي، ته پريت پراڻي نه ٿئي. (چوڻي)**

٢١١. **جي نه وڃجي پاڻ، ته نينهن نياپي نه ٿئي. (چوڻي)**

نينهن: پيار، محبت، قرب. ٢. جتي پاڻ وڃي قرب ڏيکاري نه سگهجي ته رڳو نياپن سان محبت ڏيکاري ڪا نه سگهبي. جيڪو روبرو وڃي پيار ونڊي سگهبو سو ٻين هٿان نياپن موڪلڻ سان ٿي ڪو نه سگهندو.

٢١٢. **جي وڙهندا، سي جهڙندا. (چوڻي)**

٢١٣. **جي وسي چيٽ، ته اَن نه ماپي ڪيٽ. (چوڻي)**

٢١٤. **جي هجيئي ناڻو ته گهم لاڙڪاڻو، جي نه هجيئي ناڻو ته وت ويڳاڻو. (چوڻي)**

لاڙڪاڻو شهر سنڌ ۾ شوقين شهر ڪري ليکيو ويندو هو. ناڻي سان ئي لاڙڪاڻو گهمي سگهبو، بنا ناڻي ويڳاڻو ٿي پيو گذاربو.

٢١٥. **جي هٽن، سي ڪٽن. (چوڻي)**

٢١٦. **جيءُ چٽ تن ڪي، جن تو ڪي جيءُ سيڪاريو. (چوڻي)**

٢١٧. **جيءُ خوش، ته جهان خوش. (چوڻي)**

٢١٨. **جيئري ڪو نه سٽيائون، مئي دپ دپ ڪري پٽيائون. (ورجيس)**

٢١٩. **جيئن چر، تيئن خير. (چوڻي)**

چر: چرڻ، ڊوڙ ٿي ڪائڻ.

٢٢٠. **جيئن ٿڌ، تيئن وڌ. (ورجيس)**

٢٢١. **جيئڻ پلو اُنهيءَ جو، جو جيئي ٻين لاءِ، مرڻ پلو انهيءَ جو، جو جيئي پاڻ لاءِ. (چوڻي)**

٢٢٢. **جيئي مير غازي، جنهن گڏهه ڪيو نوازي. (گفتار)** [97]

---

[97] اها گفتار اصل شڪل ۾ هيئن آهي: جيئي مير غازي، جنهن ڪئي گڏهه-نوازي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

## ( ج )

**.١ ڄاٽو ڏنئرو، منو. (چوڻي)**

پرائو مال، سيکنهن کي وٽي.[98]

**.٢ ڄاٽي اکر ٻہ نہ، نالو فاضل خان. (ورجيس)**

**.٣ ڄاٽي وڇونءَ جو منڊ ٻہ نہ، هٿ وجهي نانگن ۾. (ورجيس)**

منڊ: جهاڙ جي رستي، وڇونءَ جو ڏنگ لاهڻ.[99]

**.۴ ڄاوا ڀہ، ڪريا اڊائي! (ورجيس)**

**.۵ ڄائو پٽ، لٿي سک، پرڻيو پٽ، پيئي پِڪَ. (چوڻي)**

پِڪ: لوڏ.[100]

**.٦ ڄائي جا نہ هوندي، سا مرندي ڪٿان؟ (ڀاڪو)**

**.٧ ڄپ جي ترڪڻ کان، پير جو ترڪڻ چڱو. (چوڻي)**

**.٨ ڄيڙي ڄيڙي، سِرُ پرتو اُٿيئي. (ڀاڪو)**

**.٩ ڄپ ننڍڙي نہ ڄاڻ، آهي وهہ جي ڳنڍڙي. (چوڻي)**[101]

**.١٠ ڄٽ ٻکيو موري ڪائي، موري ٻک گهٽيري لڳائي. (چوڻي)**

اڻ ڄاڻ ٻک لاهڻ لاءِ موري ڪائي پر موري وري گهٽي ٻک لڳائي.

**.١١ ڄٽ پڙهيو، لوڪ اڙيو. (چوڻي)**

**.١٢ ڄٽ جي چمار، اڊائي ڪٿا. (چوڻي)**

ڪٿو: مٿان اوڍڻ جو گرم اٽيل ڪپڙو. ٢. غريب ماڻهو ٿڌ جي بچاءَ لاءِ هڪڙو ڪٿو اٺي پائي. سالن جا سال اهو ڪٿو پائي وري لاهي. اهو ڪٿو خراب ٿئي تڏهن وري ٻيو اٺڻ شروع ڪري. تيتري ۾ سندس عمر بہ اڃيو پوري ٿئي.

**.١٣ ڄٽ جي چمار، ملوڪ جي رات. (چوڻي)**

**.١۴ ڄٽ جي دمڙي، چني چمڙي، واڻيي جو سؤ، ڪونهي پؤ. (چوڻي)**

**.١۵ ڄٽ کي آدر ڏجي، تہ ڄتيءَ سوڌو سيج تي! (چوڻي)**

**.١٦ ڄٽ کي لڳي ياڳ، تہ ڏئي جواري اٺي کي داغ. (چوڻي)**[102]

**.١٧ ڄٽ ملوڪ، تہ ٻہ گلمر جو زيان. (چوڻي)**

ملوڪ: شوقين. گلمر: سوٽي غاليچو.

**.١٨ ڄٽ ۽ ڦٽ، ٻئي ٻڏا پلا آهن. (چوڻي)**

---

[98] ڄاٽو: نياڻو، جيڪو هونئن پرائو ڄائو آهي. پر نياڻو ٽيڻ کان پوءِ پنهنجو ٿيو وڃي. اهو سس سهري کي پيو وٽندو آهي.

[99] منڊ: ڪنهن موذي جيت يا جانور جو ڏنگ مُنڊڻ کي چئبو آهي.

[100] پِڪ: ڇپ يا آفت.

[101] اها ڪهاوت هيئن بہ چوڻ ۾ ايندي آهي: ڄپ نہ ڄاڻ ننڍڙي، آهي وهہ جي ڳنڍڙي.

[102] اها ڪهاوت مقرر روپ ۾ هيئن چئي ويندي آحي: ڄٽ کي لڳي ياڳ، ڏياري جوئاري پٽ کي داڳ.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

۱۹. **جنّيءَ سٽ پسايو، واٽيي وڏس وَٺي، جنّيءَ ليکي واٽيو منو، واٽيي ليکي جنّي، مٺي وري ٻه جنّي. (پهاڪو)**

هڪ جنّيءَ ڪتيل سٽ، پاٽيءَ ۾ پُسائي واٽيي کي نڱڻ آئي. واٽيو ٻه چالاڪ هيو. اهو سهي ڪري ويو. تنهن وري وٽ اهڙي نموني ڪري وڌا، جئن تور گهٽ پوي. جنّي خوش ته مون واٽيي کي نڱيو آهي. حقيقت ڪري جنّي پاڻ ٺڳجي ويئي.

۲۰. **ڇڄ اُڇي منهه بيٺي، ڪنوار ماءُ ڪتڻ ويٺي! (پهاڪو)**

۲۱. **ڇڄ ۾ ڪير سجاڻي ئي ڪو نه، ڇي: آءٌ گهوٽ جي پڦي! (ورجيس)**

۲۲. **ڇگر ۾ ڇار، اگهه مڙيو ئي هڪڙو! (پهاڪو)**

اگهه ۾ تفاوت نه هئڻ، عجب جي ڳالهه آهي.[103]

۲۳. **ڇمندي ڇام، پنهون پاڳارو ٿيو. (ڇوٽي)**

۲۴. **ڇمندي ڇام، ڪو نه ٿيندو آهي. (ڇوٽي)**

ڇام: سنڌ ۾ شهزادي جو لقب.[104]

۲۵. **ڇڻ ڪان، نيپاڄ وڏو. (ڇوٽي)**

۲٦. **ڇٽيندڙ ڇٽا، پرٽيندڙ مٺا. (ڇوٽي)**

خراب ڇوڪري پرٽجي گهر ۾ آئي.

۲۷. **ڇٽيندي ويئي، ڊنگرن تي اُڇليندي ويئي. (ورجيس)**

گهٽڻ ٻارن ڇٽيندڙن لاءِ ٽوڪ.

۲۸. **ڇيٽي مينهن، پهريٽي پٽ، نيري وهاڻءُ، ڪن سياڻن سامهون. (ڇوٽي)**

نيري وهاڻءُ: گهوٽ مائٽن جو هڪڙو ئي پٽ ۽ ڪنوار مائٽن جي هڪڙي ڌيءَ، تن ٻنهي جو پاڻ ۾ وهاڻءُ.[105]

---

[103] ڇاڱوري ٻير، ڪارائتو ۽ مهانگو وکر آهي، جڏهن ته ڇار انن جو ڪاڏو آهي، منجهس ٿيندڙ ڇار ٻه سستا ۽ گهٽ ڪارائتا ٿين. سو واپاري بيوقوف چئبو، جيڪو ٻئي وکر ساڳئي اگهه وڪڻندو.

[104] ڇام مان هن يا مٿئين پهاڪي ۾ مراد، قابل ۽ جهانديدهه آهي.

[105] ڇيٺ مهيني جي اندر پيل مينهن، فصل لاءِ ڪارائتو آهي. پهريٽو پٽ وري پيءُ ماءُ لاءِ پيريءَ منجهه ڪم اڇي ٿو. نيري وهاڻءَ ۾ گهوٽ سالن ۽ سالين جي جنجهٽ کان، ڪنوار وري نٺان ۽ ڏيرياڻي جي ڪيٽي کان آجا ٿيو وڃن.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

## ( جهه )

**١. جهجهي هوند، جهجهو فڪر. (چوڻي)**

جهجهو/ جهجهي: گهڻو/ گهڻي، گهڻائي. هوند: شاهوڪاري. فڪر: ڳڻتي.

**٢. جهل ٻَتي، آئي ڪَتي. (گفتار)**

ٻتي: سڪٽي، جنهن کي ڪجهه بہ نہ هجي. ٢. او سڪٽي! ڪتي يعني مصيبت آئي اٿيئي. هڪڙي اڳيئي سڪٽي، وري مٿان آئي اٿس مصيبت!

**٣. جهنگ ۾ مينهون، ڪِلن تي وڇون، ڇي؛ ڏايون ڙي ڏايون. (ورجيس)**

وَڇون: وَڇڙا، گابا. [106]

**٤. جهنگ، پنهنجا رنگ. (چوڻي)**

**٥. جهوري جهنگ جي، مينهن مکڻ جي. (چوڻي)**

جهوري: گاهہ. [107]

**٦. جهونا ڪپڙا، ٻيا ڍور؛ تسڪا ناڻا، لي گيا چور. (ڀهاڪو)**

جهونا ڪپڙا، ٻيا ڍور، خريد ڪرڻ آهي، جهڙو چورن کي پئسا ڏيڻ.

**٧. جهونو ٿيو جهاز، سٽ نہ جهلي سڙهہ جي. (ڀهاڪو)**

**٨. جهيڙاڪر کي، چار ڪن. (چوڻي)**

جهيڙاڪر: جهيڙاڪور.

**٩. جهيڙو: کُهِ پيو جهيڙو، جي جهيڙو تہ گلي جو هار جهيڙو. (چوڻي)**

کهہ: کڏ ۾. ٢. جهيڙو ڪرڻ خراب آهي ۽ کڏ ۾ وجي پوي پر جيڪڏهن لاچار جهيڙو (مقابلو يا بحث) ڪرڻو پوي تہ گلي ۾ هار ڪري سمجهجي ۽ مڙس ٿي مقابو ڪجي.

**١٠. جهيڙي ۾ لڏون ڪو نہ ورهائبا، جو ماڻهو ڪائي بہ ايندا ۽ ڪٽي بہ ايندا.**

---

[106] ان جهڙي ٻي ڪهاوت پڻ مشهور آهي: ايي ڳئون، ٿر گابا، ڇي؛ ڏايا ڙي ڏايا!

[107] اها ڪهاوت سنڌ اندر هيئن چوڻ ۾ ايندي آهي: مِنهُن مکڻَ جو، جهوري جهَڻِ جي. جهڻ: ولوڙيل لسي. هڪڙي ماڻهو جو ارادو ٻاڳيي جي گهران مکڻ وٺڻ جو هجي پر زبان سان لسي گهري. ان لسي گهرڻ کي جهوري چئبو ۽ ڳجهي ارادي کي مِنهن چئبو.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

## ( چ )

١. **چاچي بہ چوي، ڇهنڊڙي بہ پائي. (ورجيس)**

٢. **چاڏيءَ ڪي چِٽَ گهٽا، انڌا منڊا هٽ گهٽا. (پهاڪو)**

٣. **چار ڏينهن چاهہ جا، پوءِ گهر ڳنا واهہ جا. (پهاڪو)**

٤. **چار ئي واهون چڪن، تڏهن سوڊا سيڻ ڪجن. (پهاڪو)**

واهون: رستا. چڪن: خالص ٿين. سوڊا: زبردست. ٢. جڏهن سڀ رستا بند ٿي وڃن تڏهن لاچار پاڻ ڏاڍن سان هٿ اٽڪائجي.

٥. **چاڪ ٿيڻ ڪانپوءِ، وئد بہ ويري. (طبي، پهاڪو)**

٦. **چاڪر، چپاڪر. (چوٽي)**

چاڪر/ نوڪر، اهو سٺو جيڪو چپاڪر (چپو مچيندڙ) هجي.

٧. **چاڪريءَ چور، نوالي حاضر. (ورجيس)**

٨. **چاڪريءَ ۾، آڪري چا جي؟ (چوٽي)**

نوڪري ڪرڻي آهي تہ پوءِ آڪڙ چو ڏيکارجي.

٩. **چاڪي، ڦر ڦر گهاڻي آيا. (پهاڪو)**

١٠. **چاڪيءَ جو ڏاند ۽ ڪاسائيءَ جو ڪتو، جتي ٻينو اُتي ڪتو. (چوٽي)**

چاڪي: چڪي پيهندڙ.[108]

١١. **چاڪيءَ ڏاند وڃايو، گهمي گهاڻي ڏاري! (پهاڪو)**

چاڪي: چڪي پيهندڙ. گهاڻو: جتي چڪي پيسجندي آهي. ٢. چڪي پيهندڙ ڏاند وڃايو پر سستيءَ وچان رڳو اُتيئي پئي ڳولهيائين پر اُتي ڪيئن لڀندس. پاهر نڪري جڏهن ڳولهڻ شروع ڪندو تڏهن ڳولهي سگهندو.

١٢. **چانڊيا چور، شاٻڙاڻي شاهد. (چوٽي)**

چانڊيا ۽ شاٻڙاڻي، ٻن ذاتين جا نالا. ٢. ڪو چور چوري ڪري ۽ وري پنهنجي ذات پائيءَ ڪي شاهد ڪري بيهاري تہ عجب نہ ڪائجي ۽ هيئن بہ چون: چورن جا پائر، ڳنڍي-چوڙ.

١٣. **چِپ، مائي باپ آهي. (چوٽي)**

١٤. **چپڙو واڻيو، سمڻي دلي: ٻنهي ڪي پري اللهہ. (چوٽي)**

١٥. **چت تي چوتو، مدعي رد. (پهاڪو)**

١٦. **چٽي پوي شهباز تي، پري وتايو! (پهاڪو)**

وتايو: فقير جو نالو.

١٧. **چٽي چنيجن جي، پُرڻ تي پيئي. (پهاڪو)**

١٨. **چچن گهر چلا پڪا، چچا اُتي نچڻ لڳا. (پهاڪو)**

چچ: مکيچوس، ڪنجوس.

---

[108] پيٽيو: گهاڻي جو ڏاند، ڪاسائيءَ جو ڪتو، جاتي آيو، اتي ٻينو.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

١٩. چرڻ راجا: نڪا ساهمي، نڪو وٽ، ڏئي ٻه ٻُڪَ، وڃي ٻه ٻڪ. (چوٽي)

٢٠. چرنديءَ تي چَرِ، ڪنديءَ تي رم. (ورجيس)

٢١. چري آهي چڪي آهي، پنهنجي پهه تي پڪي آهي. (ورجيسي جملو)

٢٢. چري پاڻ، متيون ڏئي لوڪن کي. (ورجيس)

٢٣. چري چڪي، وري ٻه پيئي رکي. (پهاڪو)

٢۴. چري ڦٽ ٻر ٻه خوش. (چوٽي)

٢٥. چري هري چشڪي تي، رکي آرتوار. (پهاڪو)

٢٦. چريءَ جا ٻار، جيئن تورا تيئن چڱا. (چوٽي)

٢٧. چريءَ چيڙايو باز کي، سا ثابت ويندي ڪيئن گهر. (چوٽي)

٢٨. چريءَ کي چائو پٽ، چمي چٽ ڪيائين. (چوٽي)

٢٩. چريءَ کي چوڙو: ڪڏهن جنگهه ۾، ڪڏهن ٻانهن ۾! (چوٽي)

٣٠. چريا ٻه ڪڏهن پنهنجي وس چڙبا چا؟. (چوٽي)

٣١. چريا چرين گڏيا، چي: عيد مبارڪ. (پهاڪو)

٣٢. چريا ڏيئي چار، واڇان وڃي هڪڙي. (پهاڪو)

٣٣. چريا ڪيئن؟ چي: ويران ويران وڌ. (چوٽي)

٣۴. چرين جا ٻار، ٻه ڪريا. (چوٽي)

٣٥. چرين جا پور، متي جا سور. (چوٽي)

٣٦. چرين کي ڪي سڱ ٿيندا آهن چا؟ (چوٽي)

٣٧. چرين ڪهڙا چت، مئن ڪهڙا مامرا. (چوٽي)

مامرا: معاملا.

٣٨. چريو، تہ ٻہ گهر ڏي وريو. (چوٽي)

٣٩. چريي کي چيڙائجي، چئن گارين کائڻ واسطي. (چوٽي)

۴٠. چريي ليکي، سڀ چريا. (پهاڪو)

۴١. چڙهي ڪني ٻہ: يانصيب! (پهاڪو)

۴٢. چغلي: جهيڙي جي ماءُ. (چوٽي)

۴٣. چڪيا ڪان، چنتا ٻري. (چوٽي)

۴۴. چڪ ڪري چوٽيءَ وري، ٺڪر اچي ٺوڙهيءَ تي، ڏوهه ڪري ڪنن واري، چٽي پوي ٻوڙيءَ تي. (چوٽي)

۴٥. چڪر سان پڄي، لتر. (پهاڪو)

چڪ پائيندڙ کي وري لتون هٽندڙ هوندو تہ پڄي سگهندو. [109]

[109] چڪ هٽندڙ مان مراد ڪتو آهي ۽ لتون هٽندڙ مان مراد گڏهه آهي. هو اٽن ڪان نہ مڙي، هيءُ چڪن ڪان نہ مڙي. ٻنهي جي انهيءَ ضد تان ٻيو پهاڪو ٻہ چيل آهي: ڪتي جو



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

۴٦. **چڪني گهڙي تي مينهن جو ڦڙو: جهڙو پيو، تهڙو نه پيو. (پهاڪو)**

چڪ: گپ. گهڙو: ٿانءُ. [110]

۴٧. **چڱا سي، جن جا پويان چڱا. (چوڻي)**

۴٨. **چڱائيءَ کي چار، ڱٽي هٽجن موچڙا: (چوڻي)**

ڪنهن سان ڀلائي ڪر ته چار پادر موت ۾ پيا لڳن!

۴٩. **چڱائي ڪر ڄڻ سان، ڄڻ ڦيري هٽي پَڻ سان. (چوڻي)**

۵٠. **چڱو ڀلو ڪائي اَن، ناچڱو ڪائي ڏن. (طبي، چوڻي)**

انسان صحت ۾ نيڪ آهي ته ڪاڌو ڪائيندو نه ته ڊاڪٽرن ۽ حڪيمن ڀنيان ڏن پيو لٽائيندو.

۵١. **چڱو جن لکيو، مندو سي نه پسن، توڙي رڻ رهن، ته به ڪنبون ڪائڻ ڪير سان. (چوڻي)**

مندو: خراب، رڻ: بيابان. ٢. جن جي نصيب ۾ سٺو لکيل آهي سي خراب وقت ڪو نه ڏسن.

۵٢. **چڱو چوائڻ ويئي، پر پٽ پٽائي آئي! (ورجيس)**

۵٣. **چڱو ڪر، ته چڱو ٿيئي. (چوڻي)**

۵۴. **چُلهه، اڱارين نه ڌاپي. (پهاڪو)**

چلهه رڳو اڱرن سان ڪو نه ڌاپندي آهي.

۵۵. **چلهه کان دور، سي دل کان دور. (چوڻي)**

۵٦. **چمڙي ڏئي، دمڙي نه ڏئي. (ورجيس)**

۵٧. **چنڊ ڏسڻ ڪانسواءِ، عيد ڪا نه ٿئي. (پهاڪو)**

۵٨. **چنڊ کي ڏهي، پوءِ سجي پاڳ. (پهاڪو)**

ڏهي: ڌاڳو يا تند. پاڳ: پڳڙي. ٢. ماڻهن کي اهو وهم وينل هو ته چنڊ ڏينهن، اگر پڳ مان ڌاڳو چني چنڊ ڏانهن اڇلجي ته ان جو وڏو ثواب ملندو. پوءِ جيڪڏهن سجي پڳ اُڇلبي ته به ثواب ڪو نه ملندو. وري اهو به مطلب ڪڍيو ٿو وڃي ته وقت سر ٿوري مدد جو هٽ ڏکهيڙڻ، پوءِ جي مدد کان، وڌيڪ بهتر آهي.

۵٩. **چنڊن جي شهر ۾: ڪنڊو پٽڻ، ڪرڙ جو. (چوڻي)**

٦٠. **چٺو ڦندي، ڪو بٺ پريندو. (چوڻي)**

٦١. **چوٽ جو چنڊ، هاٿيءَ جو ڏند، راڻيءَ جو چوڙو، لٿو مون تان ڪلنڪ ڪوڙو. (چوڻي)**

٦٢. **چور جي اک، بجڪي ۾. (پهاڪو)**

٦٣. **چور جي ماءُ، ڪنڊ ۾ رئي. (چوڻي)**

٦۴. **چور چڱو، پر نه چوريندڙ. (چوڻي)**

٦۵. **چور کي پنهنجو ڪيتو پيو کائي. (چوڻي)**

ڪيتو: ڪڌو ڪم. ٢. ڪوتن ڪم ڪندڙن کي پنهنجو اندر وارو پيو وڍ وجهندو آهي.

---

وات، گڏه جو ماس؛ هو چڏي نه، هيءُ چِجي نه.

[110] چڪنو: سٽيو. سٽيي ٿانءَ مٿان پاٽيءَ جو ڦڙو نه بيهندو آهي. اهڙيءَ طرح بيشرم يا بي حياءُ ماڻهوءَ کي ٽوڪ يا نصيحت اثر نه ڪندي آهي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

٦٦. **چور نہ تہ چاڪي سهي! (ورجيس)**

پوليس وارن کي چور نہ لڀي تہ چاڪي يعني چڪي پيهندڙ هٿ ڪري ايندا آهن.

٦٧. **چورن جا پائر، ڳنڍي چوڙ. (چوٽي)**

٦٨. **چورن کي چاڙهيون گهٽيون، ڀڙن کي ڀونگيون گهٽيون. (چوٽي)**

٦٩. **چورن کي چون تہ گهڙينس گهر ۾، ڀاڳين کي چون تہ چور گهر ۾ گهڙيو اٿيئي. (ورجيس)**

٧٠. **چورن مٿان مور پيا، اڌ ورهائي ڪٽي ويا. (پهاڪو)**

٧١. **چوري نہ مُوڙي، مُوڙي تہ بہ گهوري. (چوٽي)**

مُوڙي: سائو، سبز. ٢. چوري ڪرڻ وارو سائو سبز ڪو نہ ٿيندو پر جيڪڏهن سائو ٿئي بہ ڪٽي تہ بہ چڱو ڪونهي.

٧٢. **چونديندي چور، وجي بيٺا ڪکڙين. (پهاڪو)**

ڪي چور ڪٽي چوري ڪرڻ ويا جتي بيو مال ڇڏي فقط هڪ هڙ موتين جي سمجهي کڻي آيا. کولڻ سان ڏٺائون تہ فقط ککڙيون پيئون آهن. هي پهاڪو هن نموني ۾ بہ ڪتب آندو ويندو آهي، جڏهن مٽي مائٽي ڳولهڻ ۾ مائٽ گهٽي چونڊ وجهندا آهن. گهٽي چونڊ وجهڻ ۾ ڇچاڙيءَ جو هڪ رواجي گهر ڪين ملندو آهي.

٧٣. **چوُٽو، نہ اُوٽو. (چوٽي)**

چوُٽو: رزق. اوٽو: گهٽ ٢. جيترو نصيب ۾ داڻو پاڻي لکيل هوندو تنهن کان گهٽ ڪو نہ ملندو.

٧٤. **چوٽيءَ هر ڪو چئي، ڪرو ڪو رهٽيءَ رهي. (چوٽي)**

وڏا وڏا وعظ ڪرڻ، تمام آسان آهن، پر انهيءَ پرماڻ پنهنجي هلت رکي ڪا نہ ويندي آهي.

٧٥. **چئن پئسن جي چٽاپيٽي، پنجن پئسن جي ملم پٽي. (طبي، پهاڪو)**

٧٦. **چئن ڏينهن جو چٽڪو، پوءِ انڌيري رات. (چوٽي)**

٧٧. **چٹُ ڏيءَ ڪي، تہ سکي ننهن. (پهاڪو)**

٧٨. **چيٽ آهي پيٽ، پر ڪتي نر فصل آهي. (چوٽي)**

٧٩. **چيءِ ڏيتا نهين، چيءِ پورا تول. (ورجيس)** [111]

---

[111] پيٽيو: ڏيتا نهين، چيءِ پورو تول.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

## ( چ )

١.	**چاڻي چنڊي، پيهجي. (ورجيس)**

٢.	**چتي ڪتي جي دوا آهي، پتر. (طبي، پهاڪو)**

٣.	**چتي موروُن ونئي، ٻانيڻ کهڙو ڏوهه؟ (پهاڪو)**

انگ اڳيئي لکيا پيا آهن، ٻانيڻ جو کهڙو ڏوهه؟ [112]

۴.	**چچ ڳالهائي ته ٺيڪ پر اَچ پرڻ ٻه ٿو ڳالهائي جنهن ۾ سوين ٿونگ! (پهاڪو)**

۵.	**چڏڻ ڪانپوءِ، اڏڻ کهڙو؟ (پهاڪو)**

٦.	**چڙهي اَچي چمر چمر، وديا اَچي گر گر. (چوڻي)**

٧.	**چڪ منجهي ته سورج ڏانهن نهارجي. (پهاڪو)**

ڪڏهن ٻه تڪليف ۾ هججي ته سياڻي وٽ وڃجي.

٨.	**چڪو چنو، ٻليءَ ڀاڳين. (پهاڪو)**

چڪو: سنڌ ۾ چت ۾ نڪر جو ٿانءُ تنگي چڏبو هو، جنهن ۾ مڇي پلو يا ٻي کاڌي جي شيءِ وجهي رکبي هئي. جڏهن چڪو ڪڏهن ڇڇي پوندو هو ته ٻليءَ جو ڀاڳ لڳي ويندو هو. ٻليءَ جي نصيب جي ڪري چڪو ڇجي.

٩.	**چوڪر چتي ذات، يون يون ڪن ٻگت ۾. (چوڻي)**

١٠.	**چوڪراڻي پوتي، ڪنهن نه ڌوتي. (چوڻي)**

١١.	**چوڪرو ڪڇ ۾، ڍنڍورو شهر ۾. (چوڻي)**

١٢.	**چيٽو پٽ تي ڪرندو، ڪڪ پن ضرور ميڙيندو. (چوڻي)**

---

[112] مقرر روپ: چتي ڪتي جي دوا: ٻه پتر.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

( ح )

۱. **حاڪم جي ياري؛ ٻه آڱر ٽاڪ، ٻي سڀ واري. (پهاڪو)**

ٽاڪ: ڏاڍي زمين.

۲. **حجامڙو، حرامڙو! (چوڻي)**

۳. **حجتي، لعنتي. (چوڻي)**

۴. **حجم ۽ پاڪي، چيڳ نه بچندي باقي. (چوڻي)**

حجم کي پاڪي هٿ ۾ ملي ته مٿي تي هڪ وار ڪي به ڪو نه ڇڏيندو. ۲. ڪنهن نالائق کي حڪم والي ملندي آهي ته ائين ڪندو آهي.

۵. **حرڪت ۾، برڪت. (چوڻي)**

٦. **حريف هٽي، اَڌ ڪٽي. (چوڻي)**

۷. **حلوي حلوي چوندي، وات مٺو نه ٿئي. (پهاڪو)**

۸. **حمائتڻ گڏهه، عراقڻ کي اِٽيون هٽي. (پهاڪو)**

ڪنهن به گڏهه کي ڪو حمايت (مدد) ڪندڙ ملندو آهي ته عراقي سني گهوڙيءَ کي به اِٽون (لتون) هڻندو آهي. ڪنهن نالائق ماڻهوءَ کي ڪنهن جي اَجائي مدد يا هشي ملندي آهي ته اشراف ماڻهوءَ کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ کان ڪو نه گسندو آهي.

۹. **حيلي رزق، بهاني موت. (چوڻي)**

حيلي: ڪوشش. بهاني: سبب. رزق: روزگار. ۲. ڪوشش ڪرڻ سان روزگار ملي ويندو آهي ۽ موت به هڪ نه هڪ بهانو ڪري ايندو آهي.

---



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

## ( خ )

١.     **خاصا ڪپڙا، ڪيسا خالي.** (ورجيس)

ڪپڙا تہ تمام سنا پر ڪيسا خالي.[113]

٢.     **خان جي خاني، مانيءَ مان معلوم ٿئي.** (چوٽي)

٣.     **خانن جي ڪٽي؛ آٽر پوري چٽي.** (چوٽي)

٤.     **خرچ ڪاءُ، ڏئي شاهہ.** (چوٽي)

٥.     **خرخسو نہ خالي، آڏيو نہ تہ پائلي.** (ورجيس)

خرخسو: گوڙ ڪرڻ. هنگامو، بکيڙو، ممڻ، جهيڙو، ڪو جهيڙو جهٽو خالي (سڪٽو يا اجايو) نہ چئبو. آڏيو نہ تہ پائلي ملي پوندي. ڪنهن ڳالهہ لاءِ ڪوشش ڪجي، جي ڪجهہ ملي تہ ائين چئجي.

٦.     **خريدار ڪکڙين جو، پڇي هنداڻا!** (ورجيس)

٧.     **خوشامد جي پچاڙي؛ آمد.** (چوٽي)

آمد: آمدني.

٨.     **خوشي ڳنهي خودڙي، ٻڌڻ لڳس ٻار.** (چوٽي)

٩.     **خوشيءَ جهڙي ٻي خوراڪ ڪانهي، ڳڻتيءَ جهڙو بيو ڳارو ڪونهي.** (چوٽي)

١٠.     **خون ڪستوري؛ ڳجها نہ رهن.** (پهاڪو)

ڪستوريءَ ۾ اهڙي خوشبوءِ هوندي آهي جو ڪير بہ لڪائي ڪو نہ سگهندو آهي. تهڙي نموني خون پڻ آهي.

١١.     **خويشي بہ خوشي، سودا بہ رضا.** (چوٽي)

١٢.     **خير ڏيندي، هٿ سڙن تہ سڙڻ ڏين.** (چوٽي)

خير: خيرات، ڌرم ڪرڻ، دان.[114]

١٣.     **خير صلاح، مهر الله.** (چوٽي)

نيڪ صلاح، ايشور جي مهر آهي.

١٤.     **خيرپوري، نيت بري، هٿ ۾ قرآن، ڪڇ ۾ ڇري.** (چوٽي)

١٥.     **خير ڪاري ڪوڙ بہ سُهِہ، نا خيرڪاري سچ بہ ڳُهِہ.** (چوٽي)

---

[113] ان ورجيس جو مقرر روپ آهي؛ اڇا ڪپڙا، ڪيسا خالي؛ سڏائي ملڪ جو والي.

[114] ان جهڙي ٻي ڪهاوت، چؤ-سٽي جي روپ ۾ هيئن چئي ويندي آهي؛ دال روٽي کاڌي ڏن کٽي تہ کٽڻ ڏي، ڏنڊڻ ڏيندي ڏند گسي تہ گسڻ ڏي، ڦٽي ڏيندي وار ڪسي تہ کسڻ ڏي، حق سچ چوندي يار رسي تہ رسڻ ڏي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

## ( د )

١. **دال؛ ٻچڙي پال. (چوڻي)**

٢. **دال روٽي، ڪڏھن نہ ڪوٽي. (چوڻي)**

۽ ھيئن بہ چون: دال؛ ٻچڙي پال.

٣. **دال روٽيءَ ڪاڏي، ڏن ڪٽي تہ ڪٽڻ ڏي. (چوڻي)** [115]

٤. **دال گيھ تيرا، آگ ڦوڪ ميرا. (ورجيس)**

٥. **دانگي پچي، ڪتي جي ذات پرکجي. (پهاڪو)**

٦. **داٽي داٽي تي، مهر آھي. (چوڻي)**

٧. **دائيءَ کان، پيٽ ڳجھو ڪونهي. (پهاڪو)**

٨. **درزيءَ جي سئي؛ ڪڏھن سٽ ۾، ڪڏھن پَٽ ۾. (پهاڪو)**

٩. **درياھ پر تي چوکر ڪڏي، اڃ نہ ٻڏي، سيان ٻڏي. (پهاڪو)**

١٠. **درياھ پر تي ويهي، واگھن سان وجهجي نہ وير. (پهاڪو)**

١١. **دشمن نہ دوست، اوجهري نہ گوشت. (چوڻي)**

١٢. **دعا غريبان، مهر خدائي، آھ غريبان، قهر خدائي. (چوڻي)**

١٣. **دغا جن جي من ۾، سچيءَ ڪاڻ سڪن. (چوڻي)**

١٤. **دک جي گھڙي، بہ گھوري. (چوڻي)**

١٥. **دک بنان، سک ڪونهي. (چوڻي)**

جڏھن تڪليفون ڏسبيون، تڏھن سک ملندو.

١٦. **دک ۾ سيکو، ھر پچي. (چوڻي)**

ھر: ھريءَ جو نالو.

١٧. **ڏکِ پليو، ڪوھ پُليو. (چوڻي)**

١٨. **دلاسي دوستن جي، سيءَ سڪايس کل. (چوڻي)**

١٩. **دل جي ماپ، وات مان ملي. (چوڻي)**

٢٠. **دل دي قضا دل جاني، ڪيا جاني قاضي. (چوڻي)**

٢١. **دل سوڙھي نہ هجي تہ جاءِ ڪا سوڙھي سمجهجي؟ (چوڻي)**

٢٢. **دل ڪوٽي، عذر گھڻا. (چوڻي)**

عذر: بهانا.

٢٣. **دل لڳي گڏيءَ سان، تہ پري ڪھڙي چيز؟ (پهاڪو)**

گڏي: گڏھ، ڪوتي.

---

[115] پيٽيو: خير ڏيندي، ھٿ سڙن تہ سڙڻ ڏين.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

٢٤. دل ۾ ڏار، آئيني ۾ ڏار، پيو ته سالم ڪو نه ٿيندو. (چوڻي)

٢٥. دم دال جو، آڪڙ پلاءَ جي. (ورجيس)

٢٦. دم درميان، مولیٰ مهربان آهي! (چوڻي)

٢٧. دمڙيءَ جي دال، خدا! ڇڏي نه ڪجانءِ. (گفتار)

٢٨. دنيا هاٿيءَ جو مان ڪري، ڪِولِيءَ ڪي پيرن هيٺان لتاڙي. (پهاڪو)

٢٩. دوا نه ڪجي، دعا نه ڪجي. (طبي، چوڻي)

٣٠. دودو ڏوڙ، چنيسر چائي. (چوڻي)

٣١. دور باش، خوش باش. (چوڻي)

٣٢. دوست اِهو، جو يار غار رهي. (چوڻي)

٣٣. دولت، ننهن ڪان ماس وڇوڙي. (چوڻي)

ناٹو اهڙي ڳالهه آهي جو ننهن جيڪي ماس سان گڏ آهن تن کي به وڇوڙي ڌار ڪري. سڳو آنڊو به ڌار ٿيو پوي.

٣٤. دولتمندن جا، ڏاند ويامن. (پهاڪو)

٣٥. دهل جو آواز، پريان منٺو لڳي. (پهاڪو)

٣٦. دهلي دور آهي. (ورجيس)

٣٧. دهليءَ جو لڏون ڪائبو ته به پڇتائبو، نه ڪائبو ته به پڇتائبو. (پهاڪو)

٣٨. ديا ٻنان، سِڌُ به ڪاسائي. (چوڻي)

سِڌُ: ساڌو.

٣٩. دير پيا، درست ٿيا. (ورجيس)

٤٠. ديس چوري، پرديس ڀکيا. (چوڻي)

پنهنجي ملڪ ۾ چوريون ڪري پرديس ۾ وڃي ڀکيا پني.

٤١. ديگڙي جي خبر، رڪيبيءَ کي. (پهاڪو)

٤٢. ديوان جو دم، دمڙيءَ جي دال تي! (پهاڪو)



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

## ( ڏ )

١. **ڏاتوري ڏاري، جي ڪجي ڪار ڪماند سين، ته بہ اصل اِنهيءَ پار جو، ڏينا ڏيکاري. (پهاڪو)**

ڏاتورو: زهر جو قسم.

٢. **ڏاريان ئي ڏار، مِٺ مئيءَ جا نہ ٿيا. (چوڻي)**

٣. **ڏرت پڙيئي، ڏرم نہ چوڙيئي. (چوڻي)**

ڌرتيءَ ۾ پئجي وڃجي پر پنهنجو ڌرم نہ ڇڏجي. [116]

٤. **ڏڙ ريڍو، سسي ڀاڪري! (ورجيس)**

٥. **ڏُڪو ڪٽجي پاءُ لِڳ، شاهدي ڏجي الله لڳ. (چوڻي)**

٦. **ڏن سارو دان ڪجي، ديهہ سارو ورت رکجي. (چوڻي)**

٧. **ڏن هجي ڏوڙ ۾، تہ چمڪات ڏئي نور ۾.(چوڻي)**

٨. **ڏڻ تہ ڏٽي، نہ تہ وڪڻ ڪٽي. (پهاڪو)**

ڏڻ جي سنڀال بہ جيڪڏهن ڏٽي هوندو تہ ڪري سگهندو، جي نہ تہ بهتر ٿيندو تہ اِهو ڏڻ وڪڻي ڇڏجي.

٩. **ڏٽي وڃي ٻيڙيءَ چڙهيا، شاهد وتن گهوتا ڪائيندا. (چوڻي)** [117]

١٠. **ڏٽيءَ ريءَ ڏڻ سچو، ڏڻ ريءَ سچو ڏنار. (پهاڪو)**

جئن ڏٽيءَ ڪانسواءِ ڏڻ سچو آهي تئن ڏنار وري ڏڻ ڪانسواءِ سچو آهي.

١١. **ڏوٻي دي گهر پيا چور؛ او نہ مٺا، مٺي اور. (پهاڪو)**

١٢. **ڏوٻي ڌوئي، ڏٽي روئي. (پهاڪو)**

١٣. **ڏوٻيءَ جو ڪتو؛ نہ گهر جو، نہ گهاٽ جو. (پهاڪو)**

١۴. **ڏوٻي منجهہ درياهہ، تہ بہ اوجهہ نہ ڇڏي اوجهري. (پهاڪو)**

١۵. **ڏوڙ-پِڪِليو؛ ماءُ پرين، ڏن-پِڪِليو؛ جوءِ پرين، اڇي ڪپڙين؛ سس پرين. (چوڻي)**

پِڪليو: پريل. پرين: پيارو.

١٦. **ڏوڙ پيس، ڏڙڪي ويس. (ورجيس)**

ڏڙڪي: رلي.

١٧. **ڏوڙ ڏنيتيءَ منهن ۾، رابيان منهن ۾ رک. (ورجيسي جملو)**

١٨. **ڏونئري ۾ ڪي هو، تہ ڏٽين ڪين ڇڏيو. (پهاڪو)**

سٺي شيءِ هجي تہ مالڪ جيڪر ڪين ڇڏين.

١٩. **ڏيرج جو پتا؛ يُش. (چوڻي)**

٢٠. **ڏيري ڏيري، ڏنئرو چمندو. (پهاڪو)**

---

[116] اها چوڻي مروج لفظن ۾ هيئن آهي: ڌريان ئي ڌاريا، مٺ نہ مئيءَ جا.

[117] پيٽيو: مالڪ وڃي ٻيڙيءَ چڙهيا، شاهد وتن گهوتا ڪائيندا.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

آهستي آهستي ڏنئرو (وڇڙو) ڄمندو آهي.

۲۱. **ڏيون، ڊيوُريون آهن. (چوڻي)**

۲۲. **ڏيءَ پاڙي، اندر ساڙي، ڏيءَ دور، ڪائي چوُر. (چوڻي)**

۲۳. **ڏيءَ ڄائي تو ڄٽي، پٽ ڄائو تہ مون ڄٽيو. (پهاڪو)** [118]

۲۴. **ڏيءَ سيڪو پنهنجي ساراهي، ننهن سيڪو پرائي. (چوڻي)**

۲۵. **ڏيئڙي سو ڪر، جو ڏنئہ ماءُ گهر، ننهڙي سو ڪر، جو ڏنئہ سس گهر. (چوڻي)**

۲٦. **ڏيئڪو ڏڻ، وڏي سگهو. (چوڻي)**

---

[118] چڱو ڪم پنهنجي ڪاتي ۾ وجهڻ، ڪسو ڪم ٻئي جي ڳچيءَ ۾ وجهڻ. پيٽيو: پٽ ڄائو تہ مون ڄٽيو، ڏيءَ ڄائي تہ تو ڄٽي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

## ( ڏ )

.١ ڏاچي چري ڏهه، توڏو چري تيرنهن. (پهاڪو)

ڏاچي: اُنٺ. توڏو: ننڍو اُٺ. چرڻ: ڪائڻ.

.٢ ڏاچيءَ جو جيڏانهن ڪنڌ، تيڏانهن پنڌ. (پهاڪو)

.٣ ڏاڍو، سو گابو. (پهاڪو)

.۴ ڏاڍي تي ٻچيانس ته اُٿي ئي نه! هيٺي ڪان جهليانس ته جهل ئي نه ڏئي! (ورجيس)

.۵ ڏاڍي جي لٺ ڪي ٻه مٿا: جيڏانهن ڦيراءِ، تيڏانهن سنئين. (پهاڪو)

ڏاڍي سان (ايشور) اَسين هڪ جهڙو تي پڇي ڪو نه سگهنداسون.

.٦ ڏاڍي نال شراڪت ناهين پاءِ، پاءِ ڪر زاري. (پهاڪو)

.٧ ڏاڏي جيڏي ڏگهه سان، تنگ جيڏي ڪنوار! (ورجيس)

.٨ ڏاڙهي ڏات خدا جي: ڪنهن کي اڳي، ڪنهن کي پوءِ. (چوڻي)

.٩ ڏاڙهي ڏجي سنوارڻ لاءِ، نه ڪارڻ لاءِ. (پهاڪو)

.١٠ ڏاڙهي مٿو چٽ، پروون شاهه بچايا. (گفتار)

.١١ ڏاڙهيءَ تي هٿ رکي، وري ڪياڙيءَ تي هٿ نه رکجي. (پهاڪو)[119]

.١٢ ڏاند چڙهي تي، ڏک ڏسي! (ورجيس)

ڪنهن پيادل ويندڙ کي چڙهڻ لاءِ ڏاند ملي وڃي ۽ راضي نه رهي ته بي شڪريو سمجهڻ گهرجي.

.١٣ ڏاندان ڳاهه، مردان ڏُڪا، زالان ساهه، پنڌ وچ سُڪا، گهوڙا ضبط ڪنا، اصطبل وچ لڪا. (چوڻي)

.١۴ ڏاهو ڪانءُ، ٻه-چنگهو ڦاسي. (پهاڪو)

.١۵ ڏائڻ ٻه، هڪ گهر ٽاري. (پهاڪو)

.١٦ ڏائڻ هلي مڙدا ڪيڻ، مڙدن ڪپڙا ٻه لاهي ورتس. (پهاڪو)

.١٧ ڏٻري ڍور تي، مڇر گهڻا. (پهاڪو)

.١٨ ڏٻريءَ جو ڏٽي، سويرو پلاٽي. (پهاڪو)

ڏٻري وهٽ جو ڏٽي سويل ئي پنهنجو وهٽ پلاٽي پنڌ پوندو ته سويل ئي وڃي گهر پيڙو ٿيان.

.١٩ ڏتا ڪو ڏنو ڏنئہ؟ ڏنا ڪو ڏتو ڏنئہ؟ (پهاڪو)

.٢٠ ڏٿ نه ڪتو، ڏوٿي ڪتا. (چوڻي)

ڏٿ: هڪ قسم جو جهنگلي اَن ۽ ٻيون ڪاڏي جون شيون. ٢. جهنگ جا ماڻهو روز اِنهيءَ ڏٿ تي گذران ڪن. ڪائي ڪائي مريو وڃن پر اِهي شيون مند تي هميشه پيون نڪرن ۽ ڪٽن ڪين.

.٢١ ڏنو پير، پني مراد! (پهاڪو)

پير جي ڏسڻ ڪان پوءِ، مراد ٻه پوري ٿي ويئي.

---

[119] پيٽيو: جيڪو هٿ ڏاڙهيءَ تي رکجي، سو وري ڪياڙيءَ تي نه رکجي. (پهاڪو)



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

۲۲. **ڏنو چيٽ: پيو انبن ۾ ميٺ. (چوڻي)** [120]

۲۳. **ڏنو سپ وسار، اڻ ڏني کي ياد ڪر. (چوڻي)**

۲۴. **ڏني مک، ڪو ڪو نه ڳهي. (پهاڪو)**

ڪنهن ڪاڏي ۾ مک (ڪني ڳالهه) ڏسي، ڪير واپرائيندو يا ڪم آڻيندو.

۲۵. **ڏُچَرَ گهوڙي، سُچَرَ زال، چڊي ڪٽڪ، گهاٽا تر، اُڌارو وهاڻ، پنج ئي نه ٿيا. (چوڻي)**

ڏچر: ٿورو ڪائيندڙ. سچر: گهڻو ڪائيندڙ. (پهاڪن جي پاڙ) (سنديلو.)

۲٦. **ڏڏن جو ڏاتار آ. (پهاڪو)**

۲۷. **ڏڌو ڪير، ٿڻن ۾ نه پوي. (پهاڪو)**

۲۸. **ڏڌ ولوڙجي مانڊاڻيءَ، مکڻ وهي لاٽ، چريا سي چئجن، جي چڏين اَباڻي واٽ. (چوڻي)**

۲۹. **ڏس رنان تالان، مٿي منهن ڪالا، ڏس مردان ني ڦيري، مان تيري ڪ ميري. (چوڻي)**

۳۰. **ڏس ڪاٽيءَ ڪان، اک ڪاٽي پلي. (پهاڪو)**

ڏس: ڏسا، نصيب.

۳۱. **ڏکڻ مينهن نه وسٽو، وسي تا پوڙي، ڪانئر ڌڪ نه هٽٽو، هٽي تا جهوري. (چوڻي)**

ڏکڻ وٽان اڪثر ڪري مينهن ڪو نه پوندو آهي پر جي پوندو آهي ته بوڙان بوڙ ڪري ڇڏيندو آهي. تهڙيءَ طرح ڪانئر شخص ڪڏهن حملو ڪو نه ڪندو آهي پر اتفاقاً ڌڪ هنيئاين ته وڏو نقصان ڪري وجهندو.

۳۲. **ڏکئي کي ڏئي ڪو نه، سائي کي سهي ڪو نه. (ورجيس)**

۳۳. **ڏمرجي ڏيهه ڌڻي، ته ڏکر ڏيکاري. (چوڻي)**

ڏيهه ڌڻي: ايشور، ملڪن جو مالڪ.

۳۴. **ڏنيجي ڳڏهه، سور ٿئي سانيءَ کي. (پهاڪو)**

ساٽي: مڇيون وڪٽندڙ.

۳۵. **ڏندن پڳي ڏيڏري، ڪئي سندي جوءِ. (پهاڪو)**

هيئن به چون: ڪانياري ٻلي، ڪئي سندي جوءِ.

۳٦. **ڏند هٿا حلوو ڪو نه هو، حلوو آهي ته ڏند ڪونهن. (پهاڪو)** [121]

۳۷. **ڏنگي کي، ڏنگو ڪپجي. (پهاڪو)**

۳۸. **ڏنو، ٻنو آهي. (پهاڪو)**

ڏنو: ڏيڻ (خيرات). ٻنو: جهلو.

۳۹. **ڏنو ٿئي نه ڪنو، پوک ڪٽو ته ٿئي گهٽو. (پهاڪو)**

هيئن به چون: ڏي ته ڏيئي، سلو سائو ٿيئي.

۴۰. **ڏنو: پٽ چٽي جو. (پهاڪو)**

---

[120] مقرر روپ: چيٽ: انبن ميٺ.

[121] پيٽيو: جڏهن ڏند هٿا تڏهن حلوو نه هو، جڏهن حلوو آهي تڏهن ڏند ڪو نه آهن.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

۴۱. **ڏنو ڏاڻ، مئو پناڻ؛ ورائي وٺي بي ايمان. (پهاڪو)**

۴۲. **ڏني چائي، چُٽي وائي. (چوڻي)**

۴۳. **ڏني، پنڊن چني. (چوڻي)**

ڏيڻ کان پوءِ قرض چڃندو (گهٽ ٿي ويندو).[122]

۴۴. **ڏوڏي کي به پٽو آهي. (پهاڪو)**

۴۵. **ڏوهٽا، وڏندا ويري. (چوڻي)**

زناني چوڻي آهي، جا ڏوهٽن لاءِ چئي ويندي آهي.

۴٦. **ڏوهٽي، نانيءَ کي ٿي سيکاري. (پهاڪو)**

ناني آزمودگار، تنهن کي ڏوهٽي سکيارڻ هلي آ.

۴۷. **ڏوئي ڍڪڻ گيهه ٿيڻ. (ورجيس)**

۴۸. **ڏهه دنيا، ستر آخرت. (چوڻي)**

۴۹. **ڏهون گهر، ڏائڻ به اورانگهي. (پهاڪو)**

هيئن به چون: ڏائڻ به، هڪ گهر ٽاري.

۵۰. **ڏئي ڏاتار، سور ٿئي پنداريءَ کي! (پهاڪو)**

۵۱. **ڏئي مٿيون، پر ڪنهن جي هٿون. (چوڻي)**

۵۲. **ڏي به، ڏر به. (چوڻي)**

۵۳. **ڏيتا نهين، چي؛ پورا تول. (ورجيس)**

ڏيڻ وارو ڏيڻ جي نه پيو ڪري پر وٺڻ وارو چالاڪي ڪري پيو چوي ته تور پوري ڏج!

۵۴. **ڏي ته ڏيئي، سلو سائو ٿيئي. (چوڻي)**

۵۵. **ڏيڍر لاءِ سڄي دنيا، کوهه ۾ آهي. (پهاڪو)**

۵٦. **ڏيڍريءَ کي به تو زڪام ٿئي. (پهاڪو)**

۵۷. **ڏيراڻي نه جيناڻي، توڙ جي ويرياڻي. (چوڻي)**

ڏيراڻي: گهوٽ جي ننڍي ڀاءُ جي زال. جيناڻي: گهو ٽ جي وڏي ڀاءُ جي زال. ٢. ننڍي ڏيراڻي ۽ وڏي ڏيراڻي، توڙ تائين وير رکندڙ آهن.

۵۸. **ڏيڍ اڍائي؛ ساڍا به. (گفتار)**

۵۹. **ڏيسا چال، ڪُلا ڌرم. (پهاڪو)**

ڏيسا: ديس. ڪلا: ڪُل. ٢. ديس جي ريت ڪل جو ڌرم ڪري سمجهجي.

٦۰. **ڏينهن جو ڪوُڙو ٿجي، رقم جو ڪوُڙو نه ٿجي. (چوڻي)**

پئسا ڪنهن کي موٽائي نه سگهجن ته حرڪت ڪانهي پر پئسن واسطي صفا اَلي وجڻ خراب آهي.

---

[122] ان ڪهاوت جو مروج روپ آهي: ڏنو: پنڊن چنو.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

٦١.	ڏينهن، شينهن. (پهاڪو)

٦٢.	ڏيڻ سڀ چڱو، ٻچڙي هڪڙي گار، وٺڻ سڀ ٻچڙو، چڱي هڪڙي دل. (چوڻي)

٦٣.	ڏيڻ، ڏيهه ڇڏڻ ۽ ڏيهي ڇڏڻ ٽيئي اهنجا. (چوڻي)

ڏيڻ: ڪنهن کي ڪجهه ڏجي. ڏيهه: ديس، شهر. ڏيهي: شرير ڇڏڻ، مرڻ.

٦٤.	ڏيهه ۾ ڏياري، هرچند گهر هولي! (پهاڪو)

شهر (ڏيهه) ۾ سڀيئي ڏياريءَ جا شغل پيا ٿين پر پائي هرچند راءِ جي گهر هولي پيئي منائي وڃي!

٦٥.	ڏيهه چوي، ڏيراڻي نه چوي. (پهاڪو)

٦٦.	ڏيئي جي پنيان، اونداهي. (پهاڪو)

ڪي ’پنيان‘ لفظ جي بدران ’هينان‘ لفظ ڪتب آڻين.

---

( ڊ )

١.	ڊچ انهيءَ ڏينهن کان، جو ستل جهيڙي کي چون: اٿ. (پهاڪو)

٢.	ڊچ اُنهيءَ کان، جو درياهه جي پرينءَ پر بيهي گاريون ڏئي. (پهاڪو)

٣.	ڊچ انهيءَ کان، جو ڪڌ تي بيهي گاريون ڏئي. (پهاڪو)

٤.	ڊچ اُنهيءَ کان، جو منهن تي ڪوڙ ڳالهائي. (پهاڪو)

٥.	ڊچ تنهنجي ڊاءِ، جنهن جي وائيءَ ۾ ور گهٽا. (پهاڪو)

٦.	ڊني واڻئي: نه مور، نه لاڀ. (پهاڪو)

واڻيو: وڻج ڪندڙ واپاري.

---



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

(ڊ)

١. **ڊنيورا شهر ۾، لڙڪا ٻغل ۾. (ورجيس)**

ٻار ڪڇ ۾ آهي ته ڊنيورو شهر ۾ ڀيو ڦري.[123]

٢. **ڊؤ جهلي؛ هڪ ڀاپڙو، ڀيو مينهن. (ڀهاڪو)**

ڀاپڙو: جين ڌرم جي ذات، جنهن کي ڪيترو به ناٽو هجي ته به خبر ڪا نه پوين، مينهن کي به ڪيترو ڀاٽي ڀيئارجي ته به خبر ڪا نه پوي.

---

[123] هندي مقرر روپ هيءُ اٿس: ٻغل ۾ ڇورا، شهر ۾ ڊنيورا.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

## ( ذ )

١. **ذريءَ اوپ، ذريءَ سوپ. (چوٽي)**

ٿوري ڳالهه جي ڪري ڳلا ٿي پوندي آهي ۽ ٿوري ڳالهه ڪرڻ سان سوپ ٿيندي.

---



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# ( ر )

١. **راڄ جي گهران گيهه، جهلجي پاند ۾. (پهاڪو)**

راجا جي گهران گيهه ملي ته ٿانوَ نه هوندي به پلؤ ۾ وٺجي.

٢. **راڄ ڪي وٽي راٽي، تنهن ڪي ڪير چوي مهاٽي؟ (پهاڪو)**

٣. **رات ٿوري، ساٺ گهٽا. (ورجيس)**

وقت ٿورو آهي، ڪم اَجا گهٽا ڪرڻا پيا آهن.

٤. **رات، پنهنجي تات. (پهاڪو)**

٥. **رات جو پيٽ، هميشه وڏو. (پهاڪو)**

گهڻيون خرابيون رات جو ٿين.

٦. **رات جون ڳالهيون، ڏينهن جو نه پڙن. (پهاڪو)**

٧. **رات گئي، بات گئي. (گفتار)**

٨. **راجا اکئين، ڪي ڪنين؟ (پهاڪو)**

راجا نياءُ ڪندڙ، اکين ڏٺل ڳالهه تي اعتبار ڪندو يا ڪنهن ٻڌل ڳالهه تي اعتبار ڪندو.

٩. **راجا جو دان، پرجا جو اِشنان. (پهاڪو)**

راجا تيرٿ ياترا تي دان ڪري، عام رعيت وري اشنان ڪري، پڇ حاصل ڪري.

١٠. **راجا جي گهر، ڪو موتين جو ڪال؟ (پهاڪو)**

راجا جي گهر موتين جو انت ئي ڪونهي.

١١. **راجا ڪري سو نياءُ، ڍارو پوي سو داءُ. (پهاڪو)**

راجا جيڪي ڪندو سو ئي نياءُ (انصاف) سمجهيو ويندو، ڍارو هلائڻ ۾ به جيڪي پوندو سو داءُ سمجهيو ويندو.

١٢. **راضي ٿئي راڻو، ته راڻي ٿيان مان. (پهاڪو)**

١٣. **راڪي رام ته ماري ڪونِ؟ (چوٽي)**

١٤. **راڳ: پنجاب ۾ ڄائو، تر ۾ مئو. (چوٽي)**

ڪو ماڻهو بي سريلو ڳائيندو آهي ته ڪيس ائين ٽوڪ هڻندا آهن.

١٥. **راڻي سا، جا راڄ ڪي وٽي. (پهاڪو)**

راڻي سا ليکي ويندي جا راڄ (راجا) ڪي وڻندي.

١٦. **راهه ويندي، واٽيو اَڙيو. (پهاڪو)**

١٧. **رب ٿئي راضي، ته ڏوڙ مان ڏن ٿئي. (چوٽي)**

رب: ايشور.

١٨. **رب رسي، مت کسي. (چوٽي)**



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

رب: ايشور. رُسي: ناراض ٿئي. ٢. ايشور رُسي ته انسان جي مت ڪسي ڇڏي.

١٩. **رپ پٽڙي، پاٽي نه سهي. (پهاڪو)**

٢٠. **رپيو پرکجي بار بار، ماڻهو پرکجي هڪوار. (چوڻي)**

٢١. **رت جي رتي، صحبت جو خرار. (چوڻي)**

رت جو ذرو (رتي) صحبت (دوستي) جي خرار (گهڻي اناج جي تور جو ذڪر آهي) ڪان وڏيڪ سمجهڻ گهرجي.

٢٢. **رت، دانگيءَ تي ورندو آهي. (چوڻي)**

٢٣. **رت ڏسي: رُمي هٽجي. (پهاڪو)**

رُمي: بدن مان رت ڪيڻ جو اوزار.

٢٤. **رت ڏنگو به وري. (چوڻي)**

ڏنگو رت به وقت تي سڌو ٿيو پوي.

٢٥. **رت ڪنورو ڏجي، تڏهن پٽ ڪنورو ملي. (پهاڪو)**

٢٦. **رتي راڄ ڪمائي، عقل وارو روٽيون کائي. (پهاڪو)**

٢٧. **رني آهي گهوٽ سان، ڳالهائي نه ٿي ڳوٺ سان. (ورجيس)**

زال رني گهوٽ سان، ته ڳوٺ سان به ڪا نه پئي ڳالهائي.

٢٨. **رني اڳيئي هئي، مٿانئس آيس پيڪو ماڻهو. (ورجيس)**

٢٩. **رني جو پاڳو، مِنو. (پهاڪو)**

٣٠. **رڏي پڪي: پانصيب. (پهاڪو)**

رڏل نهيل نڪيل ڪاڏو يا ڪو ڪم به وقت تي نصيب ڪو نه ٿئي.[124]

٣١. **رڏيءَ ڪي، چو رڏجي. (پهاڪو)**

ڏڪايل ڪي، چو ڏڪوئجي؟

٣٢. **رڍ جي لت، پيڏيءَ تائين. (پهاڪو)**

پيڏي: گوڏو.[125]

٣٣. **رڍ سهانگي ٿئي، ته سيڪو پڇ ڪٽي پيو ڏسي. (پهاڪو)**

سستي اگهه هئڻ ڪري، پڇ ڪٽي ڏسن ته چو سستي ٿي وڪامي.

٣٤. **رڍن اڳيان رباب، وڄائيندي ورهيه ٿيا. (پهاڪو)**

٣٥. **رڍن به ڪڏهن، رڇ پريا آهن؟ (پهاڪو)**

رڇ: باسڻ، ٿانءُ.

٣٦. **رڍون، سپ پوٺ-ڪاريون. (پهاڪو)**

---

[124] پيٽيو: چڙهي ڪني: پانصيب.

[125] پيڏي: ٽڪيءَ ڪي ڇئبو آهي. رڍ ڪمزور جانور آهي، اٿ يا لت هڻي ڪين سگهي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

**٣٧. رڙا ڪين رجهن، توڙي ٻارڻ ٻهون ڪجن. (پهاڪو)**

رڙا: مڱڻ جي دال جو ڪريل داڻو. رجهن: رڌجن. ٻارڻ: ٻاهه ٻارڻ. ٻهون: گهڻو. ٢. انهيءَ ڪريل اناج کي ڪيترو به گهڻو وقت ٻاهه تي رکبو ته به رجهندا ڪو نه.[126]

**٣٨. رسڻ، مسڻ، منهن موڙڻ: زالن جا ترڪ تال، مرڪ سمجهن سرتيءَ ريءَ، گهر گهر اِهو حال. (پهاڪو)**

**٣٩. رسو پڇي وَرَ تي، دهل وڄي شاديءَ جي در تي. (پهاڪو)**

رسو (رسي: نوڙي) ڇڄندي انهيءَ هنڌان جتان ور (وراڪو) هوندو. دهل به شادي جتي هوندي اُتي ئي وڄندو.

**٤٠. رسو سڙي ويو پر رسي جو وڪڙ نه سڙيو. (پهاڪو)**

وڪڙ: ڏنگ. ٢. رسو سڙي ويندو آهي پر سڙڻ ڪانپوءِ به رسي جو وڪڙ قائم رهندو آهي.

**٤١. رڪڻ: آهي رڪ. (چوڻي)**

**٤٢. رڪ جا چٽا، آنڊا چيرين. (پهاڪو)**

ڏاڍي جو مال کائڻ جي ڪوشش ڪبي ته آنڊا چيربا.

**٤٣. رن تي جهلجي ته لڏ تي وڃي، لڏ تي جهلجي ته رن تي وڃي. (پهاڪو)**

**٤٤. رن پٽ ريڊار، ڪانُ هٽي بند ۾. (پهاڪو)**

**٤٥. رن پٽ کي لڳي پاڳ، ته ڏئي جواري پت کي داغ. (پهاڪو)**

پوءِ ڀاول ڪميڻو پنهنجي عزت وڃائيندو آهي.[127]

**٤٦. رنج ڪانسواءِ، گنج ڪونهي. (پهاڪو)**

**٤٧. رنج نه رنجاءِ، ٻري ٻندي جي آهه! (چوڻي)**

**٤٨. رن سُورن ۾، آهر موڙن. (پهاڪو)**

رن (زال) تڪليف ۾ آهي ته آهر (مرد) موڙا پيو ڏئي.

**٤٩. رن مري سڪر، ته چار پويس ٻڪر! (پهاڪو)**

سڪر شهر ۾ زال ٻڏي آهي ته ڪيس ڳولهڻ لاءِ چار ٻکر شهر ۾ پئي وڏي وڃي.[128]

**٥٠. رن نه ملي آهر کي! (ورجيس)**

رن: زال، عورت. آهر: مرد، مڙس. هتي رن ۽ آهر استعمال ٿيا آهن. جن سان، زال ۽ مرد کي، ٻي فضيلت نموني ڪوٺيو ويو آهي.[129]

**٥١. رنن زالن جا، ڪهڙا جمعا؟ (پهاڪو)**

**٥٢. رنون رب رلايون، ته ڏاهرين ڪهڙو ڏوهه؟ (چوڻي)**[130]

---

[126] پيٽيو: ٻارڻ ٻهون ڪجن، ته به رڙا ڪين رجهن ڪينڪي.

[127] پيٽيو: جٽ کي لڳي پاڳ، ته ڏئي جواري اٽي کي داغ.

[128] ٻکر، سڪر ڪان مٿي آهي. درياهه مٿان ڪان هيٺ وهندو آهي. منجهس ٻڏل جو لاش، مٿي وڃڻ بجاءِ لهوارو ويندو. ان کي مٿي بجاءِ هيٺ ڳولڻ گهرجي. جيئن ته عورت فطري طور تي ضدي ۽ ٽيڏي آهي. مرڻ پڄاڻان به ضد ڪين ڇڏيندي. عام فطرت جي برعڪس سندس لاش لهوارو لڙهڻ بجاءِ اوڀارو وڃڻ جو انديشو آهي. جنهنڪري سڪر وٽان ٻڏل عورت جو لاش، ڪيڻ لاءِ ٻکر وٽان چار هٽي پيو ڪيجي. ٢. عورتن جي ضد تي نهيل هڪ مرداڻي ٽوڪ.

[129] سنڌ جي اتر ۾ وري اها ورجيس يا گفتار هنن لفظن ۾ مروج آهي: رن نه ملي ڪج سان.

[130] سنڌ جي اتر واري حصي ۾ ان ڪهاوت جو مقفر ۽ مروج روپ آهي: رنون رب رلايون، ڏاڙهين ڪهڙا ڏوهه.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

**٥٣.** **رنون مکر جنون، تتر تار ڪن، رڏيون پڪيون ڪوُنجڙيون اڏايو ڏين. (چوڻي)**

**٥۴.** **رن هري چشڪي تي، رکي ٿي آرتوار. (پهاڪو)**

**٥٥.** **رڻي ۽ رائر جو، سڏ جنهين کي هوءِ، منجي اُتي جوءِ، وجي تنهن کي وسري. (چوڻي)**

۴٣. رڻو: قرض. رائر: سرڪاري ڊل. ٢. جنهن کي سرڪاري سڏ ۽ قرضدار جو سڏ ٿئي تنهن کي گهر ٻار به وسريو وڃن.[131]

**٥٦.** **روٽي به چئجي، ته پاڻ به چڙائجي. (پهاڪو)**

**٥٧.** **روزن پٺيان عيدون، عيدن پٺيان روزا. (پهاڪو)**

**٥٨.** **روزي، رازق تي. (چوڻي)**

رزق: کاڌو. رازق: کاڌو ڏيندڙ.

**٥٩.** **رهي درياهه جي پر تي، وير وجهي واڳهن سان! (پهاڪو)**

درياهه جي ڪناري تي ويهي واڳهن سان وير وجهڻ حد درجي جي مورکتا آهي. پيٽيو: درياهه پر تي ويهي، وجهجي نه واڳن سان وير.

**٦٠.** **رهي راهوجين، ٻهي باهوجين، ڪتي ڪُنئريجن جي. (ورجيس)**

راهوجا، باهوجا ۽ ڪنئريجا، اِهي ذاتين جا نالا آهن. ڪُتي هڪڙن جي، رهي ٻئي هنڌ، پونڪي ٽئين هنڌ.

**٦١.** **ريءَ پنهنجي ڳنئي، سير ٻري نه ٻاهر. (پهاڪو)**

سير: زور.

**٦٢.** **ري گهرئي، ماءُ به ٻار کي کاڌو کو نه ڏئي. (پهاڪو)**[132]

---

[131] پيٽيو: ٽوَڻ جو تڪرار سان، سڏ جنهن کي هوءِ، منجي اُتي جوءِ، وڃي تنهنکي وسري.
[132] پيٽيو: اڻ گهريو ماءُ به ٻار کي نه ڏارائي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

## ( ز )

١. **زالان ڏاوڻ، مردان ڪاوڻ. (چوڻي)**

زال کي جلد سنان ڪري ڪم ڪار کي لڳڻ گهرجي. مرد کي بہ جلدي ڪائي پنهنجي ڪرت لاءِ وڃڻ گهرجي.

٢. **زالان زالان، ملڪ ڪن تالان. (گفتار)**

٣. **زالن جو عقل: ڏائيءَ ڪڙيءَ ۾. (چوڻي)**

زالن کي ڪم عقل سڏڻ جو نمونو.

٤. **زالون جيئرن کي پٽين، مئن لاءِ پار ڪين! (چوڻي)**

٥. **زال جا پير لڌا، تہ مڙس جا پير گهر ۾ ڪتا. (پهاڪو)**

٦. **زال جو سنپرڻ: غريب جي شادي. (چوڻي)**

٧. **زال روئي مڙس ڪانسواءِ، زمين روئي برسات ڪانسواءِ. (پهاڪو)**

٨. **زال سونهين ڳهن سان، موري سونهين پنن سان. (پهاڪو)**

٩. **زالون زالن جو ڪاچ، پار پارن جو ڪاچ. (پهاڪو)**

زالن کي پنهنجي سنگت وڻندي آهي ۽ ٻارن کي پنهنجي.

١٠. **زبان چم جي، ڪنهن نہ ڪم جي. (چوڻي)**

١١. **زبان ذاڪر، دل شاڪر. (چوڻي)**

ذاڪر: ذڪر ڪندڙ، نصيحت ڪندڙ، چڱا ٻول ٻوليندڙ. شاڪر: شڪر ڪندڙ. ٢. انسان لاءِ بہ ڳالهيون سک حاصل ڪرڻ لاءِ تمام ضروري آهن. زبان پوتر رکي ۽ دل ۾ شڪر رکي.

١٢. **زبان سٺي، ڳوٺ سٺو. (پهاڪو)**

١٣. **زبان شيري، ملڪ جاگيري. (پهاڪو)**

١٤. **زبان کي ڪندو ڪونهي، جو ڇيجي يا روڪجي. (پهاڪو)**

١٥. **زبان نہ ڄاڻ نندڙي، آهي وِهه جي ڳنڍڙي. (چوڻي)** [133]

١٦. **زرِ بسِيار، تہ عشق نهه پهه. (پهاڪو)**

زر: ناڻو. بسيار: گهڻو. عشق: پيار. نهه پهه: جلد. [134]

١٧. **زن، زمين، زر: ٽينون قضيي کي گهر. (چوڻي)**

زن: زال. زر: ناڻو. ٢. استري، زمين ۽ ناڻو، اِهي ٽيئي ڳالهيون جهيڙي جا مکيہ ڪارڻ آهن.

١٨. **زور جي ميندي، ڪا نہ لڳندي. (پهاڪو)**

شاديءَ تي ميندي ترين ۽ پيرن کي لڳائي ويندي آهي. جڏهن ڌريون راضي هونديون تڏهن شادي ٿيندي ۽ ميندي لڳائي ويندي. ٢. زور جو سودو ڪو نہ ڪري سگهبو.

١٩. **زور مس ڪر تہ ڪل ئي مهمان. (گفتار)**

---

133 پيٽيو: جي نندڙي نہ ڄاڻ، آهي وهہ جي ڳنڍڙي.

134 پوريءَ طرح اها ڪهاوت هيئن آهي: زر بسيار تہ عشق نهه پهه، زر نيست تہ عشق پون پون.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ٿورو ڪنهن ڪي زور ڪر تہ ڪل (سپ) ئي مهمان ٿي اچي وارد ٿيندا.

---



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

## ( س )

١. **ساٽي جو ئي هجي، سو پلو. (چوڻي)**

٢. **ساڏن سان سنمڪ، پئنچن سان پورو، چورن سان اڌ پائيوار. (ورجيس)**

ڪيترا پاکنڊي ساڌن سنتن جي شيوا ۾ مشغول ٿين. پئنچات جي پئنچن سان به پورا ۽ وري جيڪي چور هجن تن سان به اَڌ پائيوار هجن.

٣. **ساڌو: ٻه آڱر واڌوُ. (چوڻي)**

٤. **ساري رات سورن ۾ جبل مفت مئو، صبح ٿي جو چائس هڪ ڪئو. (پهاڪو)**

٥. **ساريءَ هيٺ، پتر. (چوڻي)**

٦. **ساڳيا سِڱ سجاڻ، ڏاتو پنهنجي ڏاند جا. (گفتار)**

٧. **سالا ڪائن، ساليون ڪائن، ڏس ماريي جي ڪٽي، پينرون ڪائن، پائر ڪائن، پيئي ماريي تي چٽي. (چوڻي)**

٨. **سالا، شينهن ڪي به پيارا آهن. (چوڻي)**

٩. **سانڍ: يا تہ مينهن ۾، يا تہ ڪاسائيءَ وٽ. (پهاڪو)**

١٠. **سانن وڙهندي، ٻوڙن جوڪو. (پهاڪو)**

١١. **سانوڻ جي انڌي کي، ساوڪ ئي ساوڪ. (پهاڪو)**

١٢. **ساهُرا، آئرا، پاپرا ڪندا، اتندي ويهندي چپ چپ ڪندا. (چوڻي)**

١٣. **ساهري آهي جڳ سنئين، پيڪي آهي تن سنئين. (چوڻي)**

١٤. **سائڻ جو پيٽ سڙيو، ڪنهن نہ ڏٺو، پانهيءَ جو متو ڦاٽو، هر ڪنهن ڏٺو. (پهاڪو)**

١٥. **سائي کي سهي ڪو نہ، بکئي کي ڏئي ڪو نہ. (پهاڪو)** [135]

١٦. **سائي مان، سَوَ سُکَ. (پهاڪو)**

ڪو ماڻهو پر پريو آهي تہ انهيءَ مان ڪيترا سک تي سگهن ٿا.

١٧. **سائي وڻ تي، گهٽي ئي پکي. (پهاڪو)**

١٨. **سَبِرَ سان سينءَ، ڪبي ڪئن، چوندو جئن، ٿيندي تئن. (پهاڪو)**

سبر: طاقت وارو، ڏاڍو ماڻهو. ٢. ڏاڍي ماڻهوءَ سان ڪئن ڪبو جئن هو چوندو تئن ئي ٿيندو.

١٩. **سب ڏينهن ڊِڪيل، عيد ڏينهن اگهاڙو. (ورجيس)**

٢٠. **سياڻن کي ڪار، نياڻن کي وجهي هٿ ۾. (چوڻي)**

سياڻن کي ڪم ڪاريون، نياڻن کي هٿ ۾ وجهيون.

٢١. **سيان جون ڳالهيون، سيان سان. (چوڻي)**

اج جون ڳالهيون اَج ڪري خلاص ڪجن، سيان جو ڪم سياڻي ڪجي.

٢٢. **سياڻي جي پلاهَ ڪان، اَج جي پچَ چڱي. (پهاڪو)**

---

[135] پيٽيو: ڏکئي کي ڏئي ڪو نہ، سائي کي سهي ڪو نہ. (ورجيس)



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

پچ: پيچجي، رڀ.

٢٣. **سيڪا ڀڪري، پنهنجي پائي تنگبي.** (پهاڪو)

٢٤. **سيڪنهن ٻنڌيءَ ۾، پنهنجو دونهون.** (پهاڪو)

٢٥. **سيڪو پنهنجي هٽيءَ جو هوڪو ٿو ڏئي.** (پهاڪو)

٢٦. **سيڪو ڪم پرين، چم پرين ڪو ڪو نه.** (پهاڪو)

سيڪو ڪم ڪندڙن کي پيار ڪري ٿو، رڳو چمڙي سفيد ڏسي پيار ڪير ڪو نه ڪندو.

٢٧. **ستا سُور، نہ جاڳائجن.** (چوڻي)

٢٨. **سپتيو ماڻهو، پرائي مال ۾ پائيوار.** (چوڻي)

سپتيو (سچار) ماڻهو اڌاري سڌاري لاءِ ڪنهن وٽ ويندو تہ بنا دير ائين وني ايندو جو ڄڻ تہ اڳلي جي ملڪيت ۾ پائيوار آهي.

٢٩. **سپُ نہ ماري، سپ جو سراپ ماري.** (پهاڪو)

نانگ جو ڏپ، ماڻهن کي ماريندو آهي.

٣٠. **سپهو نہ وسهوُ، وسهوُ تہ مسهوُ.** (پهاڪو)

سپ: نانگ.[136]

٣١. **ست رچيءَ جو ٻہ، هڪ رچيءَ ۾ ڪم پوي ٿو.** (پهاڪو)[137]

٣٢. **ست ڪٺا ڪائي، ٻلي حج چڙهي.** (پهاڪو)[138]

٣٣. **سَتي اُها، جا لڪڙن چڙهي.** (چوڻي)

آڳاٽي زماني ۾ جنهن زال جو مرد مرندو هو تہ انهيءَ پنيان پاڻ بہ چکيا تي چڙهندي هئي، جنهن کي "ستي" ڪري سڏيو ويندو هو. هينئر اِهو رواج قاعدي جي زور تي بند ڪيو ويو آهي.[139]

٣٤. **سُتي ٻلي، ڪوئا ڪئن ماريندي؟** (پهاڪو)

ستي: ستل، سمهيل. ستل ٻلي، ڪٺا ڪين ماريندي.

٣٥. **سَتي تي سيڏائي، لنڊي تي ڪائي.** (پهاڪو)

اشراف ماڻهو مانيءَ لاءِ پيا ٻاڪارين پر نالائقن لاءِ ڏءُ آهي.

٣٦. **سُتي شينهن کي بہ، آڱر نہ ڏجي.** (پهاڪو)

٣٧. **ستي لڪڙن تان موٽي، تہ ڪتن هاب ٿئي.** (پهاڪو)

اڳي رواج هو تہ جنهن زال جو پتي مري ويندو هو تہ انهيءَ سان گڏ چکيا تي چڙهندي هئي پر جيڪڏهن ڪا زال چڙهڻ کان سواءِ موٽي اچي تہ ساٿس وڏي جٺ ڪن. پيٽيو: ستي اها جا لڪڙن تي چڙهي.

٣٨. **سُتي، مک بہ نہ جاڳائجي.** (پهاڪو)

---

136 نانگ تي اعتبار نہ ڪجي. پروسو ڪبس تہ وڙهندو.

137 ست رچي: جن وٽ ايترو هجي جو گهٽ باسڻ ۾ پائي پوءِ ڪائين، يعني سرنديءَ وارا. هڪ رچي: جن کي هڪ ٿانءَ ۾ وجهي ڪائڻ جيترو ميسر هجي، يعني مسڪيني حال.

138 پيٽيو: ٻلي ست ڪٺا ڪائي، حج چڙهي.

139 پيٽيو: ستي لڪڙن تان موٽي، تہ ڪتن هاب ٿئي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

٣٩. **ستين لنگهٽين، ڪتو به حلال. (پهاڪو)**

ستن لنگهڻن (بکن) ڪيڻ ڪان پوءِ سڀ حلال.

٤٠. **سَٿَ ڪِنو نه ٿجي. (پهاڪو)**

رکي رکي سٿ (ڪنو ڪري) ڪنو نه ڪجي.

٤١. **سٿ نه موڙهو، ڪپاهه موڙهي! (ورجيس)**

سٿ ڪو نه موڙهو (منجهيو) آهي پر ڪپاهه منجهي آهي. ابتو ليکو. هميشه سٿ منجهندو آهي ۽ نه ڪپاهه.

٤٢. **سچ ايڪ، پچاوين ڏون، پيءُ دا بخت، نه پٽان نون. (پهاڪو)**

سچ هڪڙو پاچا گهٽيئي، پيءُ جو بخت پٽ کي ڪو نه ملندو.

٤٣. **سچ، ٻه پاچا. (پهاڪو)**

٤٤. **سچ، ترڻيءُ هيٺان ڪو نه لڪندو. (پهاڪو)**

٤٥. **سچ لٿي ڪان پوءِ، اُوير ڪانهي، ڦُرئي ڪان پوءِ، ڊپ ڪونهي. (پهاڪو)**

٤٦. **سچا پني پيهن، روئي رڏين، خارن مان ڪائن. (پهاڪو)**

غريبيءُ جو ذڪر.

٤٧. **سچا عاشق، پيٽيو دي اچار. (پهاڪو)**

پيٽو: وئيشائن تي پاڙيندڙ.

٤٨. **سچا هليا سچ تي: نه دان تي، نه پچ تي. (پهاڪو)**

٤٩. **سچن اَباڻن، ڏوڙ مرڪن ڏيئرون. (پهاڪو)**

٥٠. **سچو، سائينءُ ڪان به ڏاڍو. (پهاڪو)**

٥١. **سچي اَبي جائي، پيٽ ڪٽيندي آئي. (پهاڪو)**

٥٢. **سچي کي سيٽ گهٽي. (پهاڪو)**

٥٣. **سچن پيٽان ويڍا، ويڍن پيٽان سچا. (چوڻي)**

سچن (سنن ماڻهن) جي پيٽان (پيٽ مان) ويڍا (ڪپيل، نالائق، ٻاهر نڪتل) جميو پون. وري نالائق ماڻهن جي پيٽ مان، سنا ماڻهو جميو پون.

٥٤. **سچڻ سچي ٻانهن ڏئي، ته سچي گيهڻ نه گهرجي. (پهاڪو)**

٥٥. **سچڻ هجن ساڻ، ته جهنگ ۾ سوني ڪاڻ. (پهاڪو)**

٥٦. **سچڻ هئڻ سنوان، مر ڏيهه ڏنگايون ڪن. (پهاڪو)**

سچڻ سنا هجن پل ته شهر سچو پيو ڏنگايون ڪري.

٥٧. **سچو سونو، پر پچ پتل جو! (ورجيس)**

٥٨. **سچ ته بيٺو نچ، ڪارو منهن آهي ڪوڙ، سچن سچ ملندو، ڪوڙن پوندي ڌوڙ. (چوڻي)**

٥٩. **سچ جني جو سيگ، تير نه گسي تن جو. (پهاڪو)**



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

سيڱ: ڪمان.

٦٠. **سچ جي ٻيڙي لڏي، پر ڪڏھن ٻه نه ٻڏي. (پھاڪو)**

٦١. **سچ سير، ڪاري ٻڪري، اڇو کير. (پھاڪو)**

ڪاري ٻڪريءَ مان سچو کير ٿو نڪري.

٦٢. **سچ مرچان، ڪوڙ ڳڙ، پير پئسا، جوءِ گر، جيوين آڪي، تيوين ٽر، روز بولي نئون سر. (پھاڪو)**

گر: مرشد، ٽر: ھل. وتائي فقير جي چوڻي.

٦٣. **سچن ساٽي، ڪوڙن گھاٽي. (پھاڪو)**

٦٤. **سچي جو ٻيڙو: ستڙ. (پھاڪو)**

ستڙ: س-تڙ، سٺو تڙ

٦٥. **سچيءَ دل تي، صاحب راضي. (چوڻي)**

٦٦. **سخيءَ ڪان شوم ڀلو/چڱو، جو ترت ڏئي جواب. (پھاڪو)**

٦٧. **سِڌِ تي ٻُڌِ: (ورجيس)**

حالتن پٽ-اندر جيئن سٺو سمجھبو تئن ڪبو.

٦٨. **سڏ وڏا، ھڏ پورا. (ورجيس)**

٦٩. **سراءِ جو ڪتو، جتي آيو اُتي ڪتو. (پھاڪو)**

مسافرخاني جو ڪتو، جتي ايندو اُتي ئي جمي ويندو. [140]

٧٠. **سِرُ ڏجي، پر سُرُ نه ڏجي. (پھاڪو)**

پنھنجي ڳچي ڏجي پر سُر يعني پنھنجي اندر جو راز ڪنھن کي نه ڏجي.

٧١. **سِرُ سِرُ رزق، سانباھي ناڪر. (چوڻي)**

٧٢. **سِر سِر روزي، سِر سِر پاڳ. (پھاڪو)**

٧٣. **سِرُ سِرُ ڪلا. (پھاڪو)**

ڪلا: ھنر.

٧٤. **سر سلامت، ته پڳ پاڻيھي پوندي. (پھاڪو)**

٧٥. **سر صدقو لڄ تان، مال صدقو سر تان. (چوڻي)**

٧٦. **سِرَ ڪاري، ھَٿَ ٻھاري. (ورجيس)**

سر: مٿو. ڪاري: ٺوڪري. ٢. مٿي تي ٺوڪري ھٿ ۾ ٻھاري. اَڻ پڙھيل کي ٺوڪ.

٧٧. **سر منڊل جي ساز مان، سانڊو ڇا سمجھي؟ (پھاڪو)**

٧٨. **سرمو ته پاتائين، پر پائي نه ڄاتائين. (ورجيس)**

ڪنھن نڳي ڪئي يعني ڪنھن کي سرمو پاتائين پر نڳي پڪڙجي پيئي، تنھن تي ٿو مٿيون پھاڪو ڪتب

---

[140] پيٽيو: ڇاڪيءَ جو ڏاند. ڪاسائيءَ جو ڪتو. جاتي آيو، اتي ٻيٺو.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

اَچي.

٧٩. **سرمو سيڪو پائي، پر اک اک جو ڦير. (پهاڪو)**

هر ڪو پيو سرمو پائي پر ڪنهن ڪنهن شڪل واري کي وڻيڪ سونهي.

٨٠. **سرنديءَ کان ٽالو، ورلو ڪو ڳر مڪ ڪري. (پهاڪو)**

٨١. **سَڙي به ٿو، ٽپي به ٿو! (ورجيس)**

٨٢. **سڙي سڙي، ڪُنجهڻ لهي. (پهاڪو)**

جنهن جو اندر پيو جلندو سو ڪنهن وقت به اکر واتان ڪيندو.

٨٣. **سڙيل گهوڙي، ۽ پٽيل ماڻهوءَ مان: ڪين ٿئي. (چوڻي)**

گهوڙو جيڪو سڙيو پيو هوندو ۽ ساڳيءَ طرح پٽيل ماڻهو جنهن کي سڄو شهر پٽيندو ۽ پاراتا ڏيندو هجي، تنهن مان ڪجهه ڪو نه ورندو.

٨٤. **سستي ۽ پاڳ، هڪ ٻئي کان پري. (چوڻي)**

٨٥. **سس جا سوَ ڏينهن، ته ننهن جو به هڪ ڏينهن. (پهاڪو)**

٨٦. **سسيءَ کان اڳ، ڏڙ پيو ٻولي. (ورجيس)**

٨٧. **سُڪ تور کان، ٻڏ تور چڱو. (پهاڪو)**

٨٨. **سِڪ کي پنڌ آهي ئي ڪو نه. (پهاڪو)**

٨٩. **سُڪل گهوڙو، سيٽيل سوار: اڻ پڇيو هوندو، سيّد جو يار. (پهاڪو)**

٩٠. **سڪلن/ سڪن گڏ، آلا به ٻرن. (پهاڪو)**

٩١. **سڪن سان گڏ، ساوا به سڙن. (پهاڪو)**

٩٢. **سڪڻيءَ رڏيو ساڳُ، چي: رڪان ڪين چڱان. (پهاڪو)**

٩٣. **سکو ٽکر ساءَ جو، چڱو ۽ چوکو، لعنت اُنهيءَ لپيءَ کي، جنهن ۾ جيءَ جو جوکو. (پهاڪو)**

٩٤. **سکو ڪاٺ: نه پاسا پيچي. (پهاڪو)**

سکل ڪاٺ تي کهڙو نه پاسو ورائبو ته پاسا پچندو.

٩٥. **سکي سکي مڙس ڪيائين، ٻي جا ٻڏائين سڳي، اڳي ڪاڏائين لوڙهه مچي، هاڻي لڏڻ لڳي. (پهاڪو)**

٩٦. **سکي سکي منگهن چائو، تنهن ۾ به اڌ پرائو. (پهاڪو)** [141]

٩٧. **سڪڻ دلاسن جي، ڪهڙي ٻڪ؟ (پهاڪو)**

٩٨. **سکڻي دعا، پٽ برابر. (پهاڪو)**

٩٩. **سکڻي دعا، دل سان نه لڳي. (پهاڪو)**

١٠٠. **سکڻي ڪني، گهڻو ايامي. (پهاڪو)**

١٠١. **سگ ۾ ساڙو، رت ۾ باهه. (پهاڪو)**

---

[141] پيٽيو: پني، پني منگل چائو، تنهن ۾ به اڌ پرائو. (پهاڪو)



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

سڳ: مٽ مائٽ. ٢. پنهنجن ويجهن عزيزن سان ساڻ پڇ.

١٠٢. **سڳا سي ئي سيڻ، جنين پڪا اوڏڙا. (پهاڪو)**

جن جا گهر ويجهو آهن سي ئي سڳا مائٽ ۽ دوست آهن.

١٠٣. **سلو سو، جو انگورين پلو. (پهاڪو)**

سلو (ٻج) سو سنو، جنهن جو ڦل سنو.

١٠٤. **سَنتُ سَنتُ سيڪو ڪهي، سنت سمندان پار، انل پکي ڪو هڪڙو، ٻيا پکن ڪوٽ هزار. (پهاڪو)**

انل: آسمان ۾ رهندڙ پکي جو ورلي ڏسڻ ۾ ايندو آهي.

١٠٥. **سَنَتَ ڪائي، سونهن سِڪي. (پهاڪو)**

١٠٦. **سنجهو، ڏنجهو: (چوڻي)**

سانجهيءَ جو وقت ڏکيو آهي. ڪم ڪار لاءِ صبوح جو وقت سنو آهي.

١٠٧. **سندرو ثابت، منزل آسان. (پهاڪو)**

سندرو: چيلهه کي ڪپڙو ٻڌو ويندو آهي. چيلهه تي سندرو سالم هوندو ته منزل (مقصد) تي به پهچڻ سولو آهي.

١٠٨. **سنڌ سنئين، وَڻ ڏنگا، ماڻهو منجهس خام، جيڪو ڪٽي موچڙو، تنهن کي ڪن سلام. (چوڻي)**

خام: خاميءَ سان ڀريل، اڻاين سان. ٢. سنڌ سني، وڻ ڏنگا، ماڻهو اوڻاين وارا، جيڪو ڪين موچڙو هڻي، تنهن کي سلام ڪن.

١٠٩. **سنڌ ۾ پڇي به ڪو نه، ڪڇ ۾ ڪنور ٻائي! (پهاڪو)**

پنهنجي شهر ۾ ڪير ليکي به ڪو نه، پر ٻاهر نمونو ئي ٻيو.

١١٠. **سنگ تاري، ڪسنگ ٻوڙي. (پهاڪو)**

ڪ-سنگ: خراب سنگت.

١١١. **سَنُ ڳولهي، سَنَ کي. (پهاڪو)**

هر ڪو پنهنجو ساٿي ڳولهي لهي.

١١٢. **سنئون چوي، سو سُور پرائي، ڪيڏ ڪري، سو ڪٽي ڪائي. (پهاڪو)**

١١٣. **سٽيي منهن تي، مکيون مڙن. (پهاڪو)**

١١٤. **سُڻ واڇان جا پار، جا نوڙي ڪٽي چيٽن کي هلي، چي: "ٻجهو ته ٻجهو، نه ته مور نه ٻجهو." (پهاڪو)**

واڇان (چري) نوڙي ڪٽي، چيٽن کي ٻڌڻ لاءِ هلي. چيائين ته: ٻڌجي سگهيا ٻڌبا جي نه ته ڪڏهن ڪو نه ٻڌجي سگهبا.

١١٥. **سوال ڪان صرفو، چڱو. (چوڻي)**

ڪنهن کان هٿ ڊگهيڙي سوال ڪرڻ کان صرفو ڪري پنهنجيءَ مان پنهنجي ڪرڻ گهرجي.

١١٦. **سوال، ويچارو آهي. (چوڻي)**

١١٧. **سَو تير، هڪ جوڳيرُ. (پهاڪو)**



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

سوَ تير هڻبا، ڳيرو فقط هڪ ملندو.[142]

۱۱۸. **سَوَ پڻان، هڪ ڳپان، تنهن پر به لڪان. (پهاڪو)**

۱۱۹. **سو چور ئي نه آهي، جو پنهنجو جوڻيت نه سڃاڻي. (پهاڪو)**

جوڻيت: جيڪو چورن بابت خبرون پهچائي. ۲. اهو چور کهڙو جو پنهنجا دشمن نه سڃاڻي؟

۱۲۰. **سورائٽڻ سور، اڻ سورائت سان اوريو، هن جو پنجهر نه پريو، هوءِ وجي پئي وهلور، پرايائين پور، اڳي ڪان به اڳرو. (پهاڪو)**

۱۲۱. **سورهن سالن تائين پٽ، پوءِ دوست. (چوڻي)**

۱۲۲. **سوڙ سارو، پير ڊگهيڙجي. (پهاڪو)**

جيڏي سوڙ هجي پير به اوڏا ڊگهيڙڻ گهرجن. وڌيڪ ڊگهيڙبا ته پيرن کي ٿڌ لڳندي ۽ نقصان ئي رسندو.

۱۲۳. **سوڙهي سياندريءَ، وهنوار نه ڪجي. (پهاڪو)**

سوڙهي سياندري يعني ويجهي مائٽي يا دوستيءَ ۾ پئسي جي ڏيتي ليتي ۽ پائيواري نه ڪجي.

۱۲۴. **سوڙهيءَ جتيءَ کان پير اگهاڙا چڱا، جهيڙي واري گهر کان پرديس جا ڌاڪڙا چڱا. (پهاڪو)**

۱۲۵. **سَوَ سنات، پارهن ذات. (ورجيس)**

سنات: واپار ڪندڙ. ۲. سوَ واپار ڪندڙ هوندا ته منجهن ٻارنهن ذاتيون هونديون.

۱۲۶. **سَوَ سَوَ ڪوهين، پوليءَ وَرُ. (پهاڪو)**

۱۲۷. **سَوَ ڪري سينگار، ته به ڪودڙيءَ پٽ ڪودڙو. (پهاڪو)**

ڪودڙو: گڏهه.

۱۲۸. **سوکهڙي کان، وري به ٻوڏ چڱي. (چوڻي)**[143]

۱۲۹. **سومر گهٽو ئي چڱو، پر پنيانئس اڱارو. (پهاڪو)**

۱۳۰. **سونارو، پنهنجي جوءِ جي نٿ مان به نه ٽري. (چوڻي)**

۱۳۱. **سوناري جا سؤ ڌڪَ، لوهر جو هڪڙو ڌڪ. (پهاڪو)**

۱۳۲. **سونٽي هجي ساڻ، ته گڏهه گوهي نه ڏئي. (پهاڪو)**

۱۳۳. **سون پرکجي ڪسوٽيءَ، رُپو پرکجي باهه، ماڻهو پرکجي تڏهن، جڏهن به اکر ڳالهاءِ. (پهاڪو)**

۱۳۴. **سون جي رتيءَ کان، رت جي رتي چڱي. (پهاڪو)**

ٿوري سون جي گهر ۾ هئڻ کان چوپايو مال هئڻ چڱو آهي، جنهن مان هميشه پيئي واڌ ٿيندي.

۱۳۵. **سون، سَوَ ورهين به سوايو. (پهاڪو)**

۱۳۶. **سون کان، گهڙائي مهانگي! (پهاڪو)**

۱۳۷. **سون کي، ڪَسُ نه لاهجي. (پهاڪو)**

۱۳۸. **سون کي، کهڙي ڪس؟ (پهاڪو)**

---

[142] جوڳير: اندر جي هڪ بيماري آهي. ماڻهو سو تير مان ڇٽي يا انهن جو عذاب برداشت ڪري وجي، پر جوڳير جي هڪ بيماري ڪيس نهوڙي وجهي.
[143] پيٽيو: سُڪ تور ڪان، ٻڏ تور چڱو.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

١٣٩. **سونو ڪٺورو هٿ ۾! (ورجيس)**

عادتي پنندڙ، جو هميشه هٿ پيو ڏگهيڙيندو آهي.

١٤٠. **سوني پانهن، هٿ ۾ ڪجي. (پهاڪو)**

قرض ڏيڻ وقت، پڪي بندوبست سان ڪم ڪجي.

١٤١. **سوني ماڻ سان، مئي نه ڏجي. (چوڻي)**

قرض نه موٽائي، الي نه وڃڻ گهرجي.

١٤٢. **سوين سنت چون، ته به پوڙا پڌن ڪين ڪي. (پهاڪو)**

١٤٣. **سهڻا ٿوهه، به پٽن ۾ پيا آهن. (پهاڪو)**

ٿوهه: جيڪو گدري ڪان سهڻو ڏسڻ ۾ ايندو آهي پر ڪائڻ ۾ تمام ڪڙو.

١٤٤. **سهڻا نيڻ مليا مرگهه کي، جو بن ۾ ڦري آهاري! (پهاڪو)**

١٤٥. **سهڻي انسان جي آڱر، منديءَ بنا سونهي. (پهاڪو)**

١٤٦. **سهڻيءَ کي وانجهه رکيائين، ڪاري پارن واري. (چوڻي)**

وانجهه: سنڍ (زال) جنهن کي ٻار ڪو نه ٿئي.

١٤٧. **سهي ٽنگون ٽي، چوٿين نهي ئي ڪا نه! (پهاڪو)**

١٤٨. **سي اَدائي، سي ساڍا ٻه. (چوڻي)**

ادائي به ساڳي ڳالهه، ساڍا ٻه به ساڳي ڳالهه.[144]

١٤٩. **سياري ۾ سي ئي چڱا جن کي ڪي آهه، اونهاري ۾ به سي ئي چڱا، جن کي ڪي آهه. (طبي، پهاڪو)**

آهه: ڌن دولت وغيره هئڻ.

١٥٠. **سياري ۾ سي ئي چڱا، جن گهٽي باهه، اونهاري ۾ به سي ئي چڱا، جن گهٽي چاهه. (طبي، پهاڪو)**

سياري ۾ اهي ئي سکي آهن، جتي گهٽي اس آهي. اونهاري ۾ وري جن وٽ چانوَ آهي.

١٥١. **سياري جو سج، ڪڻ پاءِ ۾ وڃي. (پهاڪو)**

ڪڻ پائڻ ۾ ئي سياري جو سج هٿن مان ڪسڪيو وڃي.

١٥٢. **سياري جي سوڙ، سيڪو پاڻ ڏانهن سيري. (پهاڪو)**

١٥٣. **سياري کان پوءِ، اگر وڪٽندڙ جو منهن ڪارو. (پهاڪو)**

مند خلاص ٿيڻ ڪانپوءِ، واپاريءَ کي ماٺ ڪري ويهڻو آهي.

١٥٤. **سياڻا ويا لڏي، پنيان چريا چڏي. (پهاڪو)**

١٥٥. **سياڻي اڳيان رئڻ، اکين جو زيان. (پهاڪو)**

سياڻو ماڻهو ٿوري ۾ ئي ڳالهه سمجهي ويندو آهي، انهيءَ جي اڳيان رئڻ، اکين کي نقصان رسائڻو آهي. انڌي آڏو روئڻ، اکين جو زيان. (ابتو)

[144] پيٽيو: جهڙا ادائي تهڙا ساڍا ٻه. يا پيٽيو: ڏيڍ ادائي، ساڍا ٻه.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

١٥٦. **سيج ڪيائون سُرهي، مُٺا مگٺهار. (ورجيس)**

شادين مرادين تي دهلاري دهل وڄائي ڪارج تہ راس ڪن، پوءِ وري سندن لاڳ تي ڪٺ پٽ شروع ٿئي.

١٥٧. **سير مٽان، سوا سير. (پهاڪو)**

ٻلي تي ٻلي آهي. هڪ ٻئي جي مٿان آهن.

١٥٨. **سيرو ڪاڏو، پاتل ڦاٽي. (پهاڪو)** [145]

١٥٩. **سيلهن ۾ جي هٿ وجهندا، سي سور هڏهين سهندا. (پهاڪو)**

١٦٠. **سيڻ ڏسي، ٺرن نيڻ. (چوڻي)**

سهڻي شڪل ڏسي ٺري، نڳن وس وجي چڙهي.

١٦١. **سيٽپو، ويٽپو، ويرپو. (چوڻي)**

١٦٢. **سيٽن ڏنو: سانوڻ جو مينهن. (پهاڪو)** [146]

---

[145] پاتل، ان پن يا پني کي چئبو آهي، جنهن منجهہ دڪاندار، سيرو يا ڪا ٻي ڪاڏي جي شيءِ پائي ڏئي. ڪاڻ ڪان پوءِ اها ڊسپوزايبل پاتل، اجلي ڇڏبي آهي.

[146] سانوڻ جو مينهن، هڪ هنڌ پوي تہ ٻئي هنڌ نہ پوي. يعني غير جٽادار. سيٽن وٽان بہ هڪڙن کي ملي تہ ٻين کي نہ ملي. انهن وٽ بہ بيقراري ظاهر ڪيائين.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

## ( ش )

**١. شاديءَ کان وڏي، نيڪٽي. (پهاڪو)**

نيڪٽي: شاديءَ کان پوءِ مائٽن جي آوت جاوت.

**٢. شاڪرَ کي شُڪُرُ، موذيءَ کي ٽڪر. (چوڻي)**

**٣. شام جو پليل، صبوح جو گهر آيو سو ڀہ نہ ڀليو. (پهاڪو)**

**٤. شاهدي ڏجي حق جي پاران، لٺ هڻجي پاءَ جي پاران. (چوڻي)** [147]

**٥. شاهوڪار جڏهن چاهي تڏهن ڪائي، غريب کي جڏهن ملي تڏهن ڪائي. (چوڻي)**

**٦. شاهوڪار جو سالو سيڪو سڏائي، غريب جو پيٽيويو ڀہ ڪو ڪو نہ سڏائي. (چوڻي)**

**٧. شاهوڪار جي جوءِ مري يا جاءِ ڪري، ٻئي نيون ملنديس. (پهاڪو)**

**٨. شاهوڪار ڪارائي شاهوڪار کي، غريب ڪارائي شاهوڪار کي. (پهاڪو)**

**٩. شاهوڪار کي ڪرسيءَ تي ڀہ گدي ملي. (پهاڪو)**

**١٠. شاهوڪارن جا سو سلامي، گهڙي گهڙي ڪن غلامي! (چوڻي)**

**١١. شبد مهل ستا، پچن مهل پڳا، پرشاد مهل ائين آيا، جيئن قلندر جا ڪتا. (ورجيس)** [148]

**١٢. شراڪت جي ديڳ، ڏٽي تپائي. (چوڻي)**

شراڪت: ڀائيواري.

**١٣. شرع، ظاهر تي آهي. (چوڻي)**

جيڪي ظاهر ٿيندو، انهيءَ پرماڻ انصاف ٿيندو. [149]

**١٤. شرع هٿ وڍائي، تہ وڍيا وڃن. (چوڻي)**

شرع: انصاف. [150]

**١٥. شَرَع ۾ ڪهڙو شرم؟ (چوڻي)**

شرع ڪرڻ ۾ ڪهڙو شرم آهي. [151]

**١٦. شرم سنو ڪپڙو، همٿ وڏو هٿيار، ٻي مانو سو چئجي، جو هجي پنهنجن کان ڏار. (چوڻي)**

**١٧. شرم ويو شڪارپور، لڄ ويئي لاڙڪاڻي. (گفتار)**

**١٨. شريڪت ۾ مريڪت چو ڪجي؟ (چوڻي)**

شريڪت: ڀائيواري.

**١٩. شڪارپوري، نيت بري. (چوڻي)**

---

[147] پيٽيو: ڏکو ڪٽجي پاءُ لڳ، شاهدي ڏجي الله لڳ.

[148] پيٽيو: گهوٽڻ مهل غرق ٿيا، چاٽڻ مهل چتا، پيئڻ مهل ائين آيا، جيئن گو سائين جا ڪتا. (ورجيس)

[149] شرعي احڪام، ظاهري عملن تي صادر ٿيندا آهن. جڏهن تہ عملن جو دارومدار نيت تي آهي.

[150] شرعي احڪام تي عمل ڪندي اگر ظاهري ڪو نقصان پوي تہ ان ۾ ڪا قباحت ناهي. ان جي برعڪس اگر شريعت کان هٽي ڪيل ڪم تي اگر ڪو فائدو پوي تہ اهو ڪو فائدو ناهي.

[151] شرعي احڪامن تي ظاهري يا لڪي عمل ڪندي ڪا خرابي يا شرمساري نہ ٿيندي آهي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

شڪارپوري: واپاري.[152]

۲۰. **شڪر ڪر صحيح، ته تو ٿي سان توهَ ٿئي. (چوٽي)**

نيڪ نموني ايشور جو شڪر ڪر ته تو تي توهه يعني ڏٽيءَ جو رحم ٿئي.

۲۱. **شوررو حلال، پوٽيون مردار. (ورجيس)**

۲۲. **شيخ جلال، ڪتو ٻلو حلال. (چوٽي)**

شيخ صاحب يا وڏو ماڻهو ته ڪتو ٻلو به حلال ڪري ويندو.[153]

۲۳. **شير شاهه جو شڪرو، گهر جا ڪڪڙ ماري. (پهاڪو)**

شڪرو: باز.

۲۴. **شينهن ۽ مواليءَ جو منهن، هميشه ڏوتل هجي. (چوٽي)**

۲۵. **شينهن اڳيان لڪڙي اُچلڻ سولي، پر وري ڪٽڻ اولي. (پهاڪو)**

۲٦. **شينهن نه ڏيکيا ته ڏيک ٻلاڙا، چور نه ڏيکيا ته ڏيک سونارا. (چوٽي)**

---

[152] پورن لفظن ۾ مروج ڪهاوت هيئن چئي ويندي آهي: شڪارپوري، نيت بري، ٻولين ٻاجهه، ڏين ٻُري.

[153] اها ڪهاوت مقرر روپ ۾ هيئن چئي ويندي آحي: ’ملا جلال، ڪتو ٻلو حلال.‘ مدرسن ۾ پڙهندڙ شاگردن ڪي آخري سالن ۾ منطق جو ڪتاب، ’ملا جلال‘ پڙهايو ويندو آهي، جنهن ۾ گهڻيون منطقي ڳالهيون ۽ دليل سيکاريا ويندا آهن. انهن ۾ ايستائين پڙ ٿي ويندا آهن جو منطق ۽ دلائل جي زور تي ڪتي ٻلي ڪي يا ڪانءَ وغيره ڪي به وقتي حلال ڪري ويندا آهن.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

## ( ص )

۱. **صافو رکيو آهي ڪلهي تي، چي: صافو ڙي صافو! (ورجيس)**

صافو: پنگ چاڻڻ لاءِ ڪپڙو. [154]

۲. **صبوح ويئي، سانجهي آئي، اَدي ڀائي، مون ڪا ويرم لائي. (گفتار)**

ڪا زال صبوح جو وڃي ۽ سانجهيءَ جو موٽي اَچي گهر ۾ پيٽ کي ٻڌائي ته مون ڪا دير ڪئي؟

۳. **صَدَرُ جتي ٻه وهي اُتي صدر آهي. (پهاڪو)**

صدر: مکي، چوڌري، سريتي.

۴. **صرفو ڪرين، پٽ هنداءِ. (پهاڪو)**

ڪفايت ڪرڻ چاهين ته ريشم پاءِ. چاڪاڻ ته ريشم جهالائو ٿيندو آهي. هلڪي شيءِ ونڻ سان گهٽو وقت ڪا نه جٽاءُ ڪندي آهي.

۵. **صفا راند، سوٽي جي. (پهاڪو)**

سوٽيون (هٿيار) ڪٽي ڳالهه نبيرڻ: آهي صفا راند. [155]

٦. **صلاحين شينهن پجهن، ڪم ڪرهين نه ٿئي. (پهاڪو)**

صلاحون ڪري مٺ محبت ۾ شينهن جهڙو جانور به پنهنجي وس ۾ ٻڌي سگهجي ٿو پر ڪرهه يعني جهيڙو ڪرڻ سان ڪو به ڪم ڪو نه ٿئي.

---

[154] پيٽيو: چوڪرو ڪڇ ۾، ڊنيورو شهر ۾.

[155] پوري ڪهاوت هيئن آهي: سڌي راند سوٽي جي، ٻيڙي ٻڌي ڪوٽي جي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

## ( ض )

١. **ضامنگيري؛ تاوڻ گيري. (چوڻي)**

تاوَڻ: نقصان. ٢. ضامن ڪنهنجو پوڻ آهي، نقصان سهڻ.

٢. **ضرور، ڪم شيطان جو. (چوڻي)**

شيطان ئي چئي سگهندو تہ مان اِهو ڪم ضرور ڪندس.

---

## ( ظ )

١. **ظلم قائم آهي پر نہ ظالم. (چوڻي)**

ظلم ڪندڙ ٿورو وقت جيئرو رهي مري ويندو، پر سندس ڪيل ظلم قائم رهندو.

---



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

## ( ع )

١.	**عادت نہ مٽي عادتي، علت مور نہ جاءِ، اُٺ پوي ڪٽڪ ۾، تہ بہ ڪنڌا چڻ چڻ کاءِ. (چوڻي)**

٢.	**عشق: انڌو آهي. (چوڻي)**

هڪ وار ڪير پيار ۾ ڦاٿو تہ انڌو ٿي وڃي. سندس اکيون پورجيو وڃن. ڪيس چڱائي ۽ مدائيءَ جي خبر ڪا نہ پوي.

٣.	**عشق: نہ ڏسي ذات، نہ ڪذات. (چوڻي)**

ڪذات: ڪني ذات.

٤.	**عشق نہ شُد، چٽي شد. (گفتار)**

عشق (پيار) خراب ڪونهي، پر پيار جي جيڪا چٽي يعني سزا سا خراب آهي.

٥.	**عشق ۽ ڪستوري، لڪڻ جا ڪونهن. (چوڻي)**

٦.	**عقل آهيرن جو، ڏريون ئي ويو: مڱائن هڪڙو، پرٽائن پيو. (چوڻي)**

آهيرن: جهنگلي جٽ. ڏريون: ڏر ڪان، منڍ ڪان.

٧.	**عقل بنان آدمي، پسونءَ سمان. (چوڻي)**

٨.	**عقل ٺهي ڪو نہ، چڪي ڪري ڪياڙي رکائي آهي. (ورجيس)**

٩.	**عقل ريءَ عذاب، گهٽا پسندينءَ جندڙي. (چوڻي)**

اي جند! بنا عقل جي گهٽيئي تڪليفون ڏسندينءَ.

١٠.	**عقل، ڪنهن جي ميراث ڪانهي. (چوڻي)**

١١.	**عقل، ڪائي غم. (چوڻي)**

١٢.	**علت وڃي، عادت نہ وڃي. (چوڻي)**

١٣.	**عمر جي آشنائي، سَوَ ورهہ جي ساڃاهہ. (چوڻي)**

آشنائي: دوستي، واقفيت.

١٤.	**عمر وٺي وٺي مارئي وٺندو، ٿر تہ ڪين ٿيلهيندو. (پهاڪو)**

١٥.	**عيد ڪان پوءِ، چنڊ مبارڪ ڪهڙي ڪم؟ (پهاڪو)**

١٦.	**عيسيٰ نہ موسيٰ، وڏا پير پئسا. (چوڻي)**

---



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

( غ )

١. **غريب جو پيٽيو کو نہ، شاھوڪارن جا سالا ڪوڙ. (چوڻي)** [156]

٢. **غريب جي جوءِ، جڳ جي ڀاڄائي. (چوڻي)**

٣. **غريب جي قرض جو، وڏو ڪڙڪو. (چوڻي)**

٤. **غريب چوي مان ڇا ڪاوان؟ شاهوڪار چوي مان ڇا سان ڪاوان؟ (چوڻي)**

غريب ويچارو هميشہ منجهيل آهي تہ ڇا ڪاوان پر شاهوڪار کي ڪاڏو تہ موجود آهي پر رڳو منجهي ٿو تہ کهڙو ڪائي کهڙو ڪاوان. يعني گهٽيون گڏي ڪاوان. ڪيڏو نہ تفاوت.

۵. **غريبي؛ سڀ جي ڀيڻي. (چوڻي)**

---

[156] پيٽيو: شاهوڪار جو سالو سڀڪو سڏائي، غريب جو پيٽيو بہ ڪو ڪو نہ سڏائي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

## ( ق )

**۱. قاٽڙي نہ سبي جا، سا راجا جي نہ راٽي. (پهاڪو)**

راجا جي راٽي ڪيئن تي سگهندي، جا قاتل ڪپڙو نہ سبي سگهي!

**۲. قاڙڻ سترو، ٽوپو ڏيڻ ڏکيو. (پهاڪو)**

**۳. قاڙهو جتي ڪائي، تاتي اوجهہ ڏئي. (پهاڪو)**

قاڙهو: هرڻ. اوجهہ: اُڳاري.[157]

**۴. قاسڻ ڪان پوءِ، قتڪڻ ڪهڙو؟ (چوڻي)**

**۵. قتل گدرو، پترن نمت. (پهاڪو)**[158]

**٦. قٽ بجو ڪج، پر گيهہ ذرو ڏج. (ورجيس)**

**۷. قٽ تنهنجي جيئڻ ڪي، جو رکي پرائي آس. (چوڻي)**

**۸. قرجي آءُ، تہ ڳڌجي هلون! (گفتار)**

**۹. قر ڪان اڳ، چَرَ ڪيڻ! (ورجيس)**

قر: ننڍڙو چاول جانور. چر: اور.

**۱۰. قرندي گهرندي نامردان دي، مردان دي هڪ. (چوڻي)**[159]

**۱۱. قريا، سي قريا. (چوڻي)**

**۱۲. قڙيءَ قڙيءَ تلاءُ. (پهاڪو)**

**۱۳. ققڙ نہ گوشت، عامل نہ دوست. (چوڻي)**

**۱۴. قڳڻ قوسارو: راتيان سيارو، ڏيهان اونهارو. (چوڻي)**

**۱۵. قلان پري ٽارڙي، پوران پڳي نہ جاءِ. (چوڻي)**

**۱٦. قلو هڪ ڳوناٺو هو، مزي جهڙو واٽيو هو. (چوڻي)**

**۱۷. قلوءَ واٽئي رات وهاٽي، ڳالهين ڪندي ڳوٺي ڪاٽي. (چوڻي)**

قلو: ماڻهوءَ جو نالو. ڳوٺي: برادري، ساري. ۲. چيو وڃي ٿو تہ قلوءَ نالي هڪ شخص تمام وندرائيندڙ هوندو هو، جنهن جون ڳالهيون ماڻهن کي ڏاڍيون وڻنديون هيون. قلو ڳالهيون ڪيندو هو تہ ماڻهو راتين جون راتيون ويهي سندس ڳالهيون ٻڌندا هئا ۽ ڪين ٻيا ڪم ڪاريون وسري ويندي‌ون هيون.

**۱۸. قيري ڏس فقير، هٿ پنهنجي هياءَ تي. (گفتار)**

پنهنجي دل تي هٿ رکي ڏس تہ برابر خبر پويئي.

---

[157] قاڙهو: هرڻ جهڙو حلال جانور آهي، پر ٻنهي ۾ سڱن ۽ طاقت جو ايترو فرق آهي، جيترو ڳئون ۽ ٻڪريءَ ۾ فرق آهي. اوجهہ ڏيڻ: اوجهري قاٽي پوڻ. ۲. قاڙهو بيابانن ۾ ٻڪيو ڏکيو پيو ڦرندو آهي. جتي پاڻي نظر آيس اتي پيئندو. گهڻو پيئڻ سبب اوجهہ بہ اتي ڏئي.

[158] ان ڪهاوت جو اصل روپ آهي: قتل گدرو: پترن نہ مَٺُ. يعني قتل گدري کان پتر بہ چڱا، ڪنهن ڪم ايندا.

[159] ان ڪهاوت جو ابتو روپ آهي: قرٽي گهرٽي مڙسان دي، گاندو دي اڪ هي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

## ( ق )

١. **قاضي ڄاڻي، قيامت ڄاڻي. (پهاڪو)**

٢. **قاضي، رشوت تي راضي. (چوڻي)**

٣. **قبر ۾ ٿهيئي ڪين، ختمن آٽي ڊوڙ رکي آهي. (ورجيس)**

ختما؛ جيڪي مئلن جي يادگيريءَ ۾ ڪارائبا آهن.

۴. **قدرت جي چٽي، ڪنهن نہ پڙهي ڏٺي. (پهاڪو)**

۵. **قرض: ڪوڙهه جو ٽڪو آهي. (پهاڪو)**

٦. **قرض ڪٽي، ڪنگڻ نہ پائجن. (پهاڪو)**

هيئن بہ چون: هٽ ڪٽائي، حلوا نہ کائجن.

٧. **قرض؛ وڏو مرض. (چوڻي)**

يا هيئن بہ چون: قرض: ڪوڙهه جو ٽڪو.

٨. **قضا، پڇي ڪا نہ اچي. (چوڻي)**

٩. **قلندر پنيان، گهٽيئي ڪتا پيا پونڪن. (پهاڪو)**

١٠. **قهر درويش، بر جان درويش. (پهاڪو)**

---



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

( ڪ )

۱. **ڪاتي ٿي سوني، تہ ڪنڌ ڪين ڪپبو ڇا؟ (پهاڪو)**

ڪاتي ڪٽي سوني ٿي پر ڪنڌ تي وهڻ ڪان پوءِ ڪنڌ تہ ضرور ڪپي سگهي ٿي.

۲. **ڪاتي ڪري گدري تي، تہ بہ گدري جوڪو، گدرو ڪري ڪاتيءَ تي، تہ بہ گدري جوڪو. (پهاڪو)**

ٻنهي حالتن ۾ گدري ڪي ئي ڏک سهڻو آهي.

۳. **ڪاٺ سان گڏ، لوهہ بہ تري ويندو. (پهاڪو)**

۴. **ڪاٺ ڪٽو، واڍو چٽو. (پهاڪو)**

۵. **ڪانيءَ ڪانيءَ، لڇ. (پهاڪو)**

لڇ: لڇمي. ۲. ڪن کي خيال وينل آهي تہ ڪنهن ڪانيءَ ۾ کهڙو ڀاڳ آهي تہ ڪنهن ۾ کهڙو.

٦. **ڪاڏي ڪوري، ڪاڏي ترار؟ (پهاڪو)**

ڪوري ويچارو غريب، پنهنجي روزگار واسطي ڪپڙي اڻڻ ۾ ئي پورو سو ترار ڪئن ٻڌندو؟

۷. **ڪاڏي منهن مريم جو، ڪاڏي الله يار. (پهاڪو)**

۸. **ڪارو ڪوئلو، ڪير ۾ ڌوپڻ سان بہ اڇو نہ ٿئي. (پهاڪو)**

۹. **ڪارو منهن ڪتي جو، رَبُ اوتري جي اوتري. (پهاڪو)**

۱۰. **ڪارو وهي ڪمري وٽ، رنگ نہ مٽائي تہ عادت ضرور مٽائي. (پهاڪو)**

ڪمرو: ڇٽ ڪمرو.

۱۱. **ڪاسائيءَ کي ماس جي، ٻڪريءَ کي ساس جي. (پهاڪو)**

۱۲. **ڪالهوڻي ڪال گئي، اڄ پڻ ڏينهن ٻيو، جنهن ۾ ماڻ پيو، ساراهہ رهندي ڪيترو؟ (چوڻي)** [160]

۱۳. **ڪانگ ڪي، لڙ ۾ مزو. (پهاڪو)**

لڙ: گوڙ، شور.

۱۴. **ڪانگ مري ويا آهن، جو لولو حج ڪرڻ هلندو؟ (پهاڪو)**

لولا هميشہ ڪانگ کائي ويندا آهن. لولا ڪئن ٻاهر سفر ڪرڻ ويندا؟ ڪانگ مري ويا آهن ڇا؟

۱۵. **ڪاڻ جي درشٽي، هميشہ گوٻي تي. (پهاڪو)**

گوبو: نڪ مان نڪرندڙ مئل.

۱٦. **ڪاڻ ڪبوتر نہ ٿئي، توڙي ٻڌجيس سونو پر. (پهاڪو)**

۱۷. **ڪانياري ٻلي، ڪٺي جي/سندي جوءِ. (پهاڪو)**

ڪانياري: آڏين، ڏڄٽي، هيٺي. ۲. حقيقت ڪري ڪوئو پاڻ ٻليءَ ير ڏجندو آهي پر حالتن سارو ٻليءَ کي بہ ڪوئي جي آڏو آزي ڏيٽي پوي ٿي. [161]

---

[160] پيٽيو: جنهن ۾ ماڻ پيو، ساراهہ رهندي ڪيترو

[161] ڪانياري: جنهن تي ڪنهن جو احسان ٿيل هجي، اهو ان جو ڪانيارو ٿيو.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

۱۸. ڪاڻا سوامي، نمسڪار! چي: بابا لڙائيءَ جا پار. (پهاڪو)

۱۹. ڪاڻو پٽ، ڪاڻائو به چڱو. (چوڻي)

۲۰. ڪاڻو چاهي، ته ٻين جي اک نڪري ته چڱو. (پهاڪو)

۲۱. ڪاڻي وسوڙي، چي: مڙس ويو اٿم اک ڪي. (پهاڪو)

پورڙي اِستري اِهو به وشواس ڪري ته سندس پتار سندس لاءِ اک ڳولهڻ ويو آهي.

۲۲. ڪاڻي وٽي ڪا نه، ڪاڻيءَ بنا سري ڪا نه. (پهاڪو)

۲۳. ڪاڻيءَ جي وهاڻ ۾، سنڪٽ گهڻا. (پهاڪو)

سڪنٽ: اٽڪون.

۲۴. ڪاهيندڙ جي پٺ ۾، پڇندڙن جي اڳ ۾. (ورجيس)

۲۵. ڪتا پؤنڪ ته ميڪون ننڊ آوي. (گفتار)

۲٦. ڪتا تو نه منهن، تنهنجي ڏٽيءَ منهن. (گفتار)

۲۷. ڪَتِ به ڪُنبَ به چو ته اڳيان تورينڊڙ تڪا، جي اگهيو ته پاءُ، نه ته مڻ به موٽايو ويندءِ. (چوڻي)

ڪنب: ڪنبڻ، ڏڄڻ. اگهڻ: قبول پوڻ. تڪا: هوشيار.

۲۸. ڪتن ڪان سواءِ، شڪار ڪو نه ٿيندو. (پهاڪو)

۲۹. ڪتو به ڪاڙو، ڪک به نه پري. (ورجيس)

۳۰. ڪتو جنهن کي چڪ پائي، پادر به تنهن کي لڳن. (پهاڪو)

۳۱. ڪتو چا ڄاڻي، ڪٽڪ جي مانيءَ مان. (پهاڪو)

۳۲. ڪتو ڪتي کي نه سهي، فقير فقير کي نه سهي. (چوڻي)

۳۳. ڪتو، ڪڙم جو ويري. (پهاڪو)

۳۴. ڪتو: نه ڏسندو، نه پوڪندو. (پهاڪو)

۳۵. ڪتو وِهي، ته به پڇ لٽڪائي وهي. (پهاڪو)

۳٦. ڪتو ۽ ڪپاٽ، ٺوڙهي سان ٺپائجي، ساڌو ۽ سپاٽ، وهارجي وچ ۾. (چوڻي)

ڪپاٽ: نالائق. سپاٽ: لائق. ٺوڙي: نوڙي. ۲. ڪتي ۽ نالائق کي نوڙيءَ سان ٺپائجي پر ساڌو سنت ۽ لائق کي مان شان سان وچ ۾ ويهاري آدرڀاءُ ڪجي.

۳۷. ڪتي جا ڏند، گڏهه جو ماس. (پهاڪو)

ڪتي جا ڏند به ڪنا ته گڏهه جو ماس به گندو. بڇڙي ماڻهوءَ سان، پڇڙو پڇي![162]

۳۸. ڪتي جو پڇ، ٻارنهن مهينا نڙ ۾ وجهڻ سان سڌو نه ٿئي. (پهاڪو)

۳۹. ڪتي کي ڪتي ڪٽي، ته ڊوڙي مسجد ڏانهن. (پهاڪو)

۴۰. ڪتيم سپ چمار، پاندي پوري نه ٿي. (گفتار)

[162] پوري ڪهاوت هيئن آهي: گڏهه جو ماس، ڪتي جو وات، هو ڇجي نه، هيءُ ڇڏي نه. پيتيو: چڪر سان پڇي لتر.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

۴۱. **ڪٿي اگهي ڪين، ڪٿي ليي ڪين.** (ورجيس)

۴۲. **ڪٿي چور سچا، ڪٿي ڍور سچا.** (پهاڪو)

ڪي چور ڍورن ڪانسواءِ سچا تہ ڪٿي ڍور جهنگلن ۾ هڪليندڙن ڪانسواءِ سچا پيا لڳن.

۴۳. **ڪٿي ڏنائين آل جال، ڪنهن کي ڏنائين سڪ سرير ۾.** (چوڻي)

آل: اولاد. جال: ججهو.

۴۴. **ڪٿي گنگو تيلي، ڪٿي راجا پوج؟** (پهاڪو)

۴۵. **ڪُتِ ڍڳي جو، ماءُ پيٽ سان خار.** (چوڻي)

خار هئڻ ڪري ڍڳي کي ڪٽڻ.[163]

۴۶. **ڪپڙو سو، جو ڪشادو.** (چوڻي)

ڪپڙو ڪشادو سبائڻ سنو آهي، جو پاٽيءَ ۾ وجهڻ سان سسي سگهي ٿو.

۴۷. **ڪپڙي کي پٽي پوندي، نہ پيٽ کي.** (چوڻي)

۴۸. **ڪجهہ الله مٺي، ڪجهہ اگهہ مٺي.** (ورجيس)

ڪجهہ فصل گهٽ لٿو ۽ وري بازار ۾ وڪڻڻ وقت اگهہ گهٽ مليو. ٻنهي پاسي نقصان ٿيو.

۴۹. **ڪچريءَ جو يار، ٻهريءَ جو شڪار: سدا خوار.** (چوڻي)

۵۰. **ڪچي وزيران، ٿئي ٺڙڪو ٺڪُرُ.** (پهاڪو)

ٺڙڪو: هلڪا، نول، ننيا. اَڻ آزمودگار وزيرن (صلاح ڏيندڙ) مان وري راجائون راڄ ڪندڙ بہ هلڪا نڪرن. صلاحون ڏيندڙ جيڪڏهن اڻ آزمودگار آهن تہ اُنهن جي صلاح وٺندڙ اهڙا ئي ٿيندا.

۵۱. **ڪچيءَ ڪنا نہ وريا، تہ پڪيءَ ڇا ورندا.** (پهاڪو)

۵۲. **ڪڇان تہ پنجن مڃان، نہ تہ وينو لڇان.** (گفتار)

۵۳. **ڪڇ قريو جوڳين، سنڌ قري نوڳين.** (چوڻي)

۵۴. **ڪَڇُن ڪنئي، ڦقڙ پيا ڏسجن.** (ورجيس)

۵۵. **ڪڍ ڪڪڙِ دائري مان، وڻ تي وڃائي.** (گفتار)

۵۶. **ڪڍي ڪاڍارا، ڏئي اُڏارا!** (ورجيس)

ڪاڍارا: ڪاڍارا ڪڍڻ. ٢. اينگهجي، اينگهجي ڪا شيءِ هٿ ڪري، وري اُڏارو ڏيئي ڇڏجي تہ ڪهڙي عقلمندي آهي؟

۵۷. **ڪڏهن پريءَ ۾، ڪڏهن پاڪر ۾.** (ورجيس)

انسان جي مٿان ڪڏهن تڪليف جا بار (پري) آهن تہ ڪڏهن پاڪرن ۾ (سکن ۾) آهي.

۵۸. **ڪڏهن تولو، ڪڏهن ماسو، ڪڏهن خرار، ڪڏهن ڪاسو.** (ورجيس)

۵۹. **ڪڏهن ماٽي مٽ تي، ڪڏهن ماٽيءَ مٿان مٽ.** (پهاڪو)

---

[163] ڪٽ ڍڳو مان مراد، اهو ڍڳو آهي جيڪو نہ هر ۾ وهي، نہ نار ۾، يعني نڪو ڍڳو. مراد آهي تہ نڪمٽو ماڻهو پاڻ نہ ڪمائيندو آهي، سندس زور ماءُ پيٽ تي هوندو آهي تہ اهي ڪمائي اچن تہ هيءُ کائي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

سنڌ ۾ پلن مارڻ لاءِ مهاڻا مٽ پيٽ سان ٻڌي، درياھ ۾ گهڙندا آهن. پلن مارڻ کان پوءِ، وري مٽ ۾ پلا وجهي، مٿي تي رکي گهر واهي ٿيندا آهن. پهاڪي وارو رڳو ڏيکاري ٿو ته ڪڏهن ڪير هيٺ آهي، ته ڪڏهن ڪير مٿي آهي.

٦٠. **ڪڏهن مئا ۽ مَسَاڻ مان موٽيا آهن؟ (پهاڪو)**

٦١. **ڪڏهن هاڙهي هياس، اڄ پڇان ته پيچي نه ٿيان. (ورجيس)**

پيچي: پائيوار، مدد ڪندڙ.

٦٢. **ڪر چڱائي چٽ سان، ڦيري هٽئي پٽ سان. (چوڻي)**

٦٣. **ڪرمن جي وهي، برهما ٻه ڪو نه جاڇي. (چوڻي)**

٦٤. **ڪرم هيڻ ڪيتي ڪري، ٻلد مري يا ٽوٽا پڙي. (چوڻي)**

ٻلد: ڍاند.

٦٥. **ڪرند پسند، ڏيند لهند. (چوڻي)**

جيڪي ڪيو آهي تنهن تي راضي ٿي پسند ڪرڻ گهرجي، جيڪي ڏجي ٿو سو ملي ٿو. [164]

٦٦. **ڪري سو پائي، فقير ڪير ڪنڌ ڪائي. (چوڻي)**

هيئن ٻه چون: ڪوئي مري ڪوئي جيوي، شتريا گهول پتاشا پيوي.

٦٧. **ڪسيري جي ڪتي، ٽڪي جا نان ڪائي. (ورجيس)**

ڪسيرو: مني پائي.

٦٨. **ڪشيئي نه ڪمان، پڙيئي نه ضمان، ٽپيئي نه ڪوها، رهيئي نه جوئا. (چوڻي)**

ڪمان مان تير سنڀالي ڇوڙجي، ضامن نه پئجي، کوھ نه ٽپجي، جوا تي نه ويهجي.

٦٩. **ڪڪر ڏسي، دلا نه ڀڃجن. (پهاڪو)**

٧٠. **ڪُڪڙ ڪورين جي، نانءُ وڏيري جو. (ورجيس)**

٧١. **ڪڪان ڪوڙي ٻاھ، غُلامان دوستي، يار نه ڪجي: ڏوم، پيادو، پوستي. (چوڻي)**

ڪکن جي ٻاھ ڪوڙي سمجهڻ گهرجي، غلام، ڏوم/ لنگهي ۽ پوستي (نشئي) ماڻهن جي دوستي بي اعتبار آهي، ساٿن پيادل نه وڃڻ گهرجي. جو انهن سيني تي ويساھ ڪونهي.

٧٢. **ڪک پاڻيءَ تي ترن، گوڏا پيٽ ڏانهن ورن. (پهاڪو)**

٧٣. **ڪک جو چور، سو لک جو چور. (چوڻي)**

٧٤. **ڪَکَ سان ٻه وير نه وجهجي. (چوڻي)**

٧٥. **ڪک هيٺان، لک پيو آهي. (پهاڪو)**

هيئن ٻه چون: ساريءَ هيٺ، پتر.

٧٦. **ڪلام، ڪنڌ پر هٽندو. (چوڻي)**

ڪلام: ايشور جو آواز. مسلمانن جو ڪلمو. ٢. انياءُ ڪندڙ ڪي ايشور جو آواز ڪنڌ پر هٽندو. [165]

---

[164] ڪرند: ڪيتو. پسند: پسڻ، پيش اچڻ. ڏيند: قرض موٽائڻ. لهند: قرض جو بار لهڻ يا هلڪو ٿيڻ.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

٧٧. **ڪماليت ڪي، زواليت. (چوڻي)**

٧٨. **ڪمبختي اَچي تہ اُٺ چڙهيل ڪي بہ ڪتو چڪ پائي. (پهاڪو)**

٧٩. **ڪم ٿورو، ڦڙ ڦڙ گهڻي. (ورجيس)** [166]

٨٠. **ڪم پرين سيڪو آهي، چم پرين ڪو نہ آهي. (چوڻي)**

ڪم ڪارج ڪندڙ ماڻهو، هر ڪنهن کي پرين (پيارو) آهي. چم پرين (چمڙيءَ پيارو، سونهن وارو) ڪنهن کي پسند ڪو نہ آهي.

٨١. **ڪم پوي، ڪل پوي. (چوڻي)**

ڪنهن ۾ ڪم پوي، پوءِ انهيءَ جي ڪل (سڌ) پوي. ٢. جيستائين ڪم نہ پيو آهي، تيستائين خبر پئجي ڪا نہ سگهندي.

٨٢. **ڪم خرچ، بالا نشين. (ورجيس)**

گهٽ خرچ ڪري ۽ اعليٰ درجو حاصل ڪريو.

٨٣. **ڪم شروع ٿيو، اڌ پورو ٿيو. (چوڻي)**

٨٤. **ڪم قوت، آڪڙ بهت: مار کائڻ جي نشاني. (چوڻي)**

بدن ۾ طاقت هجي گهٽ ۽ آڪڙ ڪجي گهڻي تہ مار کائڻ جون نشانيون آهن.

٨٥. **ڪم، ڪم کي ٿي سيڪاريندو. (چوڻي)**

٨٦. **ڪم لٿو، ڏکڻ وسريو. (پهاڪو)**

ڏکڻ: واڍو.

٨٧. **ڪمند ڪڙو لڳي تہ وات کي ڏوهہ ڏجي. (پهاڪو)**

٨٨. **ڪم نہ ڪار، پانگا ويهي پار. (چوڻي)**

پانگا: چيٽن جو قسم. [167]

٨٩. **ڪُمهلو مهمان، پاڻ کي پٽائي. (چوڻي)**

ڪمهلو: بنا مهل جي آيل، بي وقتو آيل.

٩٠. **ڪميڻو پنهنجي ڪميڻائپ مان، ڪيئي نہ ڪاف. (چوڻي)**

٩١. **ڪنير جو دلو ڀڳو، منهنجي مٽي چيڪي. (چوڻي)**

٩٢. **ڪنير جي گهر، ڀڳل دلا. (پهاڪو)**

٩٣. **ڪن پراوا ٿيا، واليون بہ پرايون ٿيون. (چوڻي)**

٩٤. **ڪن جو ڪلڻ ڪپت جهڙو، ڪن جو روئڻ راحت جهڙو. (چوڻي)**

ڪلي گهر ڪرڻ يعني نہ ڪلي ڪجهہ گهر ڪري ڇڏايون. ڪن جي روئڻ ۾ راحت.[168]

---

[165] ڪلام: مان ڪرڻ، وڏائي ڪرڻ، تڪبر ڪرڻ. تڪبر: هٺي ڪنڌ پر.

[166] اها چوڻي هيئن بہ استعمال ٿيندي آهي: وت ٿورو، ڦر ڦر گهڻي.

[167] اتر سنڌ ۾ پانگا کي بانگها چون. بانگها: ٻارڻ، جهڙوڪ سنهيون ڪاٺيون، ٻينجهيون، چيٽا وغيرهہ.

[168] مؤلف 'ڪن جو ڪلڻ ڪپت جهڙو' جي معنيٰ جيڪا لکي آهي، سا سمجهہ ۾ نہ ٿي اچي. البتہ اها چوڻي اتر سنڌ ۾ هنن لفظن سان مشهور آهي: ڪن جو ڪلڻ خواري، ڪن جو



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

**٩٥.	ڪن جي آئي، ڪن جي جائي. (چوڻي)**

گهر ۾ ڪن جي اچڻ ڪري جهڙوڪ نونهن وغيره ڪري ياڳ ڪلي پوندو آهي، وري ڪنهن جي جائي ياڳ ڪلندو آهي.

**٩٦.	ڪن جي اڳياڙي، تہ ڪن جي پڇاڙي. (چوڻي)**

**٩٧.	ڪن جي ماني ڪري نہ مور، ڪن جا ٽڪر ٿو ٽيٽا ڪري. (چوڻي)**

**٩٨.	ڪنڌيان پار، ڦنڌارون پار. (پهاڪو)**

**٩٩.	ڪنڀو لڳو آ پير ۾، ڪونجي پيو گوڏو. (ورجيس)**

**١٠٠.	ڪنڀو لڳو اٿس پير ۾، ڪوڙي ٿو گوڏو، چي: اڳ ٿو وڻانس. (ورجيس)**

**١٠١.	ڪنڀو، ڪڍي ڪنڀي کي. (پهاڪو)**

ڪنڀو ٿي ٻئي ڪنڀي کي آسانيءَ سان ڪڍي سگهندو آهي. ٢. چور کي چور جهلي سگهندو آهي.

**١٠٢.	ڪِنُ ڪِنَ سان ڪين ڏوپندو. (پهاڪو)**

**١٠٣.	ڪن کي چڪ، تہ مٿو پاڻيهي چڪجي ايندو. (پهاڪو)**

**١٠٤.	ڪنگر ۾ ڪڪڙا، پڙي مبارڪ. (پهاڪو)**

اَجا ڪڪڙا پيا پاڻيءَ ۾ پسن تہ پڙي کي مبارڪون پيئون ملن.[169]

**١٠٥.	ڪن ۾ ٻڏل اکر، پاڻ پريان ٻڌڻ ۾ اچن. (چوڻي)**

**١٠٦.	ڪنن جي ڳالهين، مير بحر کي مارايو هو. (چوڻي)**

**١٠٧.	ڪنن ۾ ڏٽا، اکين تي پٽا. (ورجيس)**

**١٠٨.	ڪِنو سهن، پر ڏِنو نہ سهن. (ورجيس)**

**١٠٩.	ڪنهن جي ٻڪري، ڪير وجهي گاهہ! (گفتار)**

ڪنهن جي شيءِ آهي ۽ ڪير سنڀالي؟

**١١٠.	ڪني آڱر، وڍي پلي. (پهاڪو)**

**١١١.	ڪني اڳڙي، ڪنڀ ۾ ڏوئجي. (پهاڪو)**

**١١٢.	ڪُني ڦرائجي، ٻني نہ ڦرائجي. (پهاڪو)**

**١١٣.	ڪني ڪاڻ، ڳئون چاريم ڳوٺ جون؟ (پهاڪو)**

**١١٤.	ڪِنين ماضي من ۾، ڪنين اِستقبال، حيف تنين جي حال، جن وساريو حال کي. (پهاڪو)**

ماضي: گذريل. اِستقبال: آئينده. حال: هلندڙ وقت. حيف: شرم.

**١١٥.	ڪٽڪ سان ڳڏ، ڳهٽا ٻہ پيسجن. (پهاڪو)**

ڳُهٽا: جيت.

---

روئڻ راحت.

[169] پڙو، ڪپڙي منجهان نهندو آهي. ڪپڙو، وري ڪپهہ منجهان اُڄندو آهي. ڪپهہ، وونئڻن ۾ ٿيندي آهي. وونئڻ پوکڻ لاءِ، ڪڪڙا/ ٻج زمين اندر پوکبا آهن. ڪڪڙا، پوکڻ کان اڳ مڪمل نموني سان پاڻيءَ ۾ پِڄائبا آهن تہ رچي راس ٿين ۽ ڦنڊي، زمين اندر ڦوٽهڙي لائق ٿين. ٢. اڳواٽ مبارڪون پڙي جون پيون ملن، جڏهن تہ اجا وونئڻ پوکيا ئي ناهن.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

**١١٦. ڪٽڪ ڪيڙي، ٻُهَ ڪي ڏجي باهه. (گفتار)**

ڪنهن ڳالهه مان سنئي ڳالهه ڪيڙي، باقي نڪمي شيءِ کي باهه ڏيئي ڇڏجي.

**١١٧. ڪٽڪ ڪري ته ڦٽڪ ڪري، جوئر ڪري ته ڪاٺي ڪري. (پهاڪو)**

**١١٨. ڪڻ ڪاڏو، ته مڻ ڪاڏو. (پهاڪو)**

**١١٩. ڪوڏي حرام، بجڪو حلال. (ورجيس)**

**١٢٠. ڪورو دلو، ڪلر ڪري. (پهاڪو)**

نئون دلو زمين تي رکبو ته منجهانئس پاڻي ٺمي ڪلر يعني لوڻياڻي زمين ڪندو. اَڻ آزمودگار ماڻهو به ڪم بگاڙيندو.

**١٢١. ڪوري پلوين، نه پائجي. (پهاڪو)**

ڪورو: اڻ ڌوتل، اڻ استعمال ٿيل.

**١٢٢. ڪوري ڪڏ ڪٽي، پر پاڻ اُن ۾ پوي. (پهاڪو)** [170]

**١٢٣. ڪوري هڻ نڙو، ته نه ٿئي ڏڙو. (پهاڪو)**

ڪوري ڪپڙي اُڻڻ واري کي چيو ٿو وڃي ته نڙو هڻ جئن نه هٽڻ ڪري وري اُتي ڏڙو يعني ڏاڳو باهر نڪري ڳنڍ ڪري. مطلب ته ماٺ ڪري نه ويهه، ڪم ڪندو هل.

**١٢٤. ڪوريءَ جي من ۾، جيڪي هوندو سو ئي اُٽندو. (پهاڪو)** [171]

**١٢٥. ڪوڙ: ايمان جي ڪتر آهي. (چوڻي)**

**١٢٦. ڪُوڙاڻ قبولجي، ميناچ واسطي. (پهاڪو)**

**١٢٧. ڪوڙ ته ڪهڙو صرفو؟ (چوڻي)**

ڪوڙ ڳالهائڻ ۾، سنجم ڪهڙو ڪبو؟

**١٢٨. ڪوڙ جي پاڙ، نڪريءَ تي. (چوڻي)**

**١٢٩. ڪوڙ چڱو انهيءَ سچ کان جو مصيبت آڻي. (چوڻي)**

**١٣٠. ڪوڙهيو ڪتو، ڪنهڻ ڪان سواءِ نه رهي. (پهاڪو)**

**١٣١. ڪوڙي اُستتي، ننڊا جي نالي. (پهاڪو)**

**١٣٢. ڪوڙي جي ڳالهه: ڪُڏ جي ٻوڙ. (پهاڪو)**

**١٣٣. ڪوڙي ساراهه ڪرڻ به گلا وانگر آهي. (چوڻي)**

**١٣٤. ڪوڙي سچڻ ڪان، سچو ويري به چڱو. (پهاڪو)**

**١٣٥. ڪوڙي ڪي، ڪُٽين ڪُنائجي. (پهاڪو)**

ڪُٽين: قسم. ڪنائڻ: ڏيوالو. ڪوڙي ماڻهوءَ کي قسم ڪٽائي ڏيوالو ڪيائي ناس ڪجي. [172]

**١٣٦. ڪوسا ناوڻ، ٿڌا ڪاوڻ، ته ويڄ پاس نه جاوڻ. (طبي، چوڻي)**

170 پيٽيو: جو ڪوري ڪڏ ڪٽندو، سو ڪڏ ۾ پوندو.

171 پيٽيو: اُٽندو اُها ئي، جا ڪوريءَ جي من ۾.

172 ڪُڻ: دليل، حساب ڪتاب. ڪوڙ هٽندڙ کي ايترو موقعو ڏجي جو پنهنجي دليل ۾ ڦاسي سچي ڪري.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

۱۳۷. **ڪوسو پاڻي، ڪک ڪو نہ ساڙي. (پهاڪو)**

۱۳۸. **ڪُونڊي ڪي اِس طرف يا اُس طرف. (ورجيس)**

يا هيڏانهن يا هوڏانهن. هڪ هڪاڻي ڪرڻ.

۱۳۹. **ڪونهي سؤ، ڪونهي پؤ. (پهاڪو)**

ناڻو ڪونهي، تہ ڏپ بہ ڪونهي.

۱۴۰. **ڪُوَڙِ ڪي پاڻيءَ جيان، پيڙي پياريم ڪماند، نڪو زهر زمين ۾، نڪو ڏاتوري ڏرپاند، ڪمائي ڪم ذات سان، وجي ٿي وڙواند، جنهن جو بد بنياد، تنهنجو ميوو مٺو نہ ٿئي. (پهاڪو)**

ڪُوَڙ: خراب وڻ. ڪماند: ڪمند. ڏاتورو: زهري ٻوٽو. ڏرپاند: زمين ۾ لڱل. وڙواند: بي فائدي.[173]

۱۴۱. **ڪوئو ڪوٺي، منهن ۾ پائي. (پهاڪو)**

۱۴۲. **ڪوئي مري ڪوئي جيوي، شتريا گهول پتاشا پيوي. (پهاڪو)**

۱۴۳. **ڪُهَرَ ڪيئن؟ چي: ان سنوان! موچڙن سان ڪيئن؟ چي: جهولي ٿي تنهنجي. (پهاڪو)**

۱۴۴. **ڪهٽي سيڪو ڪهي، پر ڪرو ڪو وهٽي وهي. (پهاڪو)**

۱۴۵. **ڪئلي لاءِ، ٻڪ پاڻيءَ جو بہ سمنڊ. (پهاڪو)**

۱۴۶. **ڪئن ڏني ٻلي، تہ دلڙي ٿين ڍلي. (پهاڪو)**

۱۴۷. **ڪئو ٻر ۾ پاڻ نہ پورو، ويتر ٻڌائين ڇڄُ. (پهاڪو)**

۱۴۸. **ڪئي لڏي هئڊ ڳڙي، چي: مان پساري. (پهاڪو)**

۱۴۹. **ڪي پرن ۾ پيجاريون، ڪي لوهين ۾ لعل! (چوڻي)**

۱۵۰. **ڪي ڄمندي ڄام، ڪي عمر پر اپرا. (چوڻي)**

ڄام: شهزادا. اپرا: ڏٻرا.

۱۵۱. **ڪي چني مان چانور ڪن، ڪي چنورن مان چنو ڪن. (چوڻي)**

۱۵۲. **ڪي ڏوريءَ ۾ ڏنگ، ڪي سيرائي جي سَلِ. (پهاڪو)**

سيرائي: ٽونگ ڪرڻ جو اوزار جنهن ۾ ڏوري وجهي ٽونگ ڪبا آهن. سل: ٽونگ. ۲. ڪجھ ڏوريءَ جي ڏنگاڻ ڪري ڪجھ اوزار جي ڪري ٽونگ برابر نہ ٿيندو آهي. ٻنهي پاسي پل ٽيل آهي.

۱۵۳. **ڪي ڏوهائي ڪي ڏوھ، ڪي ساڙهيءَ ۾ سانگهيڙي. (پهاڪو)**

ڏوهائي: ڏوهڻ. ساڙهي: نڪر جو ٽانوءُ. سانگهيڙي: ٽانو ۾ ٽونگ.

۱۵۴. **ڪي مينهاٽو، ڪي ريجاٽو. (ورجيس)**

ان پوکڻ کان اڳ، زمين ۾ پاڻي وجهي ريج ڪيو ويندو آهي. پوءِ وري جو مٿان مينهن پوندو آهي تہ وڌيڪ فائدو ٿي پوندو آهي. ڪنهن ڪي ٻٽو فائدو ٿيندو آهي تہ ائين ظاهر ڪيو ويندو آهي.

۱۵۵. **ڪيئن؟ چي: هالا ۽ پينءَ. (گفتار)**

---

[173] پيٽيو: ڪانءُ ڪبوتر نہ ٿئي، توڙي ٻڌجيس سونو پر.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

## (ڪ)

١. **ڪاٺائو پٽ پيءُ جو، اڻ ڪاٺائو پٽ ماءُ جو. (پهاڪو)**

هيئن به چون: ڪاڙهو پٽ، ڪاٺائو به چڱو.[174]

٢. **ڪاڙو پرائو يا پيٽ به پرائو؟ (پهاڪو)**

ڪاڙو ڀلي پرائو آهي پر پيٽ ته پرائو ڪونهي جو جيڪي ايندو يا جيترو ايندو ڀلي پيٽ ۾ وجهبو.

٣. **ڪاڙو ڪاڙو، پاتل ڦاٽي. (پهاڪو)**[175]

٤. **ڪاڏي ڪان، ڏٺو پلو. (پهاڪو)**

ڪاڏي ڪاڻڻ ڪان ڏسڻ وائسڻ، سئر ڪرڻ سنو آهي.[176]

٥. **ڪاڏي، ڪوهه ڪٿي وڃن. (پهاڪو)**

رڳو پيو ڪاٻو ۽ وري ڪجهه پوندو ڪو نه ته ائين ڪرڻ سان ناڻي سان پريل ڪوهه هوندو ته به ڪٿي ويندو.

٦. **ڪاڏي ڪي ڪامن، چاڙيون چاموٽن جون. (پهاڪو)**

ڪامن: پوسرڻ، خار ڪاڻڻ. چاڙيون: ڏانون. چاموٽ: ڳوٺ جو وڏيرو. ٢. ڳوٺ ۾ مجلس وغيره ٿئي ته ڳوٺ جي وڏيرن جون ڏانون پوسرڻ شروع ڪن. وات پاٽي پاٽي ٿين.

٧. **ڪاڏي مهل ڪرو، ڪمائڻ محل پرو. (ورجيس)**

هيئن به چون: ١. ڪاڏي مهل مڙس هاج مهل چوڪر. ٢. چاڪريءَ چور، نوالي حاضر. (نوالي: نوالو، سٽيو گرهه، عمدو طعام).

٨. **ڪاڏي مهل مڙس، هاج مهل چوڪر. (ورجيس)**

٩. **ڪارائجي هوتن وانگيان، ڪم ونجي شينهن وانگر. (ورجيس)**

١٠. **ڪاٺيون ڪچٽيون، اونڌا طباق! (ورجيس)**

ڪچٽي سڙي وڃڻ ڪان پوءِ، ديڳڙو ۽ ڍڪڻ اُبتا.

١١. **ڪائن ڪڳ، ليڪا ڏين نڳ. (گفتار)**

١٢. **ڪائڻ سترو، پر ڪنگهڻ ڏڪيو. (پهاڪو)**

١٣. **ڪائين پيئن پنهنجو، پچر ڪن پرائي. (ورجيس)**

١٤. **ڪائيندي پيئندي، ناني نيراني! (گفتار)**

١٥. **ڪٽل آهيان، پر خان آهيان. (ورجيس)**

١٦. **ڪٽئي وڇان، مور ياد ئي نه آهي. (پهاڪو)**

ڪٽئي جي خوشيءَ ۾ اصلوڪي موري (رقم) ياد به ڪا نه ٿي پوي.

١٧. **ڪٽي آيو خان، اُگهاڙيءَ پٽيءَ. (ورجيس)**

---

[174] پيٽيو: ڏيءَ جائي تو جٽي، پٽ جائو ته مون جٽيو.

[175] پيٽيو: سيرو ڪاڏو، پاتل ڦاٽي.

[176] هن ڪهاوت اندر زور ونائڻ وارا لفظ غائب آهن. جنهن ڪري سهيڙيندڙ ڪي هتي وضاحت ڪرڻي پئجي وئي آهي. اها ڪهاوت پنهنجن مروج لفظن اندر، هيئن ڳالهائي ويندي آهي: گهٽي ڪاڏي ڪان، گهٽو ڏنو چڱو.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

۱۸. **ڪٽيو تنهنجو گهوريو، وڃائج مَ مورُ. (گفتار)**

پلي تہ فائدو ڪري نہ اچ پر پنهنجي اصلوڪي رقم وڃائي نہ اچج.

۱۹. **ڪٽيو ڪائي ختيجا، ڏک جهلي ڏيٽس. (پهاڪو)**

ختيجا: نالو.

۲۰. **ڪٽيو ڪائي فقير، ڏک جهلي پولڙو. (پهاڪو)**

۲۱. **ڪٽيو ڪائي مڙس جو، چي: جيئي ابو. (ورجيس)**

۲۲. **ڪٽيءَ جي گهر مان ويئي چوُو، ڪپڙو ڦاٽو مالڪ جو. (پهاڪو)**

چُوو: ڪپڙي سٽڻ جو آواز.

۲۳. **ڪُٽي ڏاڙهي، هٿ نہ اچي. (پهاڪو)**

هٿ مان ڳتل ڪم، هٿ ۾ موٽي نہ اچي.

۲۴. **ڪڏ ڪريو نهي وڃي، دل ڪريو نہ نهي. (پهاڪو)**

۲۵. **ڪڏ! چي: جيءُ سڏ! (پهاڪو)**

ڪڏ ۾ ناٽو پوريل هوندو تہ سڏ تي سڏ ڏيندو. (ڪم ايندو)

۲٦. **ڪرُ ماٽهو، وڻ پاپرو، پنهي ڏينهن ڪٽڻ. (چوڻي)**

ڪر: خراب. لچ ۽ پاپري وڻ جا شل ڏينهن خلاص ٿين. پنهي ڪي ماٽهو پاراتو ڏين.

۲۷. **ڪريل پٽ، منجهل سٽ، ويل ڪو نہ وڃائيندا. (پهاڪو)**

۲۸. **ڪستوريءَ جو ملهہ، ديگر چا جاڻي. (پهاڪو)**

۲۹. **ڪڳا پيا آهن ڪوهہ ۾، پاهر مصالح پيا ڪٽجن. (پهاڪو)**

۳۰. **ڪل! منهنجي ڪٽونءَ جا پيءُ. (پهاڪو)**

۳۱. **ڪلي ماريو ڪڳو، جنهنکي ليکو دل سان لڳو. (گفتار)**

۳۲. **ڪمي وَٽِ، پري تيل، شاباس ڏيئا شاباس. (پهاڪو)**

ڏيئي ۾ وٽ سڙندي آهي. تيل پري خلاص ٿيندو آهي پر شاباس وري ڏيئي کي ملندي آهي. مطلب تہ تڪليفون ۽ ڪشالا هڪڙا ڪين پر ناموس ٻين جي ٿئي.

۳۳. **ڪُنهبي جو چٽڪو: چار ڏينهن. (پهاڪو)**

ڪنهبي رنگ جو نشان ڪپڙي تي فقط چار ڏينهن جٽاءُ ڪندو آهي. تهڙيءَ طرح دنيا جون خوشيون ۽ مزا بہ ٿورن ڏينهن لاءِ آهن.

۳۴. **ڪنئي اگهي نہ، ڳولهي ليي نہ. (پهاڪو)**

۳۵. **ڪنئيءَ شيءِ جو ملهہ، ڪونهي. (پهاڪو)**

هيئن بہ چون: ڪٽي اگهي ڪين، ڪٽي ليي ڪين.

۳٦. **ڪڻ ختيجا چلي! بيبي جاٽ ڪرڻ هلي! (پهاڪو)**

۳۷. **ڪڻ ڪلو، تہ ٽيئي پلو. (پهاڪو)**



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

پادر (ڪلو) ڪڻ ته پلو ٿئي. ٢. لڇ ماڻهوءَ کي سڌي ڪرڻ لاءِ پادر ڪٽڻ ئي سنو علاج آهي.

٣٨. **ڪوپريءَ ڪوپريءَ گت، نياري. (چوڻي)**

ڪوپري: مغز. نياري: علحدگي. گت: حالت، چال، عادت. ٢. مغز مغز جي، چال نرالي آهي.

٣٩. **ڪودي به خوش ٿي ٿئي ته مونکي ڏٺين سجاتو آهي. (گفتار)**

ڪودي: مؤنث، ڪودو، مذڪر. گڏهه جو ڦر. [177]

٤٠. **ڪوڙيءَ کي ئي گهمرو! (ورجيس)**

٤١. **ڪوهه جو انت لهي سگهجي، پر نه ماڻهوءَ جو. (چوڻي)**

٤٢. **ڪوهه جي مٽي، ڪوهه کي. (پهاڪو)**

ڪوهه کوٽڻ ڪانپوءِ، جيڪا منجهانئس مٽي نڪرندي آهي سا وري ڪوهه کي لنبڻ ۾ ڪتب ايندي آهي.

٤٣. **ڪوهه کوٽيندڙا، پاڻ پوندڙا. (پهاڪو)**

٤٤. **ڪوهن جا وات بند ٿي وڃن، ماڻهن جا وات بند نه ٿين. (چوڻي)**

٤٥. **ڪهيو واٽيو، وهيون سنپالي. (پهاڪو)**

واپاري، ڪنڻ ڪان پوءِ، ويهي بنديون جاچي ته ٻاهران ڪيس ڪجهه اوڌر اچڻي آهي چا.

٤٦. **ڪيتي، سر سيتي. (پهاڪو)**

٤٧. **ڪير جو ڪانيل، جهَڻ ڦوڪي پئي. (پهاڪو)**

ڪنهن شخص جو ڪوسي کير پيئڻ سان وات سڙيو هوندو ته جهڻ جهڙي ٿڌي شيءِ کي به ڦوڪون ڏيئي پيئندو، جو اڳيون اگرو آزمودو هوندس.

٤٨. **ڪير ڏيندڙ ڳانءِ جون لتون، به سهجن. (پهاڪو)**

٤٩. **ڪير ۾ ڪنڊ: نور ۾ نور، جواني ۾ مايا: پور ۾ پور، پنڌ ۾ بار: سور ۾ سور. (پهاڪو)**

ڪير ۾ ڪنڊ هميشه منو، جواني ۾ مايا جيئن پور پوي، باقي پنڌ سان گڏ بار ڪٽڻو پوي ته اهو سور ڏئي يعني پسند ڪو نه پوي.

---

[177] يا هيئن به چون: ڪوتي به خوش ٿي آهي، ڏٺين سجاتي آهيان.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

## ( گ )

۱. **گابو مئو، چاراڻي ڇُٽي. (پهاڪو)**

۲. **گابي وانگر، چَٽِ ته چٽياڻء. (ورجيس)**

گابن جي عادت هوندي آهي ته هڪ ٻئي کي چٽيندا آهن. ڪنهن سان پلو ڪبو ته اڳلو به موٽ ۾ پلي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو.

۳. **گاديلو نه ڏئي، پر گادي ڏئي. (ورجيس)**

۴. **گاڏي ڏسي، پير سُڄن! (پهاڪو)**

گاڏي هڪي تڪي حاضر هئڻ سان پنڌ ڪرڻ ڪنهن کان پڄي ڪو نه. [178]

۵. **گانءِ ڪائي هلندي، گهر ڪائي ٻيٺي. (پهاڪو)**

٦. **گانءِ کي پنهنجن سڱن، پهلوان کي پنهنجي لڱن، ماءُ کي پنهنجي آنڊي جو بار ڪو ليکجڻ ۾ اچي. (پهاڪو)**

۷. **گاهي پوت، گاهي ولي. (ورجيس)**

۸. **گپ جو ڪلو، جتي ڪوڙ اُتي ڪتو. (پهاڪو)**

پرمتڙيو جنهن ڳالهه تي بيٺو اُتي بيٺو. [179]

۹. **گدرو ڪري ڪاتيءَ تي ته به گدري جوکو، ڪاتي ڪري گدري تي ته به گدري جوکو. (پهاڪو)** [180]

۱۰. **گدرو گدري کي ڏسي، رنگ مٽائي. (پهاڪو)**

۱۱. **گدري جي چور کي، ٻه لپاٽون. (پهاڪو)**

گدري جي چوري ننڍي چوري آهي، انهيءَ لاءِ ڦاسيءَ جي سزا ڪا نه ڏيٺي آهي، پر ٻه لپاٽون بس آهن.

۱۲. **گدڙ جي لت ڪان، هاٿيءَ جي لت چڱي آهي. (پهاڪو)**

۱۳. **گدڙ ڊاڪ نه پڄي سگهي، آکي ٿُو ڪوڙي، ناچو ناچ نه ڄاڻندا، آکي پون سڙهي. (پهاڪو)**

ڪوڙي: کٽي. پونءِ: زمين.

۱۴. **گدڙ سٽاڻو گهٽو پر ڪو سورهيه جهليندو سٽ، سٽ گهٽو ئي سٽرو پر ڪو پوندو پٽ، هندوري جي لوڏي سان ڇا سُهندي ڪٽ. (پهاڪو)**

سٽاڻو: مضبوط، طاقت وارو. ۲. گدڙ ڪهڙو به طاقت وارو هجي پر ڪو بهادر هوندو جو سٽ سهي سگهندو. سُٽ به گهٽو ئي سٽرو آهي پر پٽ (ريشم) سان پيٽجي ڪو نه سگهندو. هندوري (پينگهي) جي لوڏي سان ويچاري ڪٽ ڪيئن سونهندي.

۱۵. **گدڙ گدڙ جي ڪوڪ نه اونائي ته ڪوڙهيو ٿئي. (پهاڪو)**

۱٦. **گڏون فرستاد، ڏوئي رسيدَ. (پهاڪو)**

گڏون: لوٽو.

۱۷. **گڏهه اهو ئي، آٽر پيا پيا ته ٻؤ ڪونهي. (ورجيس)**

---

[178] هيئن به مشهور آهي: جتي ڏسي، پير سڙن، گاڏي ڏسي، پير سڄي پون.

[179] هيءَ ڪهاوت مروج لفظن ۾ هيئن چئي ويندي آهي: گپ جو ڪلو، سدائين ڍلو. ڇو جو ڪلو به مضبوط ءِ سڪ ان زمين ۾ بيهندو جيڪا پاڻ ڏاڍيري هوندي.

[180] پيٽيو: ڪاتي ڪري گدري تي ته به گدري کي جوکو، گدرو ڪري ڪاتيءَ تي ته به گدري کي جوکو.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

١٨. **گڏهه ٻه جڏهن ننڍي، تڏهن سٺي. (پهاڪو)**

١٩. **گڏهه تي گلاب، هاريندي حيف ٿيو. (چوڻي)**

٢٠. **گڏهه، پنهنجي سانوڻي هينگن ۾ وڃائي. (پهاڪو)**

٢١. **گڏهه جو چا وس جو ٻيڙيءَ ۾ نه چڙهي. (پهاڪو)**

٢٢. **گڏهه جي ڪر ته لڏ ٿي وڃي، لڏ جي ڪر ته گڏهه ٿو وڃي. (ورجيس)**

٢٣. **گڏهه جي هينگ گڏهه، گهوڙي جي هٽڪار گهوڙو سمجهندو. (پهاڪو)**

٢٤. **گڏهه ڇا ڄاڻن گهيڙن مان؟ (پهاڪو)**

٢٥. **گڏهه سوَ دفعا مڪي وڃي، ته ٻه گهر ۾ دلا اِتيون هٽي پيچي. (پهاڪو)**

٢٦. **گڏهه ڪي ٻه ڪو گج پائجن؟ (پهاڪو)**

گج: زالن جي پائڻ جو ڪپڙو. ٢. گڏهه ڪي زالن جي پائڻ جا ڪپڙا ڪئن پائبا؟

٢٧. **گڏهه ڪي پنج سنج پائبا ته گهوڙو ڪو نه ٿيندو. (پهاڪو)**

٢٨. **گڏهه ڪي مار ڏيئي، گهوڙو ڪري ڪو نه سگهبو. (پهاڪو)**

٢٩. **گڏي اَڏجي، يا لڏي چڏجي. (ورجيس)**

گڏ رهجي ته مٺ محبت ۾ گڏجي رهجي، جي نه ته لڏي چڏي ڏجي.

٣٠. **گڏريءَ کي ياد نه ڪر، جا گڏري سا چوڪي. (پهاڪو)**

٣١. **گرمي چڏي جهڻ ڪنگر سان، سردي چڏي زر ڪنگر سان. (پهاڪو)**

بدن ۾ گرمي ٿئي ته جهڻ پيئڻ سان لهي، ٿڌ لڳي ته ناٽي خرچڻ سان لهي.

٣٢. **گرهه گرهه تي ڪچري. (ورجيس)**

٣٣. **گرو جسڪا انڌا، چيلا ستيا ناس. (پهاڪو)**

٣٤. **گرو ڪجي پڇاڻي، پاڻي پيئجي ڇاڻي. (پهاڪو)**

٣٥. **گرو همراهه: ته ڪنهن جو نه ڊپ، نه ڊاءُ. (پهاڪو)**

همراهه. ساٿي.

٣٦. **گروءَ ڪانسواءِ گت ڪانهي. (پهاڪو)**

گت: موڪشيہ.

٣٧. **ڳگرُ ڳگرُ پندا اڙيا. (پهاڪو)**

ڳگر: جابلو ڪوُنئر. پندا: ٽوڪرا. اڙيا: ڦاٿا، اَٽڪيا. ٢. ڪنهن ٽوڪري کي ڳگر جو ڪوُنئر چنبڙي ته ڇڏائجي ڪو نه سگهجي. ڪنهن ماڻهوءَ کي ڪجهه مدد هڪوار ڪبي آهي ۽ وري اِنهيءَ جو وجهه وٺي گهڙي گهڙي ستائڻ واري کي ٻه ائين چئبو آهي.

٣٨. **گمان، بي ايمان. (پهاڪو)**

٣٩. **گنجو مٿي ڪنهڻ کان سواءِ ڪو نه رهندو. (پهاڪو)**

٤٠. **گنجي جي مٿي ۾: نه جوءِ، نه لِيکَ. (پهاڪو)**



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

۴۱. **گنجي چٽي، جوُنئن ڪان.** (پهاڪو)

نڪو مٿي تي وار هوندا، نڪو جوُنءِ ئي پونديون.

۴۲. **گند گند سان ڪو نہ ڌوپندو، پر پاڻيءِ سان ڌوپندو.** (پهاڪو)

۴۳. **گنگوءِ وارو گوڙ!** (ورجيس)

حيدرآباد سنڌ ۾ ڪجھ وقت اڳ، گنگو پڪوڙائي رهندو هو. هو هميشہ ڪوسا پڪوڙا تري ماڻهن کي کارائيندو هو. هن جا پڪوڙا ماڻهن کي ڏاڍا وڻندا هئا ۽ هميشہ وٽس گراهڪن جو گوڙ لڳو پيو هوندو هو. مٿين چوٽي ائين مشهور ٿي آهي.

۴۴. **گونگن جو ڳائڻ، ٻوڙن جو ٻڌڻ.** (ورجيس)

گونگي جو اِشارو گونگو، ٻوڙي جو اشارو ٻوڙو سمجهي سگهي ٿو.

۴۵. **گونگو ڳڙ کائي، مشڪي مشڪي ڪين.** (پهاڪو)

مشڪي: ڪچڻ.

۴٦. **گهر-گيرو گهوڙو ۽ پيٽيرو ماڻهو، مهل ۾ ڪم نہ اچن.** (پهاڪو)

گهر-گيرو: گهَرَ ڪندڙ، ڍلو گهوڙو. پيٽيرو: گهڻو کائيندڙ.

۴۷. **گيهہ پوندي، ڪو مٽو سڙيو؟** (پهاڪو)

۴۸. **گيهہ ڪٽو، ڪپڙي پروان.** (پهاڪو)

---



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

## (ڳ)

١. **ڳالهين سنديون ڳالهيون، ٽڪي سندا موٺ. (پهاڪو)**

موٺ: دال جو قسم.

٢. **ڳڙ چاٽي، ڳڙ جي ڳوٿري چاٽي. (پهاڪو)**

٣. **ڳڙ سان مري ته زهر ڇو ڏجيس؟ (ورجيس)**

وات جي ميٺاج سان ڪنهن کي کهي سگهجي ته پوءِ هن کي سخت قدم کڻي ڇو مارجي؟

۴. **ڳڙ هميشه مٺو ئي مٺو، ليمو هميشه کٽو ئي کٽو. (پهاڪو)**

۵. **ڳڙ هوندو ته مکيون ضرور هونديون. (پهاڪو)**

٦. **ڳڙ ۽ گيهه سان به، ڪڏهن نم مٺي ٿي؟ (پهاڪو)**

٧. **ڳل مان لهي اچي ڳچيءَ ۾ پيئي! (ورجيس)**

٨. **ڳلن ڪونئري، ڳلا پٽائي. (پهاڪو)** [181]

٩. **ڳوٺ سئين، سا وهاڻ سئين. (پهاڪو)**

جيڪا ريت رسم ڳوٺ سان لاڳو هوندي سا اسان جي، ڪارج سان به لاڳو ٿيندي.

١٠. **ڳوهه کي جڏهن ڪٽي ڪٽي، تڏهن شڪارين جا گهر ڳولهي. (پهاڪو)**

١١. **ڳئون ۽ مينهن ويٺي ڏيي، بيٺي ڏيي اُٺ، چاري اٺي ڏجي سَجَ، گئو اٺي مُٺِ، جهڙو لڳي واءُ، تهڙي ڏجي پٺ. (پهاڪو)**

چاري اٺي: چانورن جو اٽو. سج: ترِيءَ جو زور. گئو اٺي : ڪٽڪ جو اٽو. مٺ: مٺ جو زور. [182]

---

[181] ان ڪهاوت جو مروج روپ آهي: منهن جي ڪونئري، ڳنا پٽائي.

[182] پيٽيو: جهڙو لڳي واءُ، تهڙي ڏجي پٺ.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

## ( گهہ )

**.١ گهاٽي جو ڏاند، ڪاسائيءَ جو ڪتو، جتي ٻيٺو اُتي ڇٺو. (چوٽي)** [183]

**.٢ گهاٽي جي ڏاند کي، گهر ۾ ئي ڪوهہ پنجاهہ. (پهاڪو)**

**.٣ گهر بہ اچن پٽ، هٽ بہ اچن پڪيون. (ورجيس)**

گهر ۾ توڙي دڪان تي، فائدي جون ڳالهيون پيئون ٿين.

**.۴ گهر پيا، گهنگهر پيا. (پهاڪو)**

گهنگهر: مونجهارا، اونا.

**.۵ گهر جڙيو، واڙيو وسريو. (پهاڪو)**

**.٦ گهر جو پاڻيڻ، ٻئل برابر. (پهاڪو)**

**.٧ گهر جو پير، چلهہ جو مارنگ. (پهاڪو)**

مارنگ: چلهہ تي ديڳڙي ٻيهارڻ لاءِ پٿر. ٢. پنهنجي گهر ۾ يا ديس ۾ ڪو پير يا وڏو ماڻهو هوندو آهي تہ قدر ڪو نہ ٿيندو اٿس. اُنهيءَ کي خارج سمجهي چلهي ۾ دخل ڪري ڇڏيندا آهن. انهن جو قدر وري ٻاهر چڱو ٿئي.

**.٨ گهر جو ڪن، گهر ۾ ڏوئجي. (پهاڪو)**

هيئن بہ چون: ١. ڪني اڳڙي، ڪنڊ ۾ ڏوئجي. ٢. گهر ۾ ڪڏ هجي، تہ ٻهر ٻاهر چو ڦٿو ڪجي؟

**.٩ گهر جي دال ئي ڀلي، توڙي ٻاهر ملي پلو. (چوٽي)**

**.١٠ گهر جي ڪنڊ ڪري ڪر ڪر، چوريءَ جو ڳڙ مٺو مٺو! (چوٽي)**

**.١١ گهر جي گهپي، مٽن جو پاڻي بہ سڪائي ڇڏي. (چوٽي)**

**.١٢ گهر جي نيت، قنڌار جي ڪتي. (چوٽي)**

**.١٣ گهرجيئي پاڳ، تہ سويل جاڳ. (چوٽي)**

**.١۴ گهر ڦوڪ، تماشا ديڪ. (چوٽي)**

**.١۵ گهر ڪي مرغي، دال برابر. (ورجيس)**

**.١٦ گهر گهوڙن کي، ٻار چورن کي. (چوٽي)**

**.١٧ گهر ۾ بہ گهر ڪاٽو، ٻاهر بہ گهر ڪاٽو. (چوٽي)**

**.١٨ گهر ۾ ٻہ ٽڪر، بہ ڪو نہ ٿهن. (پهاڪو)**

**.١٩ گهر ۾ چار ٽڪر، لڳندا ئي لڳندا. (پهاڪو)**

**.٢٠ گهر ۾ غرقي بہ ڪانهي، دم هٽي تو نوڙهيءَ جو. (ورجيس)**

غرقي: ٻڏل اَنُ. نوڙهي: سني ڪٽڪ.

**.٢١ گهر ۾ ڪڏ هجي، تہ ٻهر ٻاهر چو ڦٿو ڪجي؟ (پهاڪو)**

---

[183] پيٿيو: چاڪيءَ جو ڏاند، ڪاسائيءَ جو ڪتو، جاتي آيو، اتي ٻيٺو.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

۲۲. **گهر ۾ ڪلا ٻچا، ٻاهر شير بهادر ٻلي. (پهاڪو)**

گهر ۾ پادر لڳن، ٻاهر ٻلي بهادر ٿي پيئي هلي.

۲۳. **گهر ۾ گهر، ٻڏي وڃي مر. (چوڻي)**

۲۴. **گهر ۾ هڪ بيمار، ته سڄو گهر بيمار. (پهاڪو)**

۲۵. **گهر ۾ هڪ مهمان، ته سڄو گهر مهمان. (پهاڪو)**

۲٦. **گهر واريءَ جو هڪڙو گهر، ٻي گهريءَ جا سوَ گهر. (پهاڪو)**

۲۷. **گهڙو ڀڳو ته گهوريو، ڀڄي تان نه گهڙي. (پهاڪو)**

گهڙي: جنهن تي گهڙو رکبو آهي. گهڙو: پاڻيءَ جو دلو. ۲. دلو ڀڳو ته حرڪت ڪانهي، پر دلي رکڻ جي جاءِ ته نه ڀڄي.[184]

۲۸. **گِهڙيا، سي چڙهيا. (پهاڪو)**

جيڪي ڪنهن ڪم ۾ گهڙي پيا، سي ضرور ڪنهن نه ڪنهن ڏينهن چڙهي چوٽ چڙهندا.

۲۹. **گهڙيءَ جا گهڙيال، نوان. (چوڻي)**

گهڙيال جا نوان نوان نڪاءَ.[185]

۳۰. **گهمي گهمائي ونجي، ڏهي ڏهائي ونجي، ٽڪي جي دانگي، ٽڪي ٽوڪي ونجي. (پهاڪو)**

۳۱. **گهٽا: (ڇڻ) پٽ الله جا. (پهاڪو)**[186]

۳۲. **گهڻ پيٽاري ٻگڙي، ڪائي ويئي جهار. (پهاڪو)**

گهڻي پيٽي (ٻلي) زمين جي پوک، آخر پکي ڪايو وجن چاڪاڻ ته هر هڪ پائيوار پيو سمجهندو آهي ته ٻيو حصيدار پوک سنڀاليندو هوندو.[187]

۳۳. **گهڻن سان مرڻ به جڄ آهي. (پهاڪو)**

جڄ: شادمانو.[188]

۳۴. **گهڻن ڪنئي، ڇپر ڪچي. (پهاڪو)**

ڪو به بار، گهڻا ماڻهو ڪڻندا ته آسانيءَ سان ڪچي ويندو.

۳۵. **گهڻن ڪي ٿمر، هڪڙي ڪي ٻري. (پهاڪو)**

۳٦. **گهڻو عقل، گهر جو گهاٽو. (چوڻي)**

۳۷. **گهڻو مال، گهڻو وبال. (چوڻي)**

وبال: بيماريون. ۲. گهڻو مال، گهڻيون بيماريون.

---

[184] گهڙن يا دلن يا مٽن رکڻ واري گهوڙيءَ کي گهڙامنجي چئبو آهي. گهڙيءَ جي معنيٰ ننڍو دلو به آهي ۽ وقت يا ويلي کي به گهڙي چئبو آهي. هٿان ويل يا ٽاٽو، ٻيهر هٿ نه ايندو. اهو شل ڪنهن جو نه وڃي. هتي مراد اها آهي.

[185] زمانو ۽ وقت تيزيءَ سان بدلجندو رهي ٿو، ڪنهن جو بيهي انتظار نه ٿو ڪري.

[186] مراد آهي؛ جنهن ڪم ۾ گهڻا هٿ وجهن، تنهن ۾ رب جي مدد پڻ پهچي ٿي. جيئن فارسيءَ ۾ چوڻي آهي؛ آواز خلق، نقاره خدا است.

[187] اهو پهاڪو هنن لفظن سان مشهور آهي؛ گهڻ-پٽاڻ وڪري، ڪائي وئي جهار. يعني هاريءَ جيڪا پوک پنهنجي گهڻن پٽن جي آسري پوکي آهي، تنهن کي جهار ڪائي وڃي ٿي. چو جو هڪ معاملي ۾ گهڻا ڄڻا سنڀالڻ لاءِ رکبا ته ڪنهن کي به ذميواريءَ جو احساس نه رهندو.

[188] مقرر روپ؛ گهڻن سئين موت؛ جڄ برابر.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

۳۸.  **گهٽي زالين گهر نه هلي، گهٽي مڙسين هر نه هلي. (پهاڪو)**

۳۹.  **گهٽي ڪاڏي، گهٽي بک. (پهاڪو)**

۴۰.  **گهوٽ ڪنوار راضي، ته ڪيا ڪريگا قاضي؟ (پهاڪو)**

۴۱.  **گهوٽ ماءُ ڪان، ٻه اَهنر ماءُ تڪڙي! (پهاڪو)**

وِهانءَ وِڏاڻي تي، گهوٽ ماءُ ڪان ٻه اَهنر ماءُ وڌيڪ ڦر ڦر ڪندي آهي.

۴۲.  **گهوٽڻ مهل غرق ٿيا، چاٽڻ مهل چتا، پيئڻ مهل ائين آيا، جيئن گو سائين جا ڪتا. (ورجيس)**

هيئن به چون: شبد مهل ستا، پچن مهل پڳا، پرشاد مهل ائين آيا، جيئن قلندر جا ڪتا.

۴۳.  **گهوڙا ۽ پَٽُ، ملا ۽ پَٽُ، هو ڪشيا تا رسيا، هو نيا تا چَٽُ. (چوڻي)**

گهوڙا ڪشي پٽن تي چڙهيا ته وڃي مقصد تي رسندا، ملا ٻه پيت جي ڪٽورن تي وينا ته اُهي ٻه چٽ ڪري اٿندا.[189]

۴۴.  **گهوڙن ۽ گهوٽن، جيئڻ ٿورا ڏينهڙا. (چوڻي)**

۴۵.  **گهوڙو گاهه سان رعايت ڪندو ته بک پاڻ مرندو. (پهاڪو)**[190]

۴٦.  **گهوڙو گهر ڀر، اگهه بزار ڀر. (ورجيس)**

۴۷.  **گهوڙي جو پڇ وڏو ٿيندو ته پنهنجون مکيون ئي مس هڪليندو. (پهاڪو)**

۴۸.  **گهوڙي ۽ جوڙي جو، هميشه خير گهرجي. (گفتار)**

گهوڙو ٻه شل جيئرو هجي جو روزگار پيو نڪرندو. ۲. جوڙو ٻه شل خوش هجي.

۴۹.  **گهونگهٽ لهڻ ڪانپوءِ، نچڻ ۾ ڪهڙو مهڻو؟ (پهاڪو)**

۵۰.  **گهيٽو ڌاريم اُن ڪي، هٿان چري ڪپاهه. (ورجيس)**

ان: گرم ڪپڙي جو ڌاڳو. ۲. گهيٽو خريد ڪيو ويو اُن هٿ ڪرڻ لاءِ. گهيٽو وينو ماڳيئي ڪپاهه ڪائڻ. ۳. گهيٽو ڌاريم ان لاءِ، رهندو چري ڪپاهه، جوءِ ڌاريم گهر لاءِ، رهندو ماريم ماءُ، ننهن ڌاريم سک لاءِ، سس جو ڪڍي ساهه، پٽ پاليم پوءِ لاءِ، ڪٽي ڪري پاهه، پاڙو ڌاريم پريت لاءِ، رهندو ڪڻ ڪپاءُ، ڏوس ڌاريم ڏک لاءِ، ونئي نه ڏينم پاءُ، پير ڪٽج پختو ڪري، جو دنيا دٻ دٻاءُ. (پوءِ لاءِ: پيڙهيءَ جي سک لاءِ. ڪڻ ڪپاءُ: پٽ سٽ، ڦرمار لاءِ. ڏوس: دوست، دوست، يار، خيرخواهه، گهٽگهرو.) (پهاڪن جي پاڙ-سنڌيلو)

---

[189] پيٽيو: ملا ۽ پَٽُ، گهوڙا ۽ پَٽُ، هي چڙهيا ته رسيا، هو نيا ته چٽ.

[190] مقرر روپ: گهوڙو گاهه سان ياري رکندو ته کائيندو ڇا؟



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

## ( ل )

١. **لاڙ آهي ساڙ، پيو مچرن جو آزار، اندر منگهڻ ڪارڙا، ٽيون پاهر ماڪ ماري. (چوڻي)**

لاڙ ملڪ جي آب هوا بابت.

٢. **لاڙ جو ڏڱو، سِري جو ماٺهو. (چوڻي)**

لاڙ جي پڙهيلن جي گهٽتائي.

٣. **لالچ، بري بلا آهي. (چوڻي)**

٤. **لالن لوءِ، ڪي اڳي ڪي پوءِ. (چوڻي)**

ايشور (لالن) جي گهر (لوءِ) ڪي اڳي ويندا ڪي پوءِ، پر ويندا سڀيئي.

٥. **لاهوتي لڏي ويا، ڪاري ڪتي چڏي ويا. (پهاڪو)**

٦. **لاهين پنيان چاڙهيون، چاڙهين پنيان لاهيون. (پهاڪو)**

لاهه جي پنيان چاڙهه، چاڙهه جي پنيان لاهه.

٧. **لپي لوٽڪ به نه، مري ٽو مريڙي ڪي. (ورجيس)**

٨. **لتر ڪي، چڪر پچي. (پهاڪو)**

لتون هڻڻ واري ڪي وري ڪو چڪ پائيندڙ گڏبو آهي تڏهن ڪم ٿيندو آهي.[191]

٩. **لتن وارا پوت، ڳالهين ۾ نه سٽرن. (پهاڪو)**

جيڪي رڳو لتن سان سمجهي سگهن سي چٽ چوُٽ منين ڳالهين سان سڌا ڪو نه ٿي سگهندا.[192]

١٠. **لٽ به ڏيڪارجي، چَٽِ به ڏيڪارجي. (ورجيس)**

چٽ: ڪتن جي ڪاڏي ڪارائڻ لاءِ ٽانوُ. ٢. ڪتي ڪي ڪاڏي جو ٽانءُ به ڏيڪارجي پر لٽ به ڏيڪارجي. اهڙيءَ طرح ڪنهن ڪي چَٽ به ڏجي ته دڙڪو به ڏجي.

١١. **لٽ ڏسي، پولڙو نچڻ شروع ڪري. (پهاڪو)**

مداريءَ ڪي لٽ هٿ ۾ ڪٽندو ڏسي، پولڙو ناچ ڪرڻ لڳندو آهي.

١٢. **لٽ هڻڻ سان، پاڻي ڪو نه ڇجي. (پهاڪو)**

پاڻيءَ ۾ لٽ هڻبي ته پاڻي جدا ڪو نه ٿي پوندو.

١٣. **لج ڪبي، بک مربو. (چوڻي)**

١٤. **لجن تان، لک قربان. (چوڻي)**

پنهنجي لج رکڻ لاءِ، لک به قربان ڪري ڇڏجن.

١٥. **لج ويئي لال تي، شرم ويو شڪار تي! (ورجيس)**

١٦. **لچان چوران پت نه ڪا ئي، توڙي هجن سڳي پائي. (چوڻي)**

---

[191] پيٽيو: چڪر سان پچي، لتر.

[192] هندي روپ: لاتون ڪي پوت، باتون سي نهين مانتي. يعني: پادرن سان ڪم ڪرڻ تي هريل، دليلن سان ڪم نه ڪندو.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

لچن ۽ چورن تي ڪڏهن بہ اعتبار نہ ڪجي، ڀوءِ ڀلي هو ڀنهنجا مٽ مائٽ بہ هجن. چاڪاڻ جنهن جو سڀاءُ لچائي جو آهي سو ڪڏهن بہ لچائي ڪرڻ کان ٽرندو ڪو نہ.

١٧. **لچائي تہ بادشاهي. (چوڻي)**

١٨. **لچ سان ليکو رکجي تہ شاهد رکجن سَٺَ، جي هڪڙو ٽئي هيڏانهن هوڏانهن تہ ليکي کي ئي لت. (چوڻي)**

١٩. **لچ سان منو ڳالهائڻ آهي، سندس هٿ وڍائڻ. (چوڻي)**

لچي ماڻهوءَ سان، ڪڏهن بہ منو نہ ڳالهائجي.

٢٠. لچمي؛ ڪلچڻ ڍڪڻي. (چوڻي)

ناڻو هئڻ سان ڪلچڻ (ڪنا لچڻ) بہ ڍڪجيو ڀون.

٢١. **لچمي وڃي تہ لچڻ بہ وڃن. (چوڻي)**

٢٢. **لڏ بہ ڏي، تہ لڏاڻي بہ ڏي. (ورجيس)**

٢٣. **لڪڙيءَ کي سلام. (چوڻي)**

عهدي کي عزت.

٢۴. **لک جي ڀاهت بہ چڱي. (چوڻي)**

٢۵. **لک ڪٽيا ڏومڻي، جو ڏوم واپس آيو. (ڀهاڪو)**

لک ڪٽيا ڏومڻي يعني لنگهي جنهنجو مڙس ڏوم يعني لنگهو ڪرت ڪار لاءِ ٻاهر ويو، ڪجهہ وقت موٽي ڪو نہ آيو، تنهنڪري سمجهو ويو تہ مري ويو آهي. ڀر قدرت سان ڪن ڏينهن کان ڀوءِ موٽي آيو. تنهن تي متئين نموني چيو ويندو آهي.

٢٦. **لڪئي مان لِڪَ؛ نڪو لاهي، نڪو ڀائي. (چوڻي)**

لِڪَ؛ ٿورو.

٢٧. **لکيا لهارن، کي ٽپر تي ٽانڊا. (چوڻي)**

لهارن جو ڌنڌو ئي اهڙو آهي جو کين ٽپر تي ٽانڊا ئي لڳندا آهن. ٢. ڪمبختن کي بہ سختيون ئي سهڻيون آهن.

٢٨. **لکي پڙهي جاڻي ڪينڪي، مسودي ۾ پڙ. (ورجيس)**

اَڻ پڙهيل جڏهن پاڻ کي هوشيار سمجهندو آهي تنهن ڏانهن اِشارو ڪيو ويندو آهي.

٢٩. **لکي لکانو، واچي الانو. (ورجيس)**

لکي لکڻ وارو، پڙهڻ وارو خدا.[193]

٣٠. **لکين ليلائون، چنيسر جي راڄ ۾. (ڀهاڪو)**

چنيسر راجا جي زال ليلا، ڪنهن جواهر جي لالچ تي ڀنهنجي ٻانهي ڪونئرو کي ڀنهنجي بدران راجا جي ڀلنگ تي سمهڻ ڏنو. جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو راجا جي دل اچي ٻانهيءَ سان لڳي ۽ ساڻس ڀرڻجي وينو. ليلا ائين سمجهي ويني هئي؛ سندس جهڙي راڻي راجا کي ملي ڪا نہ سگهندي. ڀر اها ڪيس جاڻ ئي نہ هئي؛ لکين ليلائون، چنيسر جي راڄ ۾.

[193] لکانو؛ لکاڏنو. الانو؛ الله ڏنو. ٻئي ماڻهن جا نالا. جيڪو ماڻهو لکڻ وقت لکي لکانو ۽ پڙهڻ وقت ان کي پڙهي الانو، اهڙي جاهل لاءِ ٽوڪ.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

**۳۱. لکيو پري، پر ڪڏهن نه ٽري. (چوڻي)**

هيئن به چون: ۱. لکئي مان لڪ: نڪو لاهي، نڪو پائي. ۲. ڏسو هيٺ ڏنل چوڻي.

**۳۲. لکيو منجهه نراڙ، قلم ڪياڙيءَ نه وهي. (چوڻي)**

**۳۳. لڳو ته تير، نه ته ٽُڪو. (ورجيس)**

ٽُڪو: تير جو ٻيو پاسو.

**۳۴. لڳو واءُ، ويو ساهه. (چوڻي)**

اُجڪلهه نمونو اهڙو آهي جو ڪن ۾ ماڻهوءَ جو ساهه نڪريو وڃي.

**۳۵. لمو ڏوڪڙ، ڏنگو چوڪر، ٽڪاڻي جي اُرداس. (چوڻي)**

ڪنهن وٽ لمو پئسو ٽڪو پيو هوندو آهي ۽ نه هلندو آهي ته ٽڪاڻي ۾ وڃي ارداس ۾ ڏيئي ڇڏيندا آهن. اهڙي نموني وري ڪنهن مائٽ وٽ ڪو ڏنگو چوڪر هوندو آهي ۽ گهر ۾ سڌري ڪو نه سگهندو آهي، تنهن کي ٽڪاڻي جي حوالي ڪري ڇڏيندا آهن ته پل ته ٽڪاڻي جا مفت جا مال ڪائي.

**۳٦. لنگهن، پنهنجو وهاڻُ. (پهاڪو)**

شادين تي لنگهن کي گهرائي ڪانئن دهل وغيره وڄائي ڪين پئسا ڏبا آهن. لنگهو دهلاريءَ کي به چيو ويندو آهي. سوال آهي ته جيڪڏهن خود لنگهن وٽ وهاڻُ ٿئي ته ڇا ٿيندو پنهنجو ڪارج سمجهي پاڻ وڏيڪ زور سان دهل وڄائيندا.

**۳۷. لنگهو ڇڙي مگن ڪان، اُهي ئي مڱ. (پهاڪو)**

لنگهي کي مڱ وٽن ڪو نه، پر ڪيس نصيب ۾ وري به مڱ ملن. [194]

**۳۸. لنگهي لاٿي لوئي، ته ڪيا ڪريگا ڪو ئي. (پهاڪو)**

لنگهو: بي شرم، نر-لج.

**۳۹. لوڀ ڇڏ، ته سون منين سان ورهائين. (چوڻي)**

سون منين سان ورهائڻ يعني بي ريائي ڪرڻ. ۲. مطلب ته جنهن پنهنجي لالچ ڇڏي، سو پورو انصاف ڪندو.

**۴۰. لوپيءَ سندي راڄ ۾، ٺوڳي مري نه بک. (چوڻي)**

جتي لوپي هوندا، تتي ٺوڳين جو بک مرڻ مشڪل آهي.

**۴۱. لوچ ته لهين لعل کي، ڏور ته پوئي ڏس. (چوڻي)**

لوچ: ڳولهڻ. لهين: لهين. ڏور: ڪوجنا. ۲. ڳولها ڪر ته لعل جهڙي قيمتي شيءِ (ايشور) هٿ ڪري سگهين. ڪوجنا ڪر ته ڏسُ پتو مليئي. ۳. ايشور يا دنيوي پدارٿ به بنا ڪنهن ڪوشش ڪرڻ واري کي ڪجهه به حاصل ڪو نه ٿيندو آهي.

**۴۲. لوڪ پسند پهرجي، دل پسند کائجي. (چوڻي)** [195]

**۴۳. لوڪ، آهي ٻوڪ. (چوڻي)**

ٻوڪڻ: ٻڪڻ، ٻڪ ٻڪ ڪرڻ. ۲. ماڻهو آهن ٻڪر وانگر ٻي ٻي ڪندڙ، ڪين ڳالهائڻ لاءِ مڙئي ڪجهه گهرجي.

---

[194] مقرر روپ: لنگهو ڇڙي مڱن ڪان، لنگهن اُهي ئي مڱ.

[195] هيئن به چيو ويندو آهي: هٿ سهائيندو ڪائجي، لوڪ سهائيندو پائجي. يعني ڪائجي اهو جيڪو جسم برداشت ڪري سگهي، پائجي اهو جيڪو ڏسندڙ برداشت ڪري سگهن.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

ڪوڙيون يا سچيون ڳالهيون وتن رات ڏينهن ڪندا.

۴۴.	**لولي، چُٽي ڪَتڻ ڪان. (پهاڪو)**

۴۵.	**لوڻ جي سمجهي ڪر، ته ڪنڌ جي ٿي پوندي. (چوڻي)** [196]

۴٦.	**لوڻ وجهي، پت پائيوار ٿيو. (ورجيس)**

لوڻ پوڻ سان پت سوادي ٿئي. ٿوري لوڻ پوڻ سان، لوڻ وجهڻ وارو، پت جو پائيوار ٿيو پوي. [197]

۴٧.	**لوڻ ۾ جيڪي پوي، سو لوڻ ٿئي. (پهاڪو)**

۴٨.	**لهي لوڻ ٻه نه، چي؛ منهنجو نالو سون ٻائي. (ورجيس)**

۴۹.	**لين لڏڻ چڏيو، اڄ لڏن تا لاٽا، سڄن سرمو چڏيو، اڄ پائن تا ڪاٽا. (گفتار)**

لئو: سَروَ جو وڻ. لاٽو: اٺ جي ڪائڻ لاءِ گاهه. ٢. اَڄڪلهه شاندار وٽن لڏڻ چڏي ڏنو، هاٹي اُٺ جي ڪائڻ وارا گاهه تا لڏن. سڄن ڪي چڏي هاٹي ڪاٹا سرمو پائڻ لڳا آهن!

۵۰.	**ليوُن پوڙن سان، پوڙا لين سان. (ورجيس)**

---

196 مٽي مائٽي، اهو سمجهي ڪر ته لوڻ جهڙو رشتو ڪري، نياٹي جنجل ۾ پيو وجهان. مٽان توڪل اها رک ته ان ڪي ڏٽي سڳورو، وري ڪنڌ جهڙي ڪري چڏيندو.

197 پيٽيو: دال گيهه تيرا، آگ ڦوڪ ميرا.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

## ( م )

۱. **ماچي؛ تہ ناچي. (ورجيس)**

ٽرڙو مچندو، تہ نچندو.

۲. **مادي ڪڪڙ بہ ڪڏهن ٻانگ ڏني؟ (پهاڪو)**

۳. **مار، پوٽ پڄايو چڙي. (چوڻي)**

۴. **مارجن تہ مير، پيئجن تہ کير. (پهاڪو)**

۵. **مارجن تہ مير، نہ تہ چاڪر چا چڪائجن؟ (پهاڪو)**

ڪم ڪجي تہ ڪو وڏو ڪجي، ننڍي ڪم مان چا ورندو.

٦. **مارجي دشمن وانگي، ڪارائجي سڄڻ وانگي. (ورجيس)**

ڪنهن کي مارڻو هجي تہ دشمن وانگي مارڻ گهرجي ۽ ڪنهن کي ڪارائڻو پوي تہ جئن ڪنهن سڄڻ کي ڪارائبو آهي تہ تئن ڪارائجي.[198]

٧. **مارن جي وٺ، ڏونئرن جي ڏوئي. (چوڻي)**

ڏونئرا: ڪاڏي جي سوادي شيءِ.[199]

۸. **مارڻ واري کان، رکڻ وارو ويجهو آهي. (چوڻي)**

۹. **ماري پاڻ، مِنهن ڪري مڱڻهار جو. (ورجيس)**

۱۰. **ماريءَ جي گهر، هڏن جو ڍير. (پهاڪو)**

شڪاريءَ جو گهر، هميشہ هڏن سان ڀريل هوندو آهي، ڇو جو سندس ڪرت ئي آهي جانورن کي مارڻ.[200]

۱۱. **ماريو ماءُ-وهيڻ، گهر پگو پيٽاس. (ورجيس)**

۱۲. **ماريي ڪان، پڏايو پلو. (پهاڪو)**

۱۳. **ماس ڪائي، هڏو ڳچيءَ ۾ ڪو نہ پٽبو. (پهاڪو)** [201]

۱۴. **ماڪ پيئڻ سان، پياس ڪا نہ لهندي. (پهاڪو)**

۱۵. **ماڪوڙيون مارڻ، ڪم نہ ڪيهر شينهن جو. (پهاڪو)**

۱٦. **ماکي آهي، تہ مک آهي. (پهاڪو)**

۱٧. **مال پرائو، بدھ شاهي. (پهاڪو)**

۱۸. **مال تي ملهہ، پنڌ تي پاڙو. (پهاڪو)**

جيترو مفاصلو هوندو، پاڙو بہ اوترو ئي پوندو. جهڙي شيءِ، تهڙي قيمت.

۱۹. **مال کي ڏور تہ پويئي ڏس. (پهاڪو)** [202]

---

[198] پنهنجي اولاد کي ڪارائجي ڊِوَ تي، پر ڪيس ڪم ۾ موچڙا هٽي بہ وهائجي جو هڏ پڳل هوندس تہ زندگيءَ ۾ تڪليف نہ ايندس.

[199] ڏونئرا: ڪرڙ جا ڏيلهو يا پڪا، جيڪي رڇي رپڙ ڳاڙها ٿيڻ کان پوءِ ذائقي ۾ مِنا ۽ سوادي ٿين.

[200] ماري يا شڪاري، سڄو ڏينهن شڪار تي يا ٻي زبانن تي ڪِيس ڪرڻ تي گذران ڪري ٿو، نتيجي طور سندس گهر نہ رڳو سون مين جي سجاوٽ کان وانجهيل رهي ٿو، پر منجانئهس رڳو ڏپ ۽ ڊِوندِ جي سڙاندِ پئي ايندي.

[201] پيٽيو: ڪٽڪ ڪدي، ٻهہ کي ڏجي باهہ.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

**.٢٠ مالڪ وجي ٻيڙيءَ چڙهيا، شاهد وتن گهوتا ڪائيندا. (پهاڪو)**

شاهد ويا شاهديءَ ڏيڻ پر ڏريون پاڻ ۾ نهي ويون. شاهد شرمائجي خيالن ۾ پئجي ويا.[203]

**.٢١ مان بہ راڻي، تون بہ راڻي؛ ڪير پريندو پاڻي؟ (پهاڪو)**

**.٢٢ مان بہ رئيس، تون بہ رئيس، گڏھ ڪير هڪليندو؟ (پهاڪو)[204]**

**.٢٣ مان بہ سس، تون بہ سس، چلهہ تان ديڳڙو ڪير لاهيندو؟ (پهاڪو)**

**.٢٤ مان نہ مان، مئن تيرا مهمان. (ورجيس)**

**.٢٥ مان وهان ٿي گهر، منهنجا ڪر ڪج ٿرِ! (ورجيسي جملو)**

**.٢٦ مانيءَ ڪي مزور گهڻا، مزور ڪي ماني گهڻي. (پهاڪو)**

**.٢٧ ماڻِ چوڻ، جيسين نُنهن اَچيئي، ڪاهُ پيءُ، جيسين ڏيءَ ٿيئي. (چوڻي)**

**.٢٨ ماٺهن پڳي، ڪاٺ بہ پڇي پون. (پهاڪو)**

ماٺهو گهر ڇڏي پڇي وڃن تہ سياويڪ ڪاٺ جا ٺهيل در دروازا بہ پڇي پون.[205]

**.٢٩ ماڻهو ڀڻيهہ لڄڻو، موچڙو ڇڻيهہ لڄڻو. (چوڻي)**

ماڻهو جيتوڻيڪ ڀڻيهہ لڄڻو آهي پر جڏهن موچڙو هٿ ۾ ڪٽي زور وارو ٿئي ٿو تہ پوءِ اهو ماڻهو ڇڻيهہ لڄڻو ٿيو پوي.

**.٣٠ ماڻهو سڀ چڱا، پر ڪي ڪن سان، ڪي ڪن سان. (چوڻي)**

ماڻهو سڀ سنا آهن پر ڪي ڪن سان، ڪي ڪن سان. ٢. مثال طور ڪو راجا آهي جو سيني ڪي وڻي پر ڏوهارين ڪي سزا ڏئي. يعني انهن لاءِ سنو ڪو نہ ٿيو.

**.٣١ ماڻهو سڀ نہ سهڻا، پڪي سڀ نہ هنجهہ، ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهہ، اچي بوءِ بهار جي. (چوڻي)**

**.٣٢ ماڻهوءَ جي ڪرڻ جي مند ئي ڪانهي. (چوڻي)**

**.٣٣ ماڻهوءَ هيرئي ڪان، شينهن هيريو چڱو آهي. (پهاڪو)**

**.٣٤ ماءُ بناري، پٽ ڳاٽي پڳو. (ورجيس)**

**.٣٥ ماءُ بنا مانڙيون، ڪوئي ڪو نہ ڏئي، مکڻ پريا هٿڙا، بيني اوءَ لائي. (چوڻي)**

مانڙيون: مانيون.

**.٣٦ ماءُ نہ ڏئي ساهہ، پيڻ تہ وهائي نيڻ. (چوڻي)**

**.٣٧ مائٽ جي دل مکڻ، اولاد جي دل ڪنڻ. (چوڻي)**

**.٣٨ ماءُ جو پيٽ، ڪنير جي آوي. (پهاڪو)**

آوي: نهائين. ٢. جئن ڪنير جي آويءَ مان ڪي ڪچا ٿانوَ ۽ ڪي پڪا ٿا نڪرن، تئن ماءُ جي پيٽان بہ ڪو اولاد کهڙو تہ ڪو کهڙو ٿو ڄمي.

---

[202] پيٽيو: لوچ تہ لهين لعل ڪي، ڏور تہ پويئي ڏس.

[203] پيٽيو: ڏٽي وجي ٻيڙيءَ چڙهيا، شاهد وتن گهوتا ڪائيندا.

[204] پيٽيو: تون بہ رئيس، مان بہ رئيس، پوءِ گڏھ ڪير هڪليندو؟ ٢. آءٌ بہ رئيس، تون بہ رئيس، گڏھ ڪير ڪاهيندو.

[205] ماٺهن پڳي: ماٺهن جي پڇج سان. ماٺهو، مڙي جڏهن ڪا شيءِ پڇڻ تي پون تہ چڱا پلا بند بہ ڏاري پڇي ڇڏين.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

۳۹. **ماءُ جي دل مکڻ، پٽ جي دل ڪنڻ. (چوڻي)** [206]

۴۰. **ماءُ جي ليکي تہ پٽ ويو آهي پڙهڻ، پر پٽ بندرا بن ۾ تنگيو پيو آهي! (ورجيس)**

۴۱. **ماءُ ڄڻيندي پنڙا ڏٽ ۾ ڏني، سچ سيڪو وسائي، پر ڪرو ڪو وسندي پٽي. (چوڻي)**

ماءُ تہ ٿلها متارا پٽ ڄڻي ڇڏيندي. سچ تہ سيڪو سائو ڪري سگهي تو پر شاباس انهيءَ ڪي آهي جا اڳيئي وسي پيئي آهي تنهن کي هلائيندو هلي.

۴۲. **ماءُ ڄڻيندي پنڙي، ڀاڳ نہ ڏيندي ونڊ. (چوڻي)**

ماءُ اولاد ڄڻيندي پر ڪين ڀاڳ ونڊي کو نہ ڏئي سگهندي.

۴۳. **ماءُ سا ماءُ، ٻيو سڀ دنيا جو واءُ، ماسي نہ ٿئي ماءُ، توڙي ڪيڏي ڏئي ساءُ. (چوڻي)**

۴۴. **ماءُ کان وڏيڪ، تاءُ دائيءَ ڪي. (پهاڪو)** [207]

۴۵. **ماءُ ماٽيجي، تہ پيءُ اڳ ۾ ئي ماٽيجو. (پهاڪو)**

۴۶. **ماءُ ماريندي، پر مارائيندي ڪا نہ. (چوڻي)**

۴۷. **ماءُ مرلي، پيءُ تنبورو، پٽ وڄائڻ ۾ پُورو. (گفتار)**

۴۸. **ماءُ مري رکي سکي، ڏيءَ دا نالا: ڏهي. (ورجيس)**

۴۹. **ماءُ موري، پيءُ بصر، پٽ پنهي کان ڪسر. (ورجيس)**

۵۰. **ماءُ موري، پيءُ بصر، ڏيءُ دا نانءُ: گل زعفران. (ورجيس)**

۵۱. **ماءُ نہ ويائي، ماسي ويائي. (پهاڪو)**

ڪا زال ويم ڪندي تہ سڄو بار اَچي پيٽس تي پوندو.

۵۲. **متيان اکر صحيح، هيٺيان ويا ڌهي. (پهاڪو)**

۵۳. **مٽن ڇڏيون مائٽيون، سڱن ڇڏيو ساءُ، اهڙو ڪو لڳو واءُ، جو پنهنجا بہ پراوا ٿيا. (گفتار)**

۵۴. **مَٽن ويني ماٽيون، ماٽين ويني مٽ. (پهاڪو)**

وڏن ويني ننڍا، ننڍن ويني وڏا.

۵۵. **مٺائيءَ سان ميٺ، حلوائيءَ سان وير. (ورجيس)**

وير: دشمني. مٺائي مٺي لڳي ٿي پر حلوائيءَ سان وير رکيو وينو آهي.

۵٦. **مٽ پورِيائي پلي، اُپٽيان تہ لاءُ نہ ساءُ. (پهاڪو)**

اپٽڻ: کولڻ. ۲. مٽ پوريل سني آهي، کولڻ سان ڪو بہ سواد ڪو نہ رهندو. [208]

۵۷. **مٺو مٺو هڙپ هڙپ، ڪؤڙو ڪؤڙو ٿُو ٿُو. (ورجيس)**

۵۸. **مِٺي بہ ماٺ، مُٺي بہ ماٺ. (چوڻي)**

شانت ۽ صبر سٺو آهي، تڪليفن ۾ بہ شانت ڪجي.

---

[206] پيٽيو: مائٽ جي دل مکڻ، اولاد جي دل ڪنڻ.

[207] مقرر روپ: ويائيءَ کان وڌ سور، دائيءَ ڪي.

[208] اها چوڻي مروج لفظن ۾ هيٺن چوڻ ۾ ايندي آهي: مٽ پيڙيائي پلي، اپٽي تہ ڇڏي ويندي ساءُ.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

**٥٩. مٺو ڪوڙائي، ساک ڪيڻ. (پهاڪو)**

هيئن ﺑﻪ چيو ويندو آهي: ١. هٿ ڪٺائي، حلوا نہ ڪائجن.

**٦٠. مڇ چوپڻ سان، مڇ سٽيي ڪا نہ ٿيندي. (پهاڪو)**

**٦١. مڇيءَ موت، ميئي شڪار. (پهاڪو)**

**٦٢. محبتي مڙنِ، تہ ٽنهي لوڪن لک پوي. (چوڻي)**

ٽي لوڪ: سرڳ، مرت، پاتال. ٢. عاشق مُڙن يعني آڻ مجين تہ ٽنهي لوڪن ۾ خبر پئجي وڃي. يعني اڻ ٿيڻي ڳالهہ آهي جو محبت ڪندڙ مُڙن.[209]

**٦٣. محنت ڪجي مزدورن وانگي، ڪائجي شاهہ وانگي. (ورجيس)**[210]

**٦٤. مدعي سست، گواهہ چست. (ورجيس)**

جن دعوائون ڪيون سي سانت ۾ آهن پر جيڪي شاهديون ڏيڻ آيا آهن سي پاڻ وڌيڪ ڀهرو پيا وٺن.

**٦٥. مڌ پيوڻ، ذات پرکڻ. (چوڻي)**

شراب پيئڻ ڪانپوءِ، ذات پرکجيو پوي.

**٦٦. مران تہ منجي تي، پنان تہ وٽي تي! (ورجيس)**

**٦٧. مرد ٿجي يا مرد جي پاڇي ۾ ويهجي. (پهاڪو)**

**٦٨. مرد مري مان کي، گانڊو مري نان کي. (پهاڪو)**

**٦٩. مردن جا هٿ سونا، تہ زالن جون پانهون سونيون. (پهاڪو)**

**٧٠. مردو: نرڳ وڃي تہ ڇا؟ سرڳ وڃي تہ ڇا؟ (گفتار)**

**٧١. مَرسان مَرسان، پر ڏِپَ نہ چَرسان. (گفتار)**

هڪڙي شينهن چيو تہ مرندي مري ويندس پر ڏڀ (گاهہ) نہ ڪائيندس.

**٧٢. مر سين سُڄاڻا، ٻئي جنگهون ڪاٺ ۾، ڪُهِہ سين اُڄاڻا، هنيون هندوري لوڏجي. (پهاڪو)**

سڄاڻ مردن سان ڪاٺ ۾ جنگهون (جيل) ﺑﻪ قبول آهن پر اَڄاڻ بيوقوفن سان هندوري (جهولٽي ۽ پينگهي) ۾ لڏڻ ﺑﻪ قبول نہ آهي.

**٧٣. مرض ايندو آهي گهوڙي وانگر، ويندو آهي جونءِ وانگر. (چوڻي)**

**٧٤. مرڻ مهوُرت نہ پڇي، پڇي نہ تِٿِ، نہ وار. (چوڻي)**

**٧٥. مروان موُت، ملوڪان شڪار. (پهاڪو)**

هيئن ﺑﻪ چون: 'مڇيءَ موت، ميئي شڪار.'

**٧٦. مري نہ ميهار، تہ وَڳُ ولهو نہ ٿئي. (پهاڪو)**

ميهار: وٿاڻ سنڀاليندڙ. وڳ: وٿاڻ. ولهو: سڃو. ٢. شل نہ ڪو وٿاڻ جو سنڀاليندڙ مري وڃي نہ تہ وٿاڻ ئي سڃو ٿي ويندو.

---

[209] اها ڪهاوت مروج لفظن ۾ هيئن چئي ويندي آهي: محبتي مِڙن/ ملن، تہ ٽنهي لوڪن لکا پوي. عاشقن جو وصال، ڳجهو نہ رهي سگهندو. ان جهڙي ٻي ڪهاوت آهي: عشق ۽ مشڪ، لڪائي نہ لڪن.

[210] اها ڪهاوت مروج لفظن ۾ هيئن مروج آهي: موچي ٿي ڪمائجي، بادشاهہ ٿي ڪائجي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

**٧٧. مڙس آٽي اَڪيءَ چڪيءَ، زال وجائي هڪيءَ ٻڪيءَ. (چوٽي)**

مرد گهر ۾ ناٽو آٽي اَڪو چڪو (گهٽو) پر زال اُهو ناٽو هڪيو تڪيو ۽ (اُتي جو اُتي) وڃايو خلاص ڪريو ڇڏي.

**٧٨. مڙس ٻنان، ويهون ڪير ڪري؟ (چوٽي)**

**٧٩. مڙس تہ ڏاڙهي، نہ تہ ٻيا سپ ڏاڙهہ. (چوٽي)**

ڏاڙهہ: ڏاڙهيندڙ.[211]

**٨٠. مڙس تہ رتي. (چوٽي)**

**٨١. مڙس پوڙهو، زال جوان: تنهن کي جاڻج، ڪَڪَ جو ڪان. (چوٽي)**

ڪَڪَ جو ڪانُ: ڪَڪَ جو ڪانو.[212]

**٨٢. مڙس جو پاهوڙن سان ميڙي آڻڻ، زال جو سئيءَ سان ڪوٽي ڪيڻ. (ورجيس)**

پاهوڙي: ڏانداري، ڪوڏر جهڙي شيءِ، جنهن سان گهوڙن جي لڏ وغيرهہ ميڙي ويندي آهي. وڏي هٿڻ ڪري، ٻهاري ڪان وڌيڪ ميڙي ايندي آهي. ٢. مڙس پنهنجي ڪمائي وڏي ٿانو ۾ ميڙي اُچي پر زال سئيءَ وانگر آهتي آهستي ڪوٽي خلاص ڪيو ڇڏي.

**٨٣. مڙس جو ڪٽيو، زال جي سهيڙ. (چوٽي)**

**٨٤. مڙهہ بہ ڪڏهن، مقام مان موٽيا آهن؟ (پهاڪو)**

**٨٥. مسيت ڊهي ويندي، پر محراب ڪو نہ ڊهندو. (چوٽي)**

**٨٦. مصيبت ايندي آهي تہ اڪيلي ڪا نہ ايندي آهي. (چوٽي)**

**٨٧. مغلن اڳيان، فارسي وسريو وڃي. (پهاڪو)**

**٨٨. مفت جو شراب، قاضيءَ کي بہ حلال. (چوٽي)**

**٨٩. مفت ڪا چندن، گهس ميري تن بدن. (چوٽي)**

**٩٠. مکڻ پئي، ڪنهن جو مٿو سڙندو؟ (پهاڪو)**

**٩١. مکڻ سڌيءَ آڱر سان ڪو نہ نڪرندو. (پهاڪو)**

**٩٢. مکي، گهر جو دکي. (پهاڪو)**

جيڪو هڏ ڏوکي مکي آهي سو گهر ۾ ويهي ڪو نہ سگهي.

**٩٣. مڪر چڪر جي ڪهاڻي: اڌ ڪير، اڌ پاڻي. (پهاڪو)**

**٩٤. مگن ڏاندي، ڪارڙي ٽاندي، مگ پچي، ڪارڙو نچي، مگ لُئو، ڪارڙو مئو. (چوٽي)**

ڪارڙو: هڪ تر ڪان بہ ننيو جيت، لاڙ جي علائقي ۾ ٿيندو آهي. ٢. جڏهن مگن کي ٻاهہ لڳي تہ ڪارڙي کي ٻاهہ لڳي، مگ جڏهن پچي تڏهن ڪارڙو بہ پچي پر وري جڏهن مگن ۾ لاٻارو پوي تہ اهو جيت بہ مريو وڃن. مطلب تہ اِنهيءَ جيت جو جياپو مگ تي ٿو مدار رکي.

---

[211] مڙسن بابت ٻي بہ ڪهاوت آهي: هڪڙا ڏاڙهي، ٻيا ڏاڙهہ، ٿيان ڏاڙهين جا ويڳاڙ.

[212] ڪُڪِ: پاسريءَ ڪان ٿورو هيٺ پيٽ جو عضوو، جتي اگر ڌڪ لڳي تہ بچڻ مشڪل ٿيو وڃي. ڪانُ: تير. ڪُڪِ جو ڪانُ: پيٽ وارو تير، جنهن مان بچڻ مشڪل هجي. ڪراڙو مڙس نوجوان زال لاءِ ائين آهي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

۹۵. **مڱيا نہ پرڻجن، پر لکيا پرڻجن. (چوڻي)**

چوڪرا چوڪريون پلي تہ مڱيا وينا هجن پر جنهن جو ليک هوندو سو پرڻجي ويندو.

۹٦. **مڱيو تہ اڙيو، پرڻيو تہ پيو ڪاٺ، ماڻهو ڪريو ماٺ، مڙس بہ ويو تہ پئسا بہ ويا. (گفتار)**

۹٧. **ملان جي ڪُني، جتي ڪتي حلال. (چوڻي)** [213]

۹۸. **ملا ۽ پَٽُ، گهوڙا ۽ پَٽُ، هي چڙهيا تہ رسيا، هو ئيا تہ ڇٽ. (چوڻي)**

پيٽيو: گهوڙا ۽ پَٽُ، ملا ۽ پَٽُ، هو ڪشيا تا رسيا، هو نيا تا ڇَٽُ. (چوڻي)

۹۹. **ملتاني گهيتلو: جيڪو پائي، تنهن کي پورو. (چوڻي)**

۱۰۰. **ملڪ صاحب دا وسي: ڪو ئي روئي، ڪو ئي هسي. (چوڻي)**

۱۰۱. **مِلڪ ۾ ڏيڍ ڪجور، ميان ليٽي باغ ۾. (ورجيس)**

۱۰۲. **ملن جي پريت طبق تائين، چوڪرن جي پريت سبق تائين. (چوڻي)**

۱۰۳. **ملو چور، ٻانگو شاهد! (پهاڪو)**

۱۰۴. **ملو مئو، مهابو لٿو. (پهاڪو)**

مهابو: لحاظ. ۲. ملو مئو تہ ملي جو لحاظ بہ ڇٽو. [214]

۱۰۵. **ملو نام مولا جو، آخوند سپ اَنڌا. (چوڻي)**

۱۰٦. **ملو، مجاور ۽ ڪانءُ، ٽيئي اکر هڪڙي. (چوڻي)** [215]

۱۰٧. **ملوڪ ماري، جڏا جيئاري. (چوڻي)**

ايشور جي جوڙ عجيب آهي. اَڻ منڌائتا ملوڪ مرڪندڙ ماريو ڇڏي ۽ وري ڪيترا جڏا، جي مرڻ لاءِ آتا هجن، تن کي جياري.

۱۰۸. **ملي جي جنگ، مسيت سان. (چوڻي)**

۱۰۹. **من ڏونگهو، ڇپ ڏوئي، هوندو جو ئي، ڏيندو سو ئي. (چوڻي)**

۱۱۰. **مند ويندي، جند ڪا نہ ويندي. (چوڻي)**

۱۱۱. **منڌائتو هڪ، اڻ منڌائتا سَوَ. (چوڻي)**

مند تي هڪ بہ پيو سهندو بي منڌائتا سوين بہ ڪو نہ سهندا. [216]

۱۱۲. **منڌائتي مينهن جي، ڪنوڻ نہ ڪوٽي. (چوڻي)**

مند تي مينهن پوي تہ اُنهيءَ جي وچ ڪوٽي نہ سمجهڻ گهرجي.

۱۱۳. **منهن تہ آهيريان ئي اُجرو، اندر جو ڪارو، ٻاهر زيب زبان سين، دل جو هچارو! (چوڻي)**

آهيريان: آرسيءَ ڪان. اُجرو: صفا.

---

[213] ان ڪهاوت جو مقرر ۽ مروج روپ آهي: ملان جي ڪني، اڻ ڏني حلال.

[214] مهابو: خير يا خيرات جو ثواب. وڏن کي ثواب بخشائڻ لاءِ، ملي موراڻي کي انهن وقتن تي، جن تي فوتي ماني کائيندو هيو، ائين جو ائين، ماني ڏبي آهي. جڏهن اهو مهابي ٻدل ملو، جهان مان رخصت ٿيندو آهي تڏهن مهابو ختم سمجهبو آهي.

[215] ملو، مجاور ۽ ڪانءُ، ٽيئي اکر هڪڙي، هو سٽ نہ اچي سيگ جي، هو نينهن نہ ڳنهي نانءُ، هو هلي ڪين حفظ سان، پرجهي ذري نہ پانءِ، اهڙو نلهو ٿانءُ، پيجي چو نہ پورا ڪرين. شاهہ.

[216] منڌائتو مينهن هڪ بہ فصل لاءِ ڪافي آهي. اڻ منڌائتا سوين مينهن سواءِ نقصان جي ڪجهہ نہ ڏين.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

١١۴. **منهن جو ملوڪ، اندر جو ڪارو. (ورجيس)**

١١٥. **منهن ڏسي، تلڪ ڏجي. (پهاڪو)**

جھڙو ماڻهو هجي، تنهن سان اهڙي نموني هلڻ گهرجي.

١١٦. **منهن ڏسي، منائي گهرجي. (پهاڪو)**

١١٧. **منهن مور جھڙو، اکيون چور جھڙيون! (ورجيس)**

١١٨. **منهن ۾ ملو، دل ۾ ڪاسائي. (ورجيس)**

١١٩. **مهارن مان نڪتل ڏند، مهارن ۾ موٽي ڪو نہ ويندا. (پهاڪو)**

١٢٠. **مھر گهٽي، ڪير ٽورو. (ورجيس)**

١٢١. **مُهريءَ ڪي بہ متا: جيڏانهن وراءِ، تيڏانهن وري. (پهاڪو)** [217]

١٢٢. **مهينو پنو، ڪُتن رنو. (چوڻي)**

١٢٣. **موت ۽ ملاقات: اوچتو. (چوڻي)**

١٢۴. **موت جو ڊپ ڏبو، تہ تپ تي بہ راضي رهندو. (ورجيس)**

١٢٥. **موتيءَ جو ملھ، شيشہ-گر چا ڄاڻي؟ (پهاڪو)**

١٢٦. **موتيو اُتي مار، جاتي پاڻي هجي تار. (چوڻي)**

موتيو: ڇانور جو هڪ قسم جو وڏي پاڻيءَ ۾ پوکي سگهبو آهي.

١٢٧. **موچڙن سان، جهولي ئي تنهنجي. (چوڻي)** [218]

١٢٨. **موچڪي رنبي: حلال ۾ بہ وهي، حرام ۾ بہ وهي. (پهاڪو)**

١٢٩. **موچيءَ جا گهڙيل، موچيءَ جي منهن ۾. (ورجيس)**

١٣٠. **مور چڱو، پر پير ڏنگا. (پهاڪو)**

١٣١. **مُور ڪان، لاڀ منو. (چوڻي)**

يا مور ڪان وياج منو. وياج خور ڪي پنهنجي موڙي وسري ويندي آهي، جڏهن ڪيس وياج ملندو آهي.

١٣٢. **مورک جي خوشامد ڪان، سياڻي جي ٺوڪ ڀلي. (چوڻي)**

١٣٣. **مورن ۾ ڪانگ. (ورجيس)**

١٣۴. **مور نہ ڪائجي، مور جو ڪٽيو ڪائجي. (چوڻي)**

١٣٥. **موريءَ ڪي، پنهنجي پنن جو بار ئي گهڻو آهي. (پهاڪو)**

١٣٦. **موڙي ليپنديئي نهين، نَڪرُ چاليها مگدا. (پهاڪو)**

ملڪيت ليي ئي ڪا نہ تہ نڪر صاحب چاليهون حصو پيو گهرڻ جي ڪوشش ڪري.

١٣٧. **موکي پنهنجي مانيءَ مان، پيٽ پري ڪائي، وجي وهي مجلس ۾، تہ سيني سُهائي، چريو ڳالهائي، تہ بہ بختاور بودلو. (چوڻي)**

---

[217] ان مطلب سان مروج ۽ مشهور ڪهاوت پڻ آهي: ڏاڍي جي لٺ ڪي بہ متا: جيڏانهن ورائي، تيڏانهن وري.

[218] پيٽيو: ڪُهَرَ ڪيئن؟ چي: ان سنوان! موچڙن سان ڪيئن؟ چي: جهولي ئي تنهنجي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

١٣٨. **مولي مينهن وساءِ، ته ڪانئر ڇڻن ڪم ڪان. (پهاڪو)**

ڪانئر: گيدي، ڊڄڻو.

١٣٩. **مون پانيو درويش، پر بازن ڪان به بڇڙو! (ورجيسي جملو)**

١٤٠. **مئا آهن، جيئرن جي وس. (پهاڪو)**

جيڪي مري ويل آهن تن جو هينئر ته ڪو وس ڪو نه هلندو. باقي جيڪي پنيان جيئرا بچيل آهن تن تي مدار رکي؛ ياد ڪن يا نه.

١٤١. **مئا پرُ، پٽجن هيل! (پهاڪو)**

ڪيترا ئي ڪنا رواج آهن جو ماڻهو ڪجهه وقت اڳي مري ويو هجي پر سندن لاءِ پٽ پوءِ به چالو رهي.

١٤٢. **مئي تٽ، ٻانيڻ به نه واڇي. (چوڻي)** [219]

١٤٣. **مئي جو ڏيئو: ڏهه ڏينهن. (پهاڪو)**

هندن جي رواج موجب مري ويل جي واسطي ڏهه ڏينهن رکندا آهن. يعني پوءِ آهستي آهستي ڪري گذري ويل وسريو وڃن.

١٤٤. **مئي ڪان پوءِ: سچ ايري ته اُيري، نه ته پي جهاني نه اُيري. (پهاڪو)**

١٤٥. **مئي کي مارڻ، سورهيه جي گلا. (پهاڪو)**

بهادر لاءِ اِهو شان نه آهي ته جو جيڪو مئو پيو هجي تنهن کي ماري.

١٤٦. **ميان ٻڏو پٽڪو: ڇئن ڏينهن جو ڇٽڪو. (چوڻي)**

١٤٧. **ميان جي مڏي: ٻه ڏنڊڻ، ٽين تڏي. (پهاڪو)**

مڏي يا سامان ٿورو هجيس، پر ڏيکاري وڏي ڏئي.

١٤٨. **ميان مري ته به حلوو ڪاٽو، ٻيبي مري ته به حلوو ڪاٽو. (ورجيس)**

١٤٩. **ميٽ جيڪي پائيندا، سي ئي لاهيندا. (پهاڪو)**

١٥٠. **ميڙو متل ئي چڏجي. (چوڻي)**

١٥١. **ميلي تي وڃي: يا هزاري، يا مداري. (چوڻي)**

هزاري: هزار-پتي. [220]

١٥٢. **ميمڻ هلي مڪي، ته به سير ساهمي تڪي. (چوڻي)**

١٥٣. **مينڌ ۾ تي، مارئي ڳائجي. (ورجيس)**

ڏک جو راڳ هلڪي نموني ڳائڻ. ڏک وقت خوشيءَ جو نمونو هلڻ.

١٥٤. **مينهن، پنهنجي ڪارنهن ڪا نه ڏسي. (پهاڪو)** [221]

١٥٥. **مينهن سيڪو ڏاري، پر ڪرو ڪو ٽينهن ڏاري. (پهاڪو)**

---

[219] تٽ يا تاريخ مرندي ناهي، پر گذري ويندي آهي، جنهن لاءِ پوءِ ويهي افسوس جا هٿ ملبا آهن. هن ڪهاوت جي اصل روپ لاءِ پيٽيو: ويئي تٽ، ٻانيڻ به نه واڇي.

[220] ميلو گهمڻ اهو وڃي، جيڪو پئسن ڪمائڻ جا گر ڄاڻي. وڏيءَ رش ۾ ٻين ماڻهن ڪان پئسا ڪيڻ وارو فنڪار ئي وڃي، ٻيو اهو وڃي، جيڪو هزارين رپيا واڌارو ڪٽي وڃي ۽ اتي وڃي بي تحاشا نموني سان اهي اُڏائي.

[221] پوريءَ طرح ڪهاوت هيئن آهي: مينهن پنهنجي ڪارنهن نه ڏسي، ڳئونءَ کي تي چوي: هل پڇ-ڪاري.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

مينهن تہ سيڪو ڏاري سگهي ٿو پر وڏي ڳالهہ آهي پوري سنڀال ڪرڻ.

١٥٦. **مينهن مچي هوريان هلي، رڍ مچي ٽپا ڏئي. (چوڻي/پهاڪو)**

مينهن ڪائي پي مچي تہ هوريان يعني آهستي هلي. باقي رڍ مچي تہ نينگ ٽپا ڏئي. ٢. اهڙي نموني گنڀير ماڻهو جئن ڪنهن عهدي کي رسي تہ وڌيڪ نهٺو ٿئي پر هلڪو ماڻهو اَجايو گهڻو ڏيک ڪري.

١٥٧. **مينهن وسي ٻہ پهر، ڇنو ٽمي ڇهہ پهر. (پهاڪو)**

مينهن ٻہ پهر وسي بند ٿيندو آهي پر ڪکن جو ڇپر، جنهن تي برسات پيئي هوندي آهي، ڇهہ پهر پيو آهستي آهستي ٽمندو آهي.

١٥٨. **مينهن ۽ مزمان، ڪيترو وقت؟ (چوڻي)**

١٥٩. **ميهر سچائي تي اَچي، تہ ڳڙهہَ تي ڪير پيارِي. (پهاڪو)**

ميهر: ميهار. ڪڙهہ: ڪڙي ڪڙي. (بيني بيني). [222]

١٦٠. **ميهر مينهن مان نڪتو، وَڇن کهڙي پارت! (پهاڪو)**

ميهر: مينهون سنڀاليندڙ. ٢. مينهون سنڀاليندڙ، وٿاڻ مان ٻاهر نڪتو تہ وڇڙن جي سنڀال جي پارت ڪنهن کي ڪبي؟

١٦١. **ميون ڦري لعل گلاب، ٻيبيءَ جو برو حال. (ورجيس)**

مرد ڏسو تہ چندجي ڦوڪجي پيو ٻاهر نڪري، پر زال ويچاريءَ جا برا حال.

١٦٢. **ميون ڳور لائق، ٻيبي سيج لائق. (ورجيس)**

ميون: مرد، مڙس. ڳور: گور، قبر.

---

[222] ڪڙهہ: مال جي وٿاڻ جو در. اها ڪهاوت هيئن بہ چوڻ ۾ ايندي آهي: جت سچائيءَ تي چڙهي تہ ڪڙهہ تي ڪير پيارِي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

( ن )

١. **ناچ نہ ڄاڻي، چي: اڱڻ اونڌو.** (ورجيس)

ناچ نہ ڄاڻندڙ، اڱڻ مان ويڪون ڪڍي.[223]

٢. **نار وهي نہ وهي، وٽي رينگٽ ڪي.** (پهاڪو)[224]

٣. **ناست ڪان، آست پلي.** (چوڻي)

اَڻ هوندي ڪان، هوندي چڱي.

٤. **نالو 'جيئو'، هٽ وجهي نانگن جي ٻرن ۾، سو بہ نہ جيئو.** (پهاڪو)

٥. **نالو نارائڻ جو، ڪوهي ڪنگهار جي.** (ورجيس)

٦. **ناناڻا ويا لڏي، چتي ڪتي چڏي.** (پهاڪو)

٧. **ناناڻن اڳيان ڏاڏاڻا ساراهين، ڏاڏاڻن اڳيان ناناڻا.** (ورجيس)

٨. **نانگ بہ مارجي، لٺ بہ نہ ڀڄجي.** (ورجيس)

٩. **نانگ بہ مري، ليڪو بہ نہ ڊهي.** (ورجيس)

١٠. **نانگ ٻرَ ڪان ٻاهر ڏنگو، ٻرَ م وڃڻ وقت سڌو.** (پهاڪو)

١١. **نانگ جو ٻچو نانگ، ڪانگ جو ٻچو ڪانگ.** (پهاڪو)

١٢. **نانگ جو ڏنگيل، نوڙيءَ پر بہ ڊڄي.** (پهاڪو)

١٣. **نانگ ريجهائڻ سولو، پر ڪرو ڪو ڳوهہ ريجهائي.** (پهاڪو)

١٤. **نانگ ڪي پير، هميشہ پيٽ ۾.** (پهاڪو)

١٥. **نانگن جا ناڙا، وٽي ڪنهن نہ هاٿي ڀڏا هر، ڪيهر شينهن، ڪنهن نہ وٽي گهمايو گهر.** (چوڻي)

١٦. **نانگ ويو آهي نڪري، هاڻي رڳو ليڪو پيو ڪُٽجي.** (ورجيس)

١٧. **نانءَ چڙهيو واپاري ڪٽي ڪائي، نانءَ چڙهيو چور ڦاهيءَ چڙهي.** (پهاڪو)

١٨. **نانءَ مردان، ڌن آوي جاوي.** (چوڻي)

اِنسان جو آهي نالو، باقي مايا تہ اَچڻي وڃڻي آهي.

١٩. **نائي جنهن جي نانگن ڪاڏي، ڏوهٽي تنهنجي وِڪُ.** (پهاڪو)

٢٠. **نائي رڌڻ واري، ڏوهٽا ڪائڻ وارا.** (ورجيس)

٢١. **نائي نوري، جتي ڪتي پوري.** (گفتار)

٢٢. **ناٽا گهوريا سرن تان، سر گهوريا شرمن تان.** (چوڻي)

انسان جي سر تان ناٽا گهٽيئي ٻيا ايندا ۽ ويندا پر شرم رکڻ لاءِ پنهنجو سر بہ گهوري ڇڏجي.

٢٣. **ناٿو آهي، شينهن جي ڪن ۾.** (چوڻي)

---

[223] پيٺيو: ڳڌڙ ڍاڪ نہ پچي سگهي، آکي تڙُ ڪوڙي، ناچو ناچ نہ ڄاڻندا، آکي پون سڙهي.

[224] پيٺيو: وهي نہ وهي، وٽي رينگٽ ڪي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

۲۴. **ناٿو اَچي تہ اَنٽو ڪري، وڃي تہ چيلهہ ڀڃي. (چوڻي)**

۲۵. **ناٿو جهڙي تاو سان گهڙجي، تهڙي تاو سان نڪري. (چوڻي)**

ناٿو MINT يا ٽڪسال، جيڪو ڪوري مان گهڙجي ٻاهر نڪرندو تهڙي ساڳئي تاؤ سان جنهن وٽ هوندو آهي اُنهيءَ وٽان نڪرندو آهي.

۲٦. **ناٿو ڏجي آڪرو، تہ گيهہ چو وٺجي ٻاڪرو. (پهاڪو)**

۲۷. **ناٿو سڙو اَچي، سڙو وڃي. (چوڻي)**

۲۸. **ناٿو سو جو ڳنڍي، ٻاٽي سان جا ڪنٽ. (پهاڪو)**

۲۹. **ناٿو ڪمائجي مڪر سان، روٽي ڪائجي شڪر سان. (چوڻي)**

مڪر: حرفت، ڪيڏبازي، چالاڪي. شڪر: ڪند.

۳۰. **ناٿو ڳڻجي، نو دفعا. (چوڻي)**

۳۱. **ناٿو نانگي جو، هٿون تو شاباس. (چوڻي)**

ڪنهن جو ڪم ڪبو تہ ناٿو پاڻ خرچيندو، وچ واري کي رڳو شاباس ڪٽڻي آهي.

۳۲. **ناٿو، نر چتو ڪري. (چوڻي)**

۳۳. **ناٿو: رتا وڇوڙي. (چوڻي)**

۳۴. **ناٿو: نينهن-ٽوڙ. (چوڻي)**

۳۵. **ناٿي ٻنا، نر ويڳاٿو. (چوڻي)**

۳٦. **ناٿي سان ڊپ، ناٿي ٻنا ڏک. (چوڻي)**

۳۷. **ناٿي سان سيڪجهہ خريد ڪري سگهجي، پر نہ ماءُ، نہ پيءُ. (چوڻي)**

۳۸. **نياڻن جا نار، واڻن چاڙهيا واٽ تي. (پهاڪو)**

۳۹. **نياڳو وڻ هينان وهي، تنهن کي ٻہ سڪائي. (چوڻي)**

۴۰. **نچڻ هلي تہ گهونگهٽ ڪهڙو؟ (پهاڪو)**

۴۱. **ندي پار ٽيڻ ڪان پوءِ: تون ڪير؟ مان ڪير؟ (پهاڪو)**

۴۲. **نٽٽڪا گهوڙا، غيباٽا هسوار. (پهاڪو)**

۴۳. **نرڌن کي آدر، ڪري نہ ڪوءِ. (چوڻي)**

۴۴. **نر نگر، نار نصرپور، نرت نورائي، هلي ڏسي جوڻ، جتي ڪپهہ جو واپار آ جائي. (چوڻي)**

۴۵. **نڙيءَ ڪان هيٺ ٿيو، نرڳ ٿيو. (گفتار)**

۴٦. **نزلو، هميشہ ضعيف عضوي تي ڪري. (پهاڪو)**

۴۷. **نقارخاني ۾ طوطي جو آواز ڪير ٻڌندو؟ (پهاڪو)**

نقارخانو: جتي نقارا وڄن.

۴۸. **نڪمٽو واٽيو، پتر پوري. (پهاڪو)**



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

۴۹. نڪا حب هوتن ۾، نڪو جس جڏين ۾. (ورجيس)

۵۰. نڪا سَڙڪَ سڌي ڪپي، نڪو ساٿ سپاهه، چاڪيءَ سندي ڏاند کي، گهر ۾ ڪوهه پنجاهه. (چوٽي)

چاڪي: چڪي پيهندڙ. ساٿ: ساٿي. سڙڪ: رستو. سپاهه: سپاهي، سنڀالي ڪندڙ.

۵۱. نڪا ڪمي گهوٽ ۾، نڪا ڪمي ڪنوار ۾. (ورجيس)

۵۲. نڪا هوند، نڪو شڪر. (ورجيس)

۵۳. نڪي پاراتن ۾، نڪي منجهه دعا، آنگ اڳيئي لکيا، پاڙڻ پوءِ پيا. (چوٽي)

۵۴. نڪي ڏِٻگرن مال ميڙيو، نڪي سُرهيا ٻک مئا. (چوٽي)

ڏٻگر: ڪِنُ ميڙيندڙ. سرهيا: سرهاڻ وارا. ۲. نڪي ڪن ميڙيندڙ شاهوڪار ٿيا، نڪي خوشبوءِ وارا ٻک مرندا.

۵۵. نماز گهٽيئي چڱي، پر رڳو اُٿ ويهه ماري. (ورجيس)

۵٦. نمڪ ڪائي، نمڪ دان نه ڀڃجي. (چوٽي)

۵۷. ننيڙو ٻار، مڇ جو وار، جيڏانهن وراءِ، اوڏانهن وري. (چوٽي)

مڇ جو وار، ماڻهوءَ جو ٻار، جئن موڙجي تئن مڙي.

۵۸. ننڍي مري نه مايڙي، ٻڍي مري نه جوءِ، ڪنت چوڙيلي نا مري، مت جهٽڪ وهيٽي هوءِ. (چوٽي)

ڪنت: مڙس. چوڙيلي: ننڍي نيٽي زال. ۲. ننڍي هوندي ڪنهن جي ماءُ مري ته دکي ٿيندو، ٻرڙ اوستا ۾ ڪنهن جي زال مرندي ته به دکي ٿيندو. ڪنهن زال جو جوانيءَ ۾ مڙس مري ويندو آهي ته انهيءَ کي ماٺهو جهٽڪي ويندا آهن.

۵۹. ننڍي وات مان، وڏو ويڻ نه ڪڍجي. (چوٽي)

٦۰. ننگو نچي، مرم لڪي. (چوٽي)

٦۱. ننهن رکڻ ڏينس، ته سر ڳيهي وجي. (ورجيس)

٦۲. ننهن سان ڇڃي، ته ڪاتي چو وجهجي؟ (پهاڪو)

مٺ محبت سان ڪم ٿي اچي ته پوءِ ڪاتيءَ جهڙي تکي ڳالهه چو ڪجي.

٦۳. نوان قاعدا، نيون نڳيون. (چوٽي)

٦۴. نور ڪانسواءِ، سپ ڪوڙ. (چوٽي)

٦۵. نوڪر اڳيان چاڪر، چاڪرن اڳيان چوُڪر. (چوٽي) [225]

٦٦. نوڪر جي جُتي، هميشه در کان ٻاهر آهي. (چوٽي)

٦۷. نوڪر گهٽا، پوئواري ٿوري. (چوٽي) [226]

٦۸. نوڪر ۽ ڏوڪڙ، وقتائتا مٺائجن. (چوٽي) [227]

---

[225] اها چوٽي پورن لفظن ۾ هن مقرر روپ سان لوڪ ۾ مشهور آهي: نوڪر مٿان چاڪر، چاڪرن مٿان چوُڪر، چُوڪر مٿان چل ڪشتهءِ زن.

[226] هڪڙي ڪم جي ذميواري گهڻن کي سونپيل هوندي ته اڪلاءُ گهٽ ٿيندو. پيٽيو: گهڻ پٽاڻ بگري، ڪائي وئي جهار.

[227] ساڳيو نوڪر، گهڻو وقت رهڻ ڪان پوءِ رازدان ٿيو وڃي. يا چوريون ڪرائي يا گهر جو وڏو ٿيو هر معاملي ۾ ٽنگ اڙائي. پئسو به جلد مٽائڻ سان فائدو ڏئي. رکيي رک ٿيو وڃي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

٦٩. **نوڪري برطرف، روزي هر طرف.** (چوڻي)

برطرف: موقوف، برخواست، جواب ملڻ.

٧٠. **نوڪري؛ ڪِنَ جي ٽوڪري.** (چوڻي)

٧١. **نوڪريءَ جي پاڙ: زبان ۾.** (چوڻي)

٧٢. **نون ميهارن ميهون ڏاريون، ڪٽا لاهي ڊونهيون پاريون.** (پهاڪو)

ميهار ماڻهو چيٽا ڪنا ڪري ڊونهي پاريندا آهن پر نوان ميهار وري پنهنجا ڪٽا وجهي ڊونهيون دکائين!

٧٣. **نوَ نوهاڻي، ڏهہ حقا تہ هرلا پڪا، نوَ نوهاڻي نوَ حقا تہ هرلا سڪا.** (چوڻي) [228]

٧٤. **نہ آهي تہ بہ پچ، آهي تہ بہ پچ.** (چوڻي)

پچ: ساڙ پچ.

٧٥. **نہ آهي چانديءَ جي ريت، نہ آهي سون جي توفيق.** (ورجيس)

٧٦. **نہ اوڌوءَ ڪا لينا، نہ ماڌوءَ ڪو دينا.** (ورجيس)

٧٧. **نہ پاروٿو بچي، نہ ڪتو در تي اُچي.** (ورجيس)

ڪاڌو پاروٿو بچندو ئي ڪو نہ تہ ڪتو بہ در تي ڪو نہ ايندو.

٧٨. **نہ جمي، نہ ڍولڪ وڄي.** (ورجيس)

ڪجهہ جمندو بہ ڪو نہ تہ ڍولڪون بہ ڪو نہ وڄنديون.

٧٩. **نہ ڏجي، نہ ڏڪوئجي.** (ورجيس)

٨٠. **نہ سدا سنگ سهيلي، نہ سدا سنگ راجا ويس.** (چوڻي)

سدا: هميشہ، سهيلي: استريءَ جو سنگ. ٢. نہ هميشہ استريءَ جو سنگ قائم آهي نڪي راجا جا ويس پٽنبر هميشہ قائم آهن. سڀ ڪجهہ بي بقا آهي.

٨١. **نہ ڪتي، نہ ڪوريءَ جي ڪاڻ ڪيي!** (ورجيس)

٨٢. **نہ ڪنهن کي سونهن سڪايو آهي، نہ ڪنهن کي عقل منجهايو آهي.** (چوڻي)

٨٣. **نہ ڪنهن جي ڪتي کي هٿ لائجي، نہ پنهنجو پٽ ڦاڙائجي.** (پهاڪو)

٨٤. **نہ کهڻ جو، نہ ڏهڻ جو.** (ورجيس)

٨٥. **نہ ڪڻ، نہ تيل!** (ورجيس)

٨٦. **نہ لاءُ، نہ ساءُ.** (ورجيس)

بلڪل بي سوادي.

٨٧. **نہ لنوندي، نہ جهوندي.** (ورجيس)

ڪنهن بہ ڪٽ پٽ جي پرواهہ نہ رکڻ.

٨٨. **نہ هوندو بانس، نہ وڄندي بانسري.** (پهاڪو)

---

[228] نوهاڻي، سنڌ اندر آباد هڪ ذات. هرلو: ٽانگهي پاٽيءَ يا شاخ مٿان چاڙهيل نار، هتي مراد آهي زمين جو ريج.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

بانس جو وڻ هوندو ئي ڪو نه ته بانسري به ڪو نه وڄندي. چاڪاڻ ته بانس مان، بانسري ٺاهي وڃائبي آهي.

٨٩. **نئن به تکي، گڙ به مٺو. (پهاڪو)**

٩٠. **نئين سنياسڻ، چيلهه ۾ جٽائون. (پهاڪو)**

سنياسي جٽائون مٿي تي رکن، پر نيون سنياسڻيون چيلهه ۾ جٽائون ٻڌن!

٩١. **نئين ڪنوار نوَ ڏينهن، چڪي تاڻي ڏهه ڏينهن. (چوڻي)**

نئين ڳالهه جو ڇهڇٽو فقط ٿورا ڏينهن آهي.

٩٢. **نياپن سان نيهن، موران ڪو نه ٿئي. (چوڻي)**

٩٣. **نياڻي: ست قرآن. (چوڻي)**

مسلمان به چون ٿا ته هڪ نياڻي ستن قرآنن سمان آهي، هندو به هن ريت چوندا آهن.

٩٤. **نيت بد، روٽي اَڌ. (چوڻي)**

٩٥. **نير جو ٽڪو لهي وڃي، پر گلا جو ٽڪو نه لهي. (چوڻي)**

٩٦. **نيڪي برباد، گناهه لازم. (ورجيس)**

٩٧. **نيڪي ڪر، درياهه ۾ لوڙهه. (چوڻي)**

٩٨. **نيڪي ۽ پڇ پڇ. (چوڻي)**

نيڪي ڪندڙ کان پڇ پڇ وري ڪهڙي ڪبي؟[229]

٩٩. **نيم طبيب، خطره جان، نيم ملا، خطره ايمان. (چوڻي)**

١٠٠. **نينگر به ننڍي، جمعا به گهٽا. (چوڻي)**

---

[229] جنهن سان نيڪي ڪرڻ جو ارادو هجي، ان کان ان بابت پڇڻ نه گهرجي. مبادا اڳلو ان ۾ پنهنجي گهٽتائي محسوس ڪندي موراڳو نيڪيءَ واري عمل کان ئي روڪي ڇڏي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

## ( و )

۱. **وات-ڏاڙهئي ڪان، تنگ-ڏاڙهيو چڱو. (پهاڪو)**

تنگ-ڏاڙهيو يعني ڪتو وغيره اِهو سنو اُنهيءَ وات ڏاڙهئي اِنسان ڪان.

۲. **وات شيري، ملڪ جاگيري. (پهاڪو)**

۳. **وات ڪائي، اڪيون لڄائين. (چوڻي)**

۴. **واتون خرار ڪاڇن، نڪئون ڪٽو بہ نہ ڪاڇي. (پهاڪو)**

۵. **وات: يا تہ محل، يا تہ مصيبت. (چوڻي)**

٦. **واپاري تہ نرم، حاڪم تہ گرم، وئيشا تہ بي شرم، استري تہ شرم. (چوڻي)**

۷. **واپاري وڪڻندو پلو، جواري ڪيڏيندو پلو. (چوڻي)**

۸. **وارا، چمارا آهن. (چوڻي)**

۹. **وارن ڪترڻ سان، مردو هلڪو ڪو نہ ٿي پوندو. (پهاڪو)**

۱۰. **واريءَ جي مٺ، جيڪو جهليس زور سان، تنهن سان ڪري جٺ. (چوڻي)**

۱۱. **واريءَ ڪي بہ، وارو آهي. (چوڻي)**

۱۲. **واڙيءَ پارهہ، هٽ اٺارهہ، گهر ويٺي چوويهہ. (چوڻي)**

زمين ۾ پوکيل اَن جي قيمت ٻارنهن، هٽ تي قيمت ارڙهن، گهر ويٺي چوويهہ.

۱۳. **واڳڻ: ڪن ڪي وائي، ڪن ڪي بادي. (پهاڪو)**

۱۴. **واندامل! چي: پالهومل تو سڏيئي! (چوڻي)**

۱۵. **واٽيو: پنج نہ سهي، پنجاهہ سهي. (چوڻي)**

۱٦. **واٽيو ڪٽي، اوگهہ سوگهہ ۾. (چوڻي)**

۱۷. **واٽيو وڙهي، ويسيءَ سان. (چوڻي)**

۱۸. **واٽيي جو وڙهڻ وقت، ڏوتي ٻڌڻ تي زور. (پهاڪو)**

۱۹. **واٽيي جي وهي بہ ڪوٽي، تہ وٽ بہ ڪوٽا. (چوڻي)**

وهي: بنديون. وٽ: تورڻ ۾ ماپڻ جون شيون.

۲۰. **واهہ ڙي دال، تنهنجي ڪهڙي ڪجي ڳالهہ! (گفتار)**

پيٽيو: دال، ٻچڙي پال.

۲۱. **واهہ مالڪ تنهنجي مايا: ڪٿي ڏوپ، ڪٿي ڇايا. (چوڻي)**

ڏوپ: اُس. ڇايا: ڇانوَ.

۲۲. **واهڻ جو واٽيو، ٿهڙو ڊوري جو پاٽي. (چوڻي)**

۲۳. **ونٺيءَ شاهہ، ڏيٺيءَ گداهہ. (ورجيس)**

ونڻ وقت شهنشاهہ وانگر وندو، باقي ڏيڻ وقت ائين هلندو جيئن بيڪاري آهي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

۲۴. **وَٽُ نہ ڪٽي، وَٽ جو وينڻ ڪٽي. (چوڻي)**

وٽ: شي، شڪل، وستو.

۲۵. **وٽو هڪڙو ڪٽي، نڪر گهٽن ڪي اَچي. (پهاڪو)**

وٽو: ٿانءُ. ۲. هڪ ڀيرو ٿانءُ چوري ڪري تہ الزام گهٽن ڪي اچي.

۲۶. **وٽو تہ ٿُرُ، نہ تہ ٻرُ. (چوڻي)**

۲۷. **وچ ڪُڏي، ڪلي آهر. (پهاڪو)**

وڇير ڪي ڪلي سان ٻڌي ڇڏبو تہ اُنهيءَ حد اَندر ئي پئي نچندي ڪڏندي.

۲۸. **وڇ ڪير ڏئي، تہ مينهن چو ڏارجي؟ (پهاڪو)**

وڇير ڪير ڏئي تہ مينهن ڏارڻ جو ڪهڙو ضرور آهي؟

۲۹. **وڇونءَ ڪي هٿجي پادر، نانگ ڪي هٿجي لٺ. (پهاڪو)**

۳۰. **وڏن گهرن، وڏا وياءَ. (چوڻي)**

وياءُ: ويم.

۳۱. **وڏن ويني ننديا، ننڍن ويني وڏا. (چوڻي)**

ايشور جو نيم عجيب آهي: وڏن ويني ننديا، پاڻ گهرايو وني.

۳۲. **وڏو مائٽ چوندو پر چوائيندو ڪا نہ. (چوڻي)**

۳۳. **وڏي ٻاگهي، ڪي وڏي ڏيٽس؟ (چوڻي)**

منجهيل سوال: ٻن منجهان وڏو ڪير آهي؟

۳۴. **وڏي ٻانهي، ڪي وڏي جوٽس؟ (چوڻي)**

۳۵. **وڏيون اکيون، اَلک ڪي. (چوڻي)**

اَلک: ايشور.

۳۶. **ور ڪٽيو ڪائجي، ور ڏٺو نہ ڪائجي. (چوڻي)**

ور: مرد، مڙس.

۳۷. **وڙهن سپاهي، نالو ٿئي صوبدار جو! (پهاڪو)**

۳۸. **وڙهن شينهن، لتاڙجن ٻوُڙا. (پهاڪو)**

ٻوڙا: وڻ، ٽڻ، ٻوٽيون.

۳۹. **وڙهن گهوٽ ڪنوار، مار پڙي وچ وارن تي. (پهاڪو)**

۴۰. **وسج، وسج، مهر نہ منج، پر جهولج جهوپڙيءَ آهر. (گفتار)**

۴۱. **وسي تہ ٻہ ڏہري گسي، نہ وسي تہ ٻہ ڏہري گسي. (پهاڪو)**

برسات وسي تہ ٻہ ڏہرو ڏور پيو وهندو جي برسات نہ پوي تہ گاهہ ڪو نہ ٿئي تہ ٻہ ڏہرو ڏور گاهہ نہ هئڻ ڪري حيران پريشان ٿئي. هيٺ ماڻهن ڪي سيني پاسان جٺ ٿئي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

۴۲. وقت تي ماڪُ جي يار سان به، گذر ڪرڻ گهرجي. (چوڻي)

۴۳. وقت ڪري واڪا، ته گهوڙو گڏهه ڪي چوي: ڪاڪا. (چوڻي)

۴۴. وڪاڻل گهوڙين جون، کهڙيون ٻهائون. (چوڻي)

جيڪي گهوڙيون وڪامي چڪيون آهن تن جا اڳهه پار ڪهڙا پڇبا؟

۴۵. وڪڻي پڇتائجي، پر رکي نه پڇتائجي. (چوڻي)

۴۶. وڪڻي چور جو ناڻُو، سڻائو. (چوڻي)

۴۷. ولائت جي ڪپر، هتي جي مٽنا. (پهاڪو)

۴۸. وليءَ مان پوت، سپوت مان ڪپوت! (چوڻي)

۴۹. وناش ڪال، وپريت ٻڌي. (چوڻي)

۵۰. وندرجي وجن، سي ٻڌن مَرُ سندرا. (چوڻي)

وندرجي: ڪل خوشيءَ ۾. مر: هميشه. ۲. جيڪي ڪل خوشيءَ ۾ سنيري وجن سي سندرا (چيلهه کي ڪپڙو ٻڌي) ڪم کي راس ڪن.[230]

۵۱. وندِبي ڪاڻُ، سک پاءِ. (چوڻي)

۵۲. وني ڪان وڏو، سور ڪني جو. (پهاڪو)

ونو: مڙس. ڪنو: نڪر جو ٿانءُ. ۲. مڙس کان به وڏيڪ ڏک آهن ڪاڏي پيتي جا.

۵۳. وٺو لهي وڃي، رٺو ڪين لهي. (پهاڪو)

وٺو: زخم. رٺو: زبان جو گهاءُ. هيئن به چيو ويندو آهي: ۱. ترار جو ڦٽ ڇٽي وڃي، زبان جو ڦٽ نه ڇٽي. ۲. ترار جي گهاءَ کان، زبان جو گهاءُ ٻڇڙو.

۵۴. وَهم جي دوا: لقمان حڪيم وٽ به ڪانهي. (چوڻي)

۵۵. وهن ڍڳا، ڪائن گهوڙا. (پهاڪو)

۵۶. وهندي پير پوڙ به چڱي، ٻينل تار به نه چڱي. (پهاڪو)

پير پوڙ: جنهن پاڻيءَ ۾ پير جيترو پاڻي يعني تانگهو پاڻي هجي. ٻينل تار: جنهن ۾ پاڻي ٻينل پر گهڻو هجي.۲. وهندڙ پاڻي ٿورو به چڱو جنهن ۾ بانس ۽ ڪچرو ڪو نه هوندو. ٻينل پاڻيءَ ۾ بانس هوندي چاڪاڻ ته وهندڙ ڪونهي.

۵۷. وَهندي درياهه مان، هٿ ڌوئجن. (پهاڪو)

۵۸. وهڻ مُنڍيو ٿي ناهه، دلو پڇي نار ڪي! (چوڻي)

اَجا پاڻيءَ جو ڪنارو ٿي ڪو نه ڏسڻ ۾ آيو آهي ته پنهنجي زال کان سڏ ڪري پيو پڇي.

۵۹. وِهُ وٽجي، سو وهه مان ڪائي. (چوڻي)

وهه: زهر. وَٽجڻ: واپار ڪندڙ. ۲. زهر وڪڻندڙ، زهر مان ڪائيندو. جيڪو جهڙو واپار ڪندو، اُنهيءَ جو فائدو ڪائيندو.

[230] وندر: علائقي جو نالو، جيڪو جابلو پٽيءَ تي ڏاڪڙن واري سفر وارو آهي. جنهن لاءِ چيل آهي، اوڏانهن جيڪي وڃڻ جو ارادو رکن تن کي، سندرو مضبوط ٻڌڻ گهرجي. مقرر روپ پڙهڻي: وندر جي وجن، سي ٻڌن مَرُ سندرا.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

٦٠. **وهو ڏڪي تي، هميشه مار. (پهاڪو)**

٦١. **وهي نه وهي، وٽ رينگڻ ڪي. (ورجيس)** [231]

٦٢. **وياج آهي، صورتي گهوڙو. (چوڻي)**

وياج، گهوڙي جي صورت آهي جو تڪڙو تڪڙو هلندو رهي ٿو.

٦٣. **وياج، رات جو به پنڌ ڪري. (چوڻي)**

٦٤. **وبائي نه سيائي، پرائي سورين آئي. (ورجيس)**

٦٥. **وينو ڪيپ ڪٽي، سچ وسڻ جي وچ ۾! (ورجيسي جملو)**

٦٦. **ويٽي، ڊپ به جمي وڃن. (چوڻي)**

٦٧. **ويٽي ڪان، وَڳندي پلي. (چوڻي)**

وڳندي: ڪم، نوڪري. ٢. ماٺ ڪري ويهي رهڻ ڪان ڪرت ڪار ڪرڻ چڱي آهي.

٦٨. **ويٽي هئي رُٺي، باقي آيس پيڪاڻو ماٺهو. (ورجيس)**

٦٩. **ويد ڪري ويدائي، سائين ڪري چڱائي. (چوڻي)**

٧٠. **ويڏي پيئي پڙهجي، ٻار پيو گهڙجي! (چوڻي)**

٧١. **وير وير واڌائي، به ورچائي. (چوڻي)**

واڌايون ملن ته سيڪو خوشي ٿئي پر ساڳي واڌائي گهڙي گهڙي ملي ته ورچائي ڪڪ ڪري ڇڏيندي.

٧٢. **ويري هڪڙو به گهڻو، سڄڻ سوين به ٿورا. (چوڻي)**

٧٣. **ويساهه وارا لنگهيا، اڻ ويساهن تار. (گفتار)**

جن ويساهه ڪيو سي لنگهي پار پيا، هاڻي ايشور ٻين کي به تار. آراڌنا ڪرڻ جو نمونو.

٧٤. **ويسهه ته پڳوان، نه ته پٿر. (چوڻي)** [232]

٧٥. **ويسيءَ ۾، ڳيسي نه ڪجي. (چوڻي)**

٧٦. **ويهي درياهه جي پَرِ تي، وجهي واڳهن سان وير! (پهاڪو)**

٧٧. **ويو نماز بخشائڻ، پر روزا ڳلي پئجي ويس. (ورجيس)**

٧٨. **ويئي تٽ، پانيڻ به نه واڇي. (پهاڪو)**

٧٩. **ويئي سڳن کي، پر ڪن به ڪپائي آئي. (ورجيس)**

٨٠. **ويئي وَٽ جو قدر، پوءِ. (چوڻي)**

٨١. **ويئيءَ وهاڻيءَ، دودي ناناڻا آيا! (پهاڪو)**

دودي ۽ چنيسر جي لڙائيءَ ۾ دودي جي مارجي وڃڻ ڪانپوءِ، دودي جي ناناڻيءَ پهر مان سومرا سندس مدد لاءِ آيا. ڪم خلاص ٿيڻ ڪانپوءِ هٿ ڏکيڙڻ آيا!

---

[231] پيٿيو: نار وهي نه وهي، وٽ رنگڻ کي.

[232] پيٿيو: پير پلو ڪن ويساهه پلو.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

( هه )

۱. هاٿي جتي ترندو، اُتي پڇ به ترندو. (پهاڪو)

۲. هاٿي ڏٻرو، ته به سوا لک لهي. (پهاڪو)

۳. هاٿي گهوڙا پيچي ويا، هاٿي گڏهه تا گاهه گهرن! (گفتار)

۴. هاٿيءَ جا ڏند: کائڻ جا هڪڙا، ڏيکارڻ جا ٻيا. (پهاڪو)

۵. هاٿيءَ جو بار، هاٿي کڻندو. (پهاڪو)

٦. هاٿيءَ جو ڪن، پپر جو پن، انسان جو من، ڪڏهن ٿو لڏي، تنهنجي خبر ڪانهي. (چوڻي)

۷. ها جو ملهه: سوَ، نه جو ملهه: لک. (پهاڪو)

۸. هارئي ڪان، پيتو پلو. (پهاڪو)

۹. هارئي ڪير لاءِ، ڪيترو روئبو؟ (پهاڪو)

۱۰. هاسي، ڪرهن جي ماسي. (چوڻي)

هاسي: ٽنولي. ڪرهن: جهيڙو.

۱۱. هاٺوڪا جوان، ڪاتيءَ جا مياڻ، ڏکو ڏين ٻين کي، ڪري پون پاڻ. (گفتار)

۱۲. هٿ سهائيندو ڪاڄي، لوڪ سهائيندو پهرجي. (چوڻي)

پنهنجي هٿ (شان، پرماڻ) سهائيندو کاڌو کائجي، پر جيئن عام کي پسند اچي تئن ڪپڙو پائجي.

۱۳. هٿان پيئي نانڪا، در در ڌڪا کاءِ. (پهاڪو)

پنهنجي هٿ مان ٿيل ڪم واسطي در در ڌڪا کائڻا آهن.

۱۴. هٿ جنين جو هيٺ، پهرين پٽڻ سي لنگهندا. (پهاڪو)

۱۵. هٿ جو گٽل، هٿ نه اَچي. (پهاڪو)

پنهنجي هٿ مان گسي ويل ڳالهه، مشڪل هٿ ايندي آهي.

۱٦. هٿ جي پٺ، ناٽي جي مُٺ. (پهاڪو)

۱۷. هٿ جي ڦٽي: نڪو دارون، نڪو پٽي. (پهاڪو)

۱۸. هٿ جي ڪنگڻ کي، آرسيءَ جو ڪهڙو ڪم آهي؟ (پهاڪو)

۱۹. هٿ چڏي، به ڪو ارڪ چٽي؟ (پهاڪو)

ارڪ: هٿ جي پٺ.

۲۰. هٿ ۾ روٽي، مٿي تي سوٽي! (ورجيس)

۲۱. هٿ ۾ قرآن، ڪڇ ۾ ڇري. (ورجيس)

۲۲. هٿن جا ليکا، ڪو نه ڌهن. (پهاڪو)

۲۳. هٿن سان هاجون ڪري، پيرن سان ڪڏون ڪوٽي. (ورجيس)

۲۴. هٿ وڪڻجن، پر ذات نه وڪڻجي. (پهاڪو)



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

۲۵. **هٿ ڪٽائي، حلوا نہ کائجن./ حلوو نہ کائجي. (پهاڪو)**

۲٦. **هڏ بنا سڏ، ڪير ڏئي؟ (چوڻي)**

۲۷. **هڏ ڏي تاءِ، تہ سٽ ڪتين ٽي پاءَ. (گفتار)**

۲۸. **هر پول، وچ ۾ قول. (ورجيس)**

هر: هريءَ جو نالو.

۲۹. **هر ڪو روئي آپ ڪو: نہ مائي ڪو، نہ باپ ڪو. (چوڻي)**

۳۰. **هرندڙ نہ هير متان هرن، هريل نہ ڦير متان وڙهن. (چوڻي)** [233]

۳۱. **هرڻي اڳيئي نچڻي، ويتر پيس گهنبڙي. (پهاڪو)**

۳۲. **هر هالا، منهن ڪالا. (گفتار)**

۳۳. **هر هر هورائي، وڃڻ در دوستن جي. (چوڻي)**

هر هر: گهڙيءَ. هورائي: هلڪائي.

۳۴. **هڙ بہ گاسو، لوڪ بہ تماشو. (ورجيس)**

هڙ: (ڪيسو) گاسو: گسي، نقصان.

۳۵. **هڙ سڪڻي، لوڏ گهڻي. (ورجيس)**

۳٦. **هڙ ۾ تماڪ، تہ جهنگ مڙيو ئي دائريو. (پهاڪو)**

دائريو: اوتارو.

۳۷. **هڙ ۾ هريڙون، گوڏ ۾ پتاشا. (ورجيس)**

۳۸. **هزار ورهيہ جهنگل، هزار ورهيہ ننگر. (چوڻي)**

۳۹. **هسٽو جوڳي، پڏٽي نار، گد کهي، هي ٻئي مار. (چوڻي)**

گد، هڪ ڪوي ٽي گذريو آهي. هيءَ تنهنجي چوڻي آهي. جوڳي جيڪو ڪلندڙ هجي ۽ استري پڏ پڏ ڪري نچندڙ هجي، تنهن کي مار ڏيڻ گهرجي.

۴۰. **هڪ ٽئي جون روٽيون: ڪي چوٽيون، ڪي موٽيون. (پهاڪو)**

۴۱. **هڪ-ٽنگي جي ملڪ ۾ وڃجي، تہ ٻي ٽنگ ڪٽي لڪائجي. (پهاڪو)**

۴۲. **هڪ چُپُ، هزار چَپ. (پهاڪو)**

۴۳. **هڪ روٽي ڏينس تہ هڪ ڏينهن کائي، سو سيکارينس تہ جان جيئي تان پائي. (گفتار)**

۴۴. **هڪڙا ڏڪ، ٻيون ڏونگريون. (ورجيس)**

ڏونگريون: جبل، پهاڙ.

۴۵. **هڪڙو آنو، سو بہ ڪنو! (ورجيس)**

هڪڙو پٽ سڪي جائو، سو بہ ناخلف پيدا ٿيو.

---

[233] اها چوڻي مقرر روپ ۾ هيئن چئبي آهي: اڻ هيريا نہ هير، متان هرنئي، هيريا نہ ڦير، متان وڙهنئي.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

٤٦. **هڪڙو ٻل ٻانهن جو، ٻي جا چگي نار، ٽيان مٿر ساهرا، چوٿين لعل ڪنوار. (ڀاڪو)**

٤٧. **هڪڙو ڀنڊ، ٻيو مهائڻ. (ورجيس)**

مهائڻ: نگڻ.

٤٨. **هڪڙو چٽو: نہ مٽ ڀري، نہ ٻٽ ڀري. (ڀاڪو)**

٤٩. **هڪڙو چوي، ٻيو مڃي: تنهنجو پورهيو، ڏٺي بہ نہ پڇي. (ڀاڪو)**

٥٠. **هڪڙو سيد، ٻيو سپاهي: تنهن ڪان رکج يا اِلاهي. (ڀاڪو)**

٥١. **هڪڙو ڪٽي سَوَ ڪائين، سوَ ڪٽن هڪڙو بہ نہ ڪائي. (ڀاڪو)**

٥٢. **هڪڙو: نہ روئندو سونهين، نہ ڀٽيندو سونهين. (ڀاڪو)**

٥٣. **هڪڙي اَڻ هوند، ٻيو افعال ٻچڙا. (ورجيس)**

٥٤. **هڪڙي پانهي، ٻيو ٻرو. (ڀاڪو)**

ٻرو: ڪم ڪرڻ لاءِ تپ چڙهڻ.

٥٥. **هڪڙي ٻيلي ۾، بہ شينهن نہ ماپن. (ڀاڪو)**

٥٦. **هڪڙي ڀنَ، ٻي ڀَڇَرَ. (ڀاڪو)**

٥٧. **هڪڙي جا سمهي مٿي، ٻي جا ڀوي ٽير، تہ نہ چڙهندو بہ چڙهي! (ڀاڪو)**

ٽير: ماڪ. ٢. يعني: هڪڙو وجي سمهي مٿي چوٽ تي، ٻي جا ڀيئي ماڪ سو نہ اَچڻ وارو تپ بہ ضرور چڙهي ايندو.

٥٨. **هڪڙي چوري، ٻي سينا زوري. (ڀاڪو)**

٥٩. **هڪڙي ديگڙي ۾ بہ هٿ، سو ڪنهن جي نہ هٿ. (ڀاڪو)**

٦٠. **هڪڙي ڪائي: ٻري ڪهڙو سوجهرو ڪندي؟ (ڀاڪو)**

٦١. **هڪڙي ڪُپڙي ڪير ڀري، ٻي بہ ڏيندو اَللهہ. (ڀاڪو)**

٦٢. **هڪڙي ڪن ڪان ٻڌو، ٻئي ڪن ڪان ويو! (ڀاڪو)**

٦٣. **هڪڙي ڪي چئي: ڀيءُ مئو، ٻئي ڪي چئي: ماءُ مئي. (ورجيس)**

٦٤. **هڪڙي لٽي، سهسين ڀٽي. (چوٽي)**

سهسين: سوين. ٢. هڪ در بند ٿئي تہ سوين ٻيا در کلن.

٦٥. **هڪڙي واءَ ڪان گهٽا ڪکر، هڪڙي شينهن ڪان گهٽا مرون، هڪڙي مور ڪان گهٽا سپ، هڪڙي سيگ ڪان گهٽا ڪانوَ ڀڇن. (ڀاڪو)**

٦٦. **هڪڙيءَ کپ ۾، بہ تراريون نہ ماپن. (ڀاڪو)**

٦٧. **هڪ سڄ، ٻي سيٽ، ٽين حلوي سان ماني! (ورجيس)**

٦٨. **هڪ سِرَ لاءِ، مسجد ڪيئن ڍاهبي؟ (ڀاڪو)**

هڪ ماس جي ٽڪر لاءِ سڄي مسجد ڪيئن ڍاهي پٽ ڪبي؟

٦٩. **هڪ شينهن جو شڪار، سوَ لومڙيون ڪائن. (ڀاڪو)**



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

٧٠. **هڪ مڻ علم کي، ڏهه مڻ عقل گهرجي. (پهاڪو)**

٧١. **هڪ نور آهي آدمي، هزار نور آهي ڪپڙو. (پهاڪو)**

٧٢. **هڪ وات ڪنڌ سان به پري سگهجي، پر سوَ وات لوڻ سان به ڪو نه پرجي سگهن. (پهاڪو)**

٧٣. **هڪ وٽي ڪو نه، پيو جتيءَ سوڏو جهوليءَ ۾! (ورجيس)**

ڪو انسان وٽندو ڪونهي ته به جتي سوڏو جهول ۾ اَچي پوندو آهي.

٧٤. **هڪ هٿ سان پکيڙجي، ٻن هٿن سان ميڙجي. (پهاڪو)**

٧٥. **هڳ سهانگي، ته به ڪا ٻات ۾ گهوربي؟ (پهاڪو)**

٧٦. **هڳ وجي، پر هڳ جي ٻانس نه وجي. (پهاڪو)**

٧٧. **هِلَ جي آکيري ۾، ماس ڪٿان آيو؟ (پهاڪو)**

پکيءَ جي آکيري ۾ ماس ڪٿان ايندو؟ [234]

٧٨. **هلڻ چلڻ ڪنهن کي ڪو نه ماري، رڳو وهڻ. (چوٽي)**

٧٩. **همٿ چوي؛ جيڪو مونکي وڏائي، تنهن کي مان وڏايان. (چوٽي)**

٨٠. **همٿ مردان، مدد خدا. (چوٽي)**

٨١. **هنج نه ميرو وت، جاسين جيئن ڏينهڙا، جيءَ نه جنجل گهت، سر تان سر ڪيترا. (پهاڪو)**

٨٢. **هنجن سان حرص ڪري اُڏاٽي چڙي، چٽو هوس ڇهنب ۾، سو به پيس ڪِري. (پهاڪو)**

هنج: هنس پکي. حرص: شوق. چڙي: جهرڪي. ٢. هڪ جهرڪي هنس پکي وانگر شوق رکي، مٿي اُڏامڻ لڳي. پر قدرت سان ڇهنب ۾ جيڪو چٽو پيو هوس، سو به پٽ ۾ ڪري پيو. ٻين سان ريس ڪرڻ جو اَهڙو نتيجو نڪرندو آهي.

٨٣. **هندو ڳانءِ، مسلمان سوئر. (پهاڪو)**

٨٤. **هند ڏسي، هاسي ڪجي. (پهاڪو)**

هاسي: کل، مسخري.

٨٥. **هنڊي اُپامندي، ته پنهنجا ڪنا ساڙيندي. (پهاڪو)**

٨٦. **هنر نر آهي، بي هنر ڪر آهي. (چوٽي)**

٨٧. **هنر واري جو هنر، بي هنر واري جي جند. (چوٽي)**

٨٨. **هنئڙا، گهر ته گهرانءِ. (چوٽي)**

تون مون کي پيار ڪر ته مان به موٽ ۾ تو کي پيار ڪريان.

٨٩. **هڻ ڏيءَ کي، ته سِکي ننهن. (پهاڪو)**

٩٠. **هٺن ڪين حمير، ڪائڻ پاٽ پلاهه جي. (ورجيس)**

حمير: بهادر. ٢. بهادر ڪم ڪو نه ڪن پر عمدي ڪاڏي جي پاتل اڳيان اچي ته ڪائي وڃن.

---

[234] هل: سرڻ. سرڻ، هڪڙو گوشت خور پکي آهي، جيڪو گوشت کان سواءِ رهي نه ٿو سگهي ۽ ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ سٽون پيو ڏيندو آهي. ان ڪري اهو پکي پنهنجي آکيري ۾ گوشت ڪنو ڪري رکي نه سگهندو، بلڪ جيئن جيئن ملندو ويندس، تيئن تيئن چٽ ڪندو ويندو.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

٩١. **هو ساڻ نہ نيندا، هيءَ ڏاند چڙهندي. (ورجيس)**

ڪنهن جو ساٿ بہ نہ وٺي تہ اڳلو لاڏ ڪري چوي: مان تہ پنڌ ڪا نہ هلندس!

٩٢. **هو سوڙ پاند بہ نہ ڏين، هيءَ وچ ۾ سمهندي. (ورجيس)**

٩٣. **هوند تي، هونگر ڏجي. (ورجيس)**

جيڪي هٿ ۾ هجي، اوڏو آواز ڪجي.

٩۴. **هيانءَ تتي ڪان، ڪڙي تتي چڱي. (چوٽي)**

هيانءُ: من، جگر. هڪ هنڌ رهي پنهنجي من کي تپائڻ کان، اتان پچي پنهنجي ڪڙي تپائجي تہ بهتر آ.

٩٥. **هير، چني پير. (چوٽي)**

٩٦. **هيريءَ سندي هير، تنگ پڳي بہ نہ لهي. (چوٽي)**

٩٧. **هيٺا، هر ڪنهن وهيٺا. (چوٽي)**

٩٨. **هيٺي کي نہ هٽي، سو هٽن ۾ لهي. (پهاڪو)**



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

## ( ي )

۱. **يا درياهه ٽپي وڃي، يا اڏ تي ٻيهي رهي. (ورجيس)**

۲. **يا ڏونگهو ڏر ۾، يا ڪپو ڪڇ ۾. (ورجيس)**

پاڻي ڪڏ ۾ هيٺ هوندو ۽ ڏونگهو وجهبو ته هٿ مان ڏونگهو يا ڇڏائجي وڃي ڪڏ ۾ پوندو يا پاڻيءَ سان پرجي ايندو. جنهن ڪري پاڻيءَ سان ڀريل ڪپڙو دونگڙو ڪڇ ۾ ڪڇبو. ۲. ڏوونگهو: ٺونگ. ڪپو: دونگڙو.

۳. **يار اُهو جو اوکيءَ ۾ ڪم اَچي. (چوٽي)**

۴. **يار ٻه تيلي، سينڌ ٻه ميلي. (ورجيس)**

يار هجي تيل وڪڻندڙ پوءِ ٻه پنهنجي سينڌ اڻيي هجي ته ڪوڙو ڪئن ٻيهندو؟

۵. **يار جن کي ياد، سي ياد هميشه يار کي. (چوٽي)**

٦. **يڪ را بگير، دوسري کي دعوىٰ. (چوٽي)**

هڪڙو ته پهرين هٿ ۾ ڪر، پوءِ ٻئي جي گهر ڪر.

---



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944

## مدد ورتل:

”سهج ڪوش“، سنڌي-سنڌي ڊڪشنري ماسر سهج رام ٺهلرام.

”گل-شڪر“، ديوان ڪيولرام سلامتراءِ آڏواڻي.

”گل قند“، شري پيرومل مهرچند آڏواڻي.

”هئنڊ بوڪ آف سنڌي پراوربس“، شري روچيرام گجو مل.

”سنڌي ڪتمنٽرا“، غلام اصغر پاڪستان.

”پهاڪا ۽ اصطلاح“، شري بي بي راماڻي.

”پهاڪن جي پاڙ“، پروفيسر عبدالڪريم سنديلو (پاڪستان)

”پهاڪن جي حڪمت“، مرزا قليچ بيگ.

”چوئت جو چنڊ“، سرڳواسي لعلچند امرڏنومل.

”اناردانہ“، پروفيسر نارائڻداس رتنچند ملڪاڻي.

”سنگهٽن“، ”هندواسي“، ”ڪونج“ اخبارن جي پرچن مان.

مدد ڪندڙ:

سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ.

ميشرس ايل ڪشنچند وارن ڪتاب ڳولهي لهڻ ۾ مدد ڪئي. ڪيترن پينرن ۽ پائرن پڻ مون کي هن پستڪ تيار ڪرڻ ۾ هر طرح جي ساهتا ڪئي، جن سڀني جو مان شڪر گذار آهيان.

## وينتي:

ڪرپا ڪري پلون سڌاري ۽ هڪ هڪ پهاڪو ڌيرج سان پڙهو.

پستڪ هٿ ڪرڻ ۽ وڌيڪ صلاحن لاءِ هيٺئين پتي تي لکپڙهہ ڪريو:

شري هريش وي، هاٿيراماڻي، ڪؤپر بلڊنگ، پهريون ماڙو، ۲۲۹، برنسز سٽريٽ، بمبئي ۲.



Kutab Khano Whatsapp Library - Admin: Ameer Adnan 00923337516944